ڀڳت ڪبير

(جيون چرتر - فيلسوفي - ساکي اَمرت)

ليکڪ

ديودت ڪندارام شر

ڀڳت ڪبير

(جيون - منوهر ڪهاڻيون - درشن (فيلسوفي) ۽ ساکي اَمرت)

ليکڪ

ديودت ڪندارام شرما

قيمت اڍائي روپيه

سال ١٩٦٥

پرڪاشڪ

سندر ساهتيه پبلشنگ هائوس اجمير.



پگت کبیر

(ہک پراچین چتر تاں ورتل)

فهرست

اڌيائي	وشيه	صفحو
۱.	ڀڳت ڪبير جو جيون	۱
۲.	ڪبير صاحب جي شخصيت	۲۱
۳.	ڪبير جون رچنائون ۽ ٻولي	۳۴
	ڪبير جو ڪاويه (شعر)	۴۱
۴.	منوهر ڪٿائون	۴۶
۵.	ڪبير صاحب جو سنت مت	۶۲
۶.	ڪبير صاحب جو رهسيه واد	۶۷
۷.	ادوئيت واد ۽ ڪبير	۷۷
۸.	هٺ يوگ	۸۶
۹.	ڀڪتي	۹۴
۱۰.	صوفي واد	۱۰۶
۱۱.	ڪبير ساکي امرت	
۱.	ايشور	۱۱۷
۲.	ستگر جي مهما	۱۱۸
۳.	هٺ يوگ	۱۲۱
۴.	سمرڻ جو انگ	۱۲۲
۵.	برهه	۱۲۵
۶.	پرچو (سچاٽپ)	۱۳۰
۷.	رس جو انگ	۱۳۶
۸.	پتورتا جو انگ	۱۳۷
۹.	من جو انگ	۱۴۰
۱۰.	سوکم مارگ جو انگ	۱۴۴
۱۱.	مايا جو انگ	۱۴۵

اڌيائي	وشيه	صف
۱۲.	نوگين جا انگ	۴۷
۱۳.	ڪرٽيءَ بنان ڪٿڻي	۴۹
۱۴.	ڪٿڻيءَ بنان ڪرٽي	۵۰
۱۵.	ڪام جو انگ	۵۱
۱۶.	سهج جو انگ	۵۳
۱۷.	سچ جو انگ	۵۴
۱۸.	ڀرم نوارڻ جو انگ	۵۷
۱۹.	ڀيک جو انگ	۵۹
۲۰.	ڪسنگ ۽ سنگت جو انگ	۱۶۰-۶۱
۲۱.	اساڌ ۽ ساڌوءَ جو انگ	۶۲
۲۲.	نرمل نگاهن واري جو انگ	۶۳
۲۳.	ساڌوءَ جي مهما جو انگ	۶۶
۲۴.	مڌ (وچين مارگ) جو انگ	۶۷
۲۵.	وچار جو انگ	۶۹
۲۶.	اُپديش جو انگ	۷۰
۲۷.	وساهه جو انگ	۷۲
۲۸.	سامرٿيءَ جو انگ	۷۳
۲۹.	شبد جو انگ	۴
۳۰.	پريت ۽ سنيهه جو انگ	۵
۳۱.	سوروير جو انگ	۶
۳۲.	ڪال جو انگ	۸

اڳ اکر

سنڌ ساهتيه پبلشنگ جي سستي ساهتيه مالا جو ستون مولي ظاهر ڪندي خوشي ٿي ٿئي، خاص ڪري انڪري جو هي مهاتمائن جي جيون ۽ سکيائن سنبنڌي ٽيون گل آهي. هن کان اڳ "شري رامڪرشن امرت ڪٿا" ۽ "جڳت گرو وويڪانند" ٻه پستڪ سنڌي ساهتيه ۾ چڱي جاءِ والاري چڪا آهن ۽ آشا آهي ته هي ٽيون گرنٿ "ڀڳت ڪبير" اُنهن کان گهٽ لوڪ پريه نه ٿيندو.

ڪبير ڀڳت جي نالي کان ڪوبه ڀارتواسي غير واقف ڪونه آهي. هو نه فقط هڪ سچو ڀڳت هئو، سادو هئو، تپسوي هئو، گرهست ۾ رهندي نرليپ تياڳي هئو، گياني گڻڪاري هئو، پر اهو برهم گياني هئو، جنهن لاءِ سکمڻي صاحب ۾ چيل آهي:-

"برهم گياني کو کوجه مهيسر؛

نانڪ برهم گياني آپ پرميسر."

اهڙن ڀڳتن ۽ ڀڳوان ۾ ڀيد ڪهڙو؟ اهڙن سادن لاءِ ٿي ته چيل آهي:-

"ساڌ کي مهما بيد نه جانهه- جيتا مُنهن ليتا بکانهه."

"سنت اور پارس ۾ ايڪ انتر جان؛

پارس لوها ڪنچن ڪري، وه ڪرت آپ سمان."

سنت ۽ پارس ۾ هڪ ڀيد آهي، جو پارس ته لوهه کي سون بڻائي سگهندو آهي (پر پاڻ جهڙو پارس ڪين بڻائي سگهندو آهي)، مگر سنت جگياسوءَ کي پاڻ جهڙو بڻائي سگهندو آهي)

اهڙو ٿي هئو ڀڳت ڪبير. جنهن وقت اسان جي ديش ڀارت ورش ۾ هڪ طرف اسلامي راڄ هيٺ هندن سان ظلم

ڀڳت ڪٻير

(منوهر ڪٿا)

مست مولي، ڪٻير اُنوقت پيدا ٿيو جڏهن وقت ڀارت
ورش ۾ انيڪ پاکنڊي مت متانتر پيدا ٿي چڪا هوا. تنهنجي
ستان وري اسلام هڪ هٿ ۾ تلوار ۽ ٻئي هٿ ۾ قرآن کڻي
هندوستان ۾ پهچي چڪو هو. هندن جا مندر ۽ مورتيون
انا ئي ويا مگر پراڻن ۾ بيان ڪيل هاٿيءَ جي هڪ پڪار
سڻي ڊوڙي اچي ڪيس گراهه کان ڇڏائڻ وارو وشنو ڪٿي؟
هندن محمد غزنويءَ کي اهڙو ڏسي خوب ايشور کي
ڪاريو مگر سومنات جو مندر ٽوڙيو ئي ويو ۽ ڀڳت وڇل
وپال، دروپديءَ کي چير ڏيڻ واري کي ڏيا نه پيئي. هندن
ن سگڻ پرماتما مان اعتبار موڪلائي ويو هو ۽ هندو قوم
استڪ ٿيڻ جي ڪناري تي پهچي چڪي هئي.

خون ۽ پسينو هڪ ڪري پگهر جي ٻورهئي تي گذران ڪندڙ
ندوهارين جي ڪمائيءَ جو اڌ حصو ڍل جي صورت ۾ سرڪاري
اني ۾ داخل ٿيندو هو. هندن لاءِ گهوڙي جي سواري ۽
ا ڪپڙا پهرڻ ڏوهه سمجهيو ويندو هو. مندرن کي ڀڃڻ
جي ڳالهه هوندي هئي. هندو استرين جي پتورت ڌرم
رکيا ڪرڻ مشڪل ٿي پيئي هئي. هندو جاتيءَ مان
گيءَ جون سڀ نشانيون ويئون ٿي غائب ٿينديون.

جڏهن ڪشت حد لنگهي وڃي ٿو تڏهن منش جو من
ڀمهڻجي اُپائڻهار پرماتما ڏانهن مائل ٿيندو آهي مگر اُنان
جڏهن اُنهو ڇوٽڪارو نہ ٿيندو آهي تڏهن نراس ٿي اُ
اُپائڻهار جي هستيءَ مان بہ سندس ويساھ نڪري وڃي
ڪبير جي جنم وقت هندو جاتيءَ جي اها حالت هئي. اُه
وقت ۽ حالتون اِنسان جي ناستڪ ٿيڻ لاءِ سٽايون هيون
جيڪڏهن اها لهر لڳي وڃي ها تہ ان ۾ شڪ ڪرڻهي
هندو قوم ناستڪ ٿي وڃي ها ۽ هندن جي رشين مني
جي ڪيل ڪئي ڪمائي چٽ ٿي وڃي ها. مگ
ڪبير صاحب ڏاڍيءَ چترائيءَ سان جنتا جو من وري ڀڳتي
ڏانهن موڙي ڀڳتي ڀاؤ جو پرچار ڪيو. اُهو وقت فقط نرگ
برهم جي ڀڳتيءَ لاءِ ٺي سٽائي هو، جيتوڻيڪ نرگڻ ڀڳتي
جي شڪتي اُنيڙُ ڪرڻ ڏکي آهي، جو فقط اُنهو آياس ٿ
ملي سگهي ٿو. پر ٻڌندڙ لاءِ جهڙيءَ ريت وهندڙ پوڙو بہ آ
ٻڌو وڃي اهڙيءَ ريت نرگڻ ڀڳتي هندن لاءِ آڌار بڻجي پيئي
هوڏانهن مسلمان بہ نرگڻ جا اُپاسڪ هوا انهيءَ ڪري اُن س
ٽهڪندڙ مارگ تي لڳائي ڪبير هندو جنتا کي سنتوش
شانتي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪبير صاحب جو جنم

ڪبيرداس جي جيون سان واسطو رکندڙ ڳالهيون
گهٽ روشنيءَ ۾ آيون آهن. اهتريقدر جو سندس جن
مرليوءَ جي سد سنبت جو بہ پورو پتو نہ پئجي سگهيو آ
انهيءَ نسبت جدا جدا ودوانن جا جدا جدا راءِ آهن. ڊا
هنٽر سندس جنم جو سنبت ۱۴۳۷ لکي ٿو، تہ وري ري
ويسٽڪٽ صاحب لکي ٿو تہ ڪبير جو جنم ۱۵۷۵ سن
۾ ٿيو.

ڪبير پنٿين ۾ سندس جنم نسبت هيٺيون پد مشهور آهن.

چؤدهه سؤ پڇپن سال گئي، چندر وار ايڪ ٺاٺ ٺئي
جيٺ سُدي برسايت ڪو، پوُرنماسي تٿ پرگٽ ڀئي
گهن گرجي دامن دمڪي، بوُند ين برکين جهر لاڳ گئي
لهر تلاؤ ۾ ڪمل کلي، تنهن ڪبير ڀانوُ پرگٽ ڀئي.

ارٿ:- سنبت ١٤٥٥ جيٺ مهني جي سهائي پورڻماسيءَ تي سومر جي ڏينهن جڏهن بادل گرجي رهيا هوا، بجلي چمڪي رهي هئي ۽ بارش جون تيز بوُندون ٿي برسيون، تڏهن لهر تلاءَ نالي تلاءَ ۾ هڪ ڪنول گل ٽڙيو جنهن ۾ ڪبير روپي سج پرگهٽ ٿيو.

انهيءَ دوهي تي بحث ڪندي ڊاڪٽر شيام سندرداس لکي ٿو ته سنبت ١٤٥٥ ۾ جيٺ جي پورنماسيءَ تي سومر آيو ئي ڪونه هو، پر ١٤٥٦ تي جيٺ جي پورڻماسي سومر تي ٿي هئي. هوڏانهن ريورنڊ ويسٽڪٽ لکي ٿو ته گرونانڪديو جنهن جو جنم سنبت ١٥٢٦ ۾ ۽ سرڳواس ١٥٩٦ ۾ ٿيو، جنهن وقت اهي پاڻ گڏيا هوا تنهن وقت نانڪديو جي عمر ٢٧ سال هئي يعني سنبت ١٥٥٣ ۾ پاڻ گڏيا هوندا ۽ ڪبير صاحب ڪافي جهوڙ ٿي چڪو هوندو. ڪبير صاحب ١٢٠ سالن جي عمر ماڻي.

ماتا پتا

ڪبير صاحب جي زندگيءَ جي واقعن نسبت ڪا فيصل شد ڳالهه معلوم نه ٿي ٿئي، جاڪاڻ ته انهن جو سمورو آڌار جنتا ۽ خاص ڪري ڪبير پنٿين ۾ هلندڙ ڏند ڪٿائن تي آهي. خود سندس ماتا پتا جي باري ۾ به ڪيترين ئي ڪٿائون

ٻڌايون وڃن ٿيون. ڇون ٿا ته هڪ ڀيرو ڀڪت ٻراهڻ
پنهنجيءَ وڌوا نياڻيءَ کي وٺي سوامي رامانند وٽ ويو. ٻر
ڪرڻ تي، سوامي جيءَ کيس آسيسا ڪئي ته "شل پترو
ٿين." ويچاري ٻراهڻ جي واتان رڙ نڪري ويئي ڇ
"سوامي جي منهنجي نياڻي ته وڌوا آهي." انهيءَ ت
سوامي جن ڏک ظاهر ڪندي چيو ته منهنجي زبان م
نڪتل وچن اجايو نه ويندو، مگر انهيءَ ڳالهه ۾ سنتوش
ته مڇهانس پيدا ٿيل پٽ وڏو پرتاپي ٿيندو. جڏهن
ٻراهڻ جي ڪنيا کي پٽ پيدا ٿيو تڏهن لوڪ لڄ جي
ڪان کيس ڪاشيءَ جي لهر تلاءُ جي ڪناري تي
ڪيو ويو. ڀاڳن سان ٿوري ئي وقت بعد نيروءَ نا
ڪوري پنهنجيءَ زال نيما سان گڏ اچي اتان لنگهيو. ه
تيجسوي ٻالڪ ڏسي هو کيس کڻي وڃي پالڻ لڳا. اڳ
هلي اهو ساڳيو نينگر ڪبير جي نالي سان مشهور ٿيو.
سگهي ٿو ته ڪبير صاحب وڌوا ٻراهڻيءَ مان پيدا ٿيو ه
۽ سوامي رامانند جي آسيس جو ورتانت ٻراهڻ ڪ
جي ڪلنڪ ميٽڻ لاءِ گهڙيو ويو هجي. مگر اِتري ته پ
آهي ته مسلمان گهر ۾ پلجڻ تي به سندس هندو ويچار
ڄاڻائي ٿي ته هنجو سمبنڌ هندو خون سان آهي. خود ڪ
صاحب پنهنجي ماتا پتا جي ٻاري ۾ ڪا ڳالهه ڪانه ڪ
آهي فقط پاڻ کي ڪوري يا ڪاشي واسي پئي ڄاڻايو آهي

۱- "جاتِ جُلاها مَتِ ڪو ڌيرِ،

هَرَکِ هَرَکِ گُڻَ رَمَهُ ڪ

۲- ميري رام ڪي اَيَهُ پد نگري، ڪَهَهُ ڪبير جُ

۳- تُوُ باهمَنَ مَيَن ڪاسي ڪا جُلاها."

ارٿ:- مان ذات جو ڪوري، عقل ۾ ڌيرجوان.

٢- ڪوري ڪبير چوي ٿو ته منهنجي رام جي نريته
پد واري نگري آهي.

٣- اي ڪاشيءَ جا پنڊت، توهين برهمڻ آهيو ته مان
ڪاشيءَ جو ڪوري آهيان.

۽ معلوم ٿئي ٿو ته سندس دلي خواهش اها هئي ته
"هوند مان برهمڻ ڪل ۾ پيدا ٿيان ها." پورب جنم ۾ برهمڻ
هئڻ جي ڪلپنا ۾ ٿي هو سک محسوس ڪري ٿو. سندس
اڳيان جنم هن ريت چيا وڃن ٿا.

١- ست جڳ ۾ 'سُڪرتي' ٢- تريتا جڳ ۾ 'مُنيندر'
٣- دواپر جڳ ۾ 'ڪَرُنا سوامي' ۽ ٤- ڪلجڳ ۾ ڪبير جي
نالي سان اوتار ڌارڻ ڪيائين. هڪ پد ۾ چوي ٿو ته

پُوَرَبَ جَنَمَ هَمَ بِراهَمَنَ هوتي
اوڇي تَپَ ڪَرَم هِينا
رام ديوڪي سيوا چُوڪا، پڪڙ جلاها ڪِينا.

اڳئين جنم ۾ مان برهمڻ هوس، منهنجا ڪرم بلڪل
نيچ هئا ۽ رام جي سيوا ۾ پوئتي پيس جنهن جهلي ڪڍي
ڪوري ڪيم.

جنم استان

ڪبير جي جنم استان لاءِ به جدا جدا رايا آهن. ڪي
چون ٿا ته مگهر ۾ ڄائو هو پوءِ ڪاشيءَ ۾ اچي رهيو.

پهلي دَرسَنَ مَگهَر پايو، پُنِ ڪاسي بَسي آئي.
(گرانٽ صاحب)

گرنٿ صاحب جي ٻئي پد ۾ وري چاٽايل آهي ت

"ٺوري ڀرُوسي مَگهر بسايو،
ميري تَن ڪي تَپن بُجهائي ."

ارٿ:- تنهنجي آڌار مان مگهر ۾ اچي رهيس جنهن
منهنجي تن جي تپت ٻجهائي ڇڏي.

انهيءَ مان ته ڪاشيءَ ۾ پيدا ٿيڻ جي ڳالهه ثابت
ٿئي ٿي نه ٿي. ڊاڪٽر شيام سندر داس جو انهيءَ نسبت راءِ
آهي ته ڪبير صاحب ڄائو ڪاشيءَ ۾ هوندو مگر سندس
ٻالاپڻ مگهر ۾ گذريو هوندو.

گرو ڪرڻ

ڪبير صاحب جو ننڍي هوندي کان ئي ڌرم ڏانهن
لاڙو هو. وڏي ٿيڻ تي هو پڇن ڳاڻي اپديش ڪندو ونند
هو. پر ماڻهو کيس نگرو (ٻنا گرو) ڪري سڏيندا هوا
سندس اپديش ڏانهن ڪو به ڌيان ڪين ڏيندا هوا. انهي
ڪري ڪبير صاحب کي گرو ڪرڻ جي چنتا پيدا ٿي. چو
ٿا ته انهن ڏينهن سوامي رامانند سڀ کان مشهور مهاتما ه
انهيءَ ڪري ڪبير صاحب کيس گرو بڻائڻ لاءِ وٽس ويو
هن کيس مسلمان هئڻ ڪري شش بڻائڻ قبول نه ڪيو.
تي ڪبير هڪ ڪيڏ ڪئي. ٻڌو هوائين ته سوامي رامان
صبح جو روز سوير اونداهيءَ ۾ پنچ گنگا تي سنان ڪرڻ ويند
آهي. سو سوامي جن جي اچڻ کان اڳ ئي ڪبير صاحب
گهاٽ جي هڪ ڏاڪي تي وڃي ليٽي پيو. سوامي جن جڏ
سنان ڪري موٽيا ته اونده سبب سندن پير وڃي ڪ
صاحب جي مٿي سان لڳو؛ تنهن تي سوامي جن "رام را
چئي ٻڙٻڙو ٿي پيا. ڪبير صاحب جهٽ اٿي ڪڙو ٿي

جي سوامي جن جي چرڻن تي پئي چوڻ لڳو تہ اڄ منهنجا
ڏا ڀاڳ جو اوهان "رام نام" جو منتر ڏيئي منهنجا گرو
ٿيا آهيو. انهيءَ تي رامانند کوبہ جواب ڪونہ ڏنو. اُنهيءَ
پنهن ڪانوني ڪبير صاحب پاڻکي رامانند جو شش مشهور
ڪيو. ڪيترن جو چوڻ آهي تہ ڪبير صاحب شيخ تَڪيءَ
و چيلو هو. مگر ڪبير صاحب شيخ تَڪيءَ کي مخاطب ڪري
يو آهي تہ -

"گَهٽَ گَهٽَ هَئہ اَبِناسِي، سُنَهُ تَڪي تُم شيخ."

ارٿ :- هي تڪي شيخ ٻڌ تہ هو اَبناسي پرميشور
ٽ گهٽ ۾ وياپڪ آهي. انهيءَ مان پڌرو آهي تہ هو شيخ
ڪيءَ جو چيلو نہ هو. البت ائين ٿي سگهي ٿو تہ هن شيخ
ڪيءَ جو ستسنگ ڪيو هجي.

ٻئي طرف وري ڏسندا تہ خود ڪبير صاحب سوامي
مانند جن لاءِ چيو آهي تہ -

"ڪاشي ۾ هَم پرَگَٽ ڀَئي هَئَن، رامانند چيتائي."

ارٿ:- ڪاشيءَ ۾ مان پرگهٽ ٿيس ۽ رامانند موڪي
پش ڪيو. رامانند جي اُپديش ڪرڻ کان اڳ ڪبير تي
دو ڌرم جو اثر پئجي چڪو هو. جنهن ڪري شايد هو بہ
وٿي پوڄا ڪرڻ لڳي ويو هو. گرو ڪرڻ ڪانپوءِ ڪبير
حب چيو تہ -

هَمَ ڀِي پاهَنَ پوُجَتي هوٿي بَنَ کي روجهَ
تِ گُرَ ڪي ڪِرِپا ڀَئِي، سِرَ ٿي اُڌَرِيا بوجهہ."

ارٿ :- ستگرن جي ڪرپا ٿي جو منهنجي سر تان
لهي پيو. نہ تہ هوند مان بہ پٿر جي پوڄا ڪري جهنگل

جو روجھ ٿي پوان ھا. ڪبير صاحب جيڪڏھن سمجھي ھا
تہ گروءَ ڪرڻ جي ضرورت ڪانھي، تہ انھيءَ ۾ ڪو شڪ
ڪونھي تہ پنھنجي وشواس جو اھڙو پڪو ھو جو گروءَ ڌنھ
ڪين ڪري ھا مگر جڏھن پاڻ ضروري سمجھيائين تڏھن
گروءُ ڪيائين. خود پاڻ چيو اٿس تہ

”گُـرَ بِن چيلا گِيان نَـہ لھئہ.“

(گروءَ کانسواءِ چيلي کي گيان حاصل ٿي نٿو سگھي

”گُرُ بِنَ اِھہ جَگہ ڪَؤُنَ پَرِوَسا،

ڪاڪي سنگِہ ھـوُءِ رَھِئي.“

(گروءَ کانسواءِ ھن جڳہ ۾ ڪنھنجو ڀروسو ڪجي
ڪنھنجو سنگ ڪري رھجي). انھيءَ ڳالھہ ۾ ڪا بہ صداقت
ڪانہ ٿي ڏسڻ ۾ اچي تہ سوامي رامانند ڪو ڪبير صاحب
کي پنھنجو چيلو بنائڻ کان انڪار ڪيو ھوندو، ڇاڪاڻ تہ
سوامي جن کي ٻين شڏن سان گڏو گڏ گھٽ جاتين جا ب
ڪيترائي شش ھوا. جھڙيءَ طرح ڪ سئدو، ڌنو، پوانند
پيپو ۽ رئداس وغيرہ.

ڪبير صاحب جا مکيہ شش

ڌرمداس ۽ سرت گوپال نالي ڪبير جا ٻہ مکيہ شش
ھوا. ڌرمداس واڻيو ھو. اُن نسبت لوڪن جو چوڻ ھو تہ
ڀھرين مورتي پوڄڪ ھو. ھوُ اوائل ۾ ڪبير صاحب سان ڪاشيءَ
گڏيو ھو. اُنوقت ڪبير صاحب کيس مورتي پوڄڪ ھ
ڪري خوب ڦٽڪاريو ھو. اُن بعد ھو وري برنداو
(بندرابن) ۾ گڏيا. اُنوقت ڌرمداس، ڪبير صاحب ک
سڃاڻو ڪين ۽ ٻو چيائين تہ - ”اوھانجا اُپديش بلڪل اھڙا
آھن جھڙا ھڪ ساڌوءَ مونکي ڪاشيءَ ۾ ڏنا ھوا.“ اُنوق

ڪبير ٻه نڪا ڪئي هم نڪا ڪئي لم ڪٽندڙئي سندس ناڪر جمنا جيءَ ۾ پرواڻ ڪري ڇڏيا. ٽيون ڀيرو ڪبير صاحب خود سندس گهر باندوڳڙهه ويو جتي ڪيس ڇيائين تہ تون اُن پٿر جي مورت کي پوڄين ٿو جنهن پٿر مان لڌهنجي تارازيءَ جا وٽ ٺهيل آهن. اها ڳالهه سندس من ۾ کپي ويئي ۽ هو ڪبير صاحب جو چيلو ٿيو. ڪبير جي مرڻءَ کانپوءِ ڌرمداس ڇتيس ڳڙهه ۾ ڪبير پنٿ جي هڪ الڳ شاکا قائم ڪئي ۽ سرت گوپال ڪاشيءَ جي گديءَ جو گدي نشين ٿيو. آهستي آهستي ٻنهي شاکائن ۾ وڏو ڀيد اچي ويو.

ڪبير پاڻ جيتوڻيڪ ڪرم ڪانڊ کي پاکنڊ سمجهندو هو ۽ اُنهي خلاف هن وڏو پرچار ڪيو، مگر ڪبير جي مرڻءَ کانپوءِ اڳتي هلي ڪبير پنٿ ۾ بہ ڪرم ڪانڊ جو زور وڌي ويو جو ڪٿني ۽ جٺو ڪبير پنٿ ۾ بہ چالو ٿي ويو. مگر ايتري ڳالهه ضرور آهي تہ ڪبير پنٿ ۾ ذات پات جو ڀيد ڀاو اصل ڪونهي ۽ هندو توڻي مسلمان اُن پنٿ ۾ داخل ٿي سگهن ٿا. ان پنٿ ۾ داخل ٿيندڙ مسلمانن لي بہ هندو ڌرم جو اثر ٿئي ٿو. اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي تہ هندو ڌرم جو اثر ايڏو تہ وياپڪ آهي جو اُنمان ڇڏي نوان ٺهندڙ مت ۽ پنٿ اُنهي اثر کان اڄ بہ خالي نہ آهن.

گرهستي جيون

ڪبير سچ پچ شادي ڪئي هئي يا نہ اِن باري ۾ وڪن جي جدا جدا راءِ آهي. چون ٿا تہ سندس اِستريءَ جو الو لوئي هو هوءَ هڪ بن ڪنديءَ ناليءَ بيراڳيءَ جي ڌيءَ ئي. هڪ ڀيري اُن ڪنيا لوئيءَ پنهنجي گهر ۾ سنتن جو تسنگ ڪيو جنهن ۾ ڪبير صاحب کي نينڊ ڏني وئي ئي. سڀني کي پيئڻ لاءِ کير ڏنو ويو، ٻيا ساڌو تہ کير پي

وٺا ۽ ڪٻير صاحب پنھنجو ڪير ٻه ڪي رکي ڇڏيو. ٻيو ٽي
چيائين ته گنگا پار ڪان ھڪ سادو اچي رھيو آھي جنھن لا
ھيءُ کير رکي ڇڏيو اٿم. ٿوريءَ دير بعد سچ پچ ھڪ ساڌ
اچي حاضر ٿيو. انھيءَ تي سڀ ساڌو اچرج ۾ پئجي ويا
لوئي ته سنڌس شڪتيءَ لي اھڙو موھت ٿي پيئي ج
ھوءَ ھميشه سائس گڏ رھڻ لڳي. ڪي چون ٿا ته ھ
سنڌس استري ٿي رھي ۽ ڪي چون ٿا ته سنڌس شش
ٿي رھي. ڪٻير صاحب فرمائي ٿو:-

"ڪَھَتَ ڪبير سُنَھُ ري لوئي
ھَمَ تُمَ بِنَسي، رھيگا سوئي."

ارٿ:- ڪٻير صاحب چوي ٿو ته ري لوئي ٻ
تون ۽ مان ناسونت آھيون. ھڪڙو اھوئي (پرماتما) رھن
يعني قائم دائم آھي.

ٻيا ٻه ڪيترائي پد آھن جن ۾ ڪٻير صاحب لوئيءَ
نالو ڪتب آندو آھي جنھن ڪري ڪي ڪيس سنڌ
ڌرمپتني سمجھن ٿا ۽ ڪي ششڻ. ھوڏانھن ڪٻير صاح
جڳھ جڳھ استريءَ جي نندا ڪئي آھي. شايد انھيءَ ڪر
لوئيءَ کي سنڌس ششڻ سمجھيو وڃي ٿو. پر جڏھن ڪ
صاحب خود فرمائي ٿو.

"نـــاري تو ھَمَھُو ڪَري جانا نَھِين وِچارَ
جَبَ جاني تَبَ پرِ ھَري ناري ٻـڙا وِڪارَ."

ارٿ- استري ته مون ٻه ڪئي جو اُنتي ٻورو و
ڪين ڪيم. جڏھن ڄاتم، تڏھن مون اُن جو تياڳ
ڄاڻان ته ناري وڪارن سان ڀريل آھي. تڏھن سمج

سگهجي ٿو ته لوئي ڪبير صاحب جي اِستري هئي. لوئيءَ جو نالو لوئي انڪري پيو جو هڪ ڀيري ٻن ڪنڊي ٻيراڳي گنگاجيءَ ۾ سنان ڪري رهيو هو ته هڪ ٽوڪري جنهن ۾ هڪ ننڍڙو لوئيءَ ۾ ويڙهي سيڙهي رکي هئي، وهندي اچي اُن ٻيراڳيءَ وٽ نڪتي. لوئيءَ ۾ لپيٽيل هئڻ ڪري اُنجو نالو لوئي رکيو ويو.

ڪبير جي اولاد لاءِ ڪو پورو ثبوت نه آهي. جيئن ته ڪيس ڪمال ۽ ڪماليءَ نالي پٽ ۽ ڌيءَ هئا. ڪمال رڳو ڪبير صاحب جي اُصولن جو ٿورو وروڌ ڪيو ته ڪبير صاحب کي اِها ڳالهه نه وڻي ۽ چيائين:-

"ٻُڏا وَنشَ ڪبير ڪا اُپَجا پُوتَ ڪَمالَ

هَرِ ڪا سُمرَنَ ڇاڏِ ڪي، گَهرِ لي آيا مال."

ارٿ- ڪمال جهڙي پٽ پيدا ٿيڻ ڪري ڪبير جو ڪل ٻڏي ويو، جو هو هريءَ جو سمرڻ ڇڏي، گهر ۾ ڌن کڻي آيو. انهيءَ مان ٿي سمجهي سگهبو ته ڪبير مايا ميڙڻ جي ڪيڏو نه خلاف هو. هن جو مقصد هو جيئن اُپنشدن ۾ ڄاڻايل آهي ته "سب وستوُ پرميشور جون ڄاڻي، اوهين اُنهيءَ مان پنهنجي ضرورت آهر کڻو." ڪبير صاحب فرمائي ٿو:-

"سائِين اِتنا دِيجِئي، جا ۾ ڪُٽُنبَ سَماءِ

مَئن ڀِي ڀُوکا نا رَهوُن، ساڌ نه بُوکا جاءِ."

ارٿ:- سائين ڪرپا ڪري ايترو ڏيو جنهن ۾ منهنجي ڪٽنب جي پالنا ٿي سگهي، نڪي ڪي مان ٿي بکيو رهان، نڪي ڪو ساڌو سنت اُي منهنجي در تان هٿين خالي

وڃي. ڪبير ٿوري ڪٽي ۾ ٿي سنتوش سمجهندو هو. ه
سڄي ڏينهن ۾ جيڪي ڪمائيندو هو تنهن جو ڪجهه نه ڪ
حصو روز سنتن جي سيوا ۾ لڳائيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏه
ته سڀ ڪجهه ساڌن سنتن کي ڏيئي ڇڏيندو هو ۽ پاڻ بک
۾ سمهي پوندو هو. سندس اهڙي قسم جي دان پنج جو
گهڻيئي ڪتائون ۽ڏڻ ۾ ايندڙيون آهن. جيئن ته هڪ ڏينه
ڪپڙي جو ٿان اُڻي، بزار ۾ وڪڻڻ ويو ته ڏهن واد
تي هڪ ننگو فقير گڏيس، ڪبير صاحب مٿس ديا آڻي
ٿان ڪپس ڏنو مگر هن جي چوڻ تي ته ان مان منهنج
پورت نه ٿيندي؛ ڪبير صاحب سڄو ئي ٿان ڪيس ڏيئ
ڇڏيو ۽ پاڻ خالي هٿين گهر موٽي آيو. ڌن مال ۽ زمين
ڪرڻ سندس أصول جي خلاف هو. پاڻ فرمائي ٿو:-

”ڪاهي ڪُون پيتَ بَنائُون ٿاتي،

ڪا جانُون ڪَنهَ پَرهَهِ ماتي

ڪاهي ڪو مَندِرَ مَحَل چِنائُون،

مُوان پيڇي گهري ايڪ رَهَنَ نه پائُون

ڪاهي ڪُون ڇائُون اونچ اُچيرا،

سادي تين هاتَ گهرَ ميرا

ڪَهَهِ ڪبير نَرگَرَب نَه ڪيجَهِ،

جيتنا تَنَ تيتي ڀُوُنءِ ليجَهِ

ارٿ- مان ڇا لاءِ ڀتيون ۽ ڇتيون اڏايان،
نه آهي ته منهنجو مُئيءَ پوڙو ڪٿي لڪيل آهي (ي
ڪٿي مرندس). ڇا لاءِ مندر محل ۽ ماڙيون نهرايان

مرڻ ڪانپوءِ هڪ گهڙي به رهڻ نه ڏيندم. منهنجو گهر (شرير) سائين تن هٿن جو آهي. ڪبير صاحب فرمائين ٿا ته اَڙي منڪ، گيرب نه ڪر جيترو شرير اُتيئي زمين ۾ اوتريائي والار. نه رڳو ايترو مگر اڄ ڪالهه جي، سادو ۽ ٻاوا ٻيڪ جي ٽڪر لئي هري پيا آهن ڪبير صاحب انهي جي برخلاف هو. جوڳيءَ جي لڇڻ لئي راءِزني ڪندي چوي ٿو:-

”ڀِڪَ نَہ ڪاءِ، ڀُڪا نَہ سوءِ، گهَر آنگَڻ ڦِرِ آوءِ

پانچَ جَنان ڪي جَماتَ چَلاوءِ، تاسَ گُروُ مَئن چيلا.“

ارٿ:- جوڳي اهو آهي جو ٽڪي ڀيک مڱي ۽ ٽڪي ڪيموني سمجهي ٿئي، اُنلو پنجن جڻن جي جماعت هلائي يعني اُنهن جي پالنا ڪري. اهڙو ئي جوڳي منهنجو گرو آهي ۽ مان سندس چيلو آهيان.

نرڀئه (بي ڀيو) ڪبير

ڪبير صاحب پنهنجن اصولن جو اهڙو ته پابند هو، جو ئو رڳو ٻين والگو گيان ڪونه ڪٿيندو هو مگر پنهنجن اصولن ي پاڻ به پوري پوري پيروي ڪندو هو. ڪاشيءَ جا اهمڻ ۽ پنڊت ڪبير لئي خار ڪائيو ويٺا هوا. اُنهن جڏهن ٺو ته ڪبير صاحب ڪاشيءَ جي راجا کي به پنهنجي وَس ڪري ڇڏيو آهي تڏهن ڪبير صاحب جي ماتا کي ساڻ ري، سڪندر لودي، جو آگري مان ڪاشيءَ آيو هو، نڪي اُنجي خلاف وڃي دانهن ڏنائون ۽ جا ڀڳت مال جي ڪا ڪندڙ پرياداس هملٽين پد ۾ بيان ڪئي آهي:-

"ديئَه کي پرِچايو، ڦير اُپجيو اُپاو ڏوجَ؛
آيو پاتِساهه سو سڪندر سُڻانو هئه؛
وِڌڪه سَمُوهَه سنگه، ماتا هئو ملاءِ لئي
جاءِ کي پُڪاري جوُ ڏکايو سَبَ گانوَ هئه."

ارٿ:- ڪبير صاحب جو وڌندڙ اثر ڏسي، براهم
ڪبير صاحب جي ماتا کي پاڻ سان ملائي سڪندر لودي
کي وڃي دانهن ڏني ته هن سڄو شهر ڪري ڇڏيو آهي

تڏهن سڪندر لوديءَ اُنکي گرفتار ڪرائي پاڻ و
گهرايو ۽ چيو:-

"لِياوو ري پَڪَر واکو، ديکوُن مئُن مَڪَرُ ڪئسو
اَڪَر مِٺائوُن گاڌي جَڪَر ٿَناوَ هَئه،
آنِ ٺاڍي ڪِئي، قاضي ڪَهَت سلام ڪَرَ
جاني نَه سَلام، جاني رام گاڌي پانوَ هَئه."

ارٿ:- انهيءَ (ڪبير) کي گرفتار ڪري وٺي
ته مان به ڏسان ته ڪهڙو مڪر آهي، ۽ م
لاهي ڇڏيان.

جڏهن ڪيس لوديءَ اڳيان آندو ويو تڏهن ڪيس قاض
بادشاهه کي سلام ڪرڻ لاءِ چيو. مگر ڪبير صاحب فرما
سواءِ رام جي مان ٻئي ڪنهن کي سلام ڪري ڪين جا
جنهنتي قاضين مٿس پاڻ کي ايشور (انالحق) ڪوٺائڻ
الزام مڙهيو ۽ ڪيس ڪافر سڏي مٿس منصور الحلاج

موُت جي سزا رائج ڪئي. ڪيس هٿ ڪڙين سان جڪڙي گنگا نديءَ ۾ ڦٽو ڪيو ويو.

گروُ گرنٿ صاحب ۾ ان لاءِ ڪبير صاحب جو هيٺيون پد لکيل آهي:-

"گَنگا گُسائن گَهر گمڀير، جنجير باندِ ڪَر کَڙي ڪبير،

گنگا ڪي لهر ميري ٽوُٽي جنجير،

مِرگ ڇالا پَر بئِٺي ڪبير."

ارٿ- گنگا جي لهرن ۾ ڦٽي ڪرڻ تي هوُ ٻڏو نه، ڪرڻ اُنکو سندس زنجيرون ٽٽي ويون ۽ ڪبير صاحب پاڻيءَ جي مٿان مرگ ڇالا تي ويٺل ترندو ڏسڻ ۾ آيو.

جڏهن هوُ گنگا ۾ به ڪين ٻڏو تڏهن قاضيءَ ڪيس ڏڪندڙ باهه جي کوڙي ۾ ڦٽو ڪرايو. مگر باهه به سيتل ٿي پيئي ۽ ڪبير کي لهس به نه آئي. جڏهن قاضيءَ جو اهو ڪرتوت به نشڦل ويو تڏهن مٿس هڪ مست هاٿيءَ کي ڇڏيو. چون ٿا ته جڏهن اهو مست هاٿي وٽس پهتو تڏهن ڪبير صاحب اڳيان گوڏا کوڙي کيس نمسڪار ڪري اُتي پريسان ٿي بيٺو. انهيءَ ڪٿا بنسبت ڪبير صاحب خود ڄيو آهي:-

" اهو ميري گووند تُمهارا جور، قاضي بَڪوا هَستي تور،

اندِ پَجا پَلئن ڪَرِ ٻاريو، هَستي ڪوپ موُنڊَ مَئن ماريو

جو هَستي ڇيسا ماري، وا موُرت ڪي مَئن بَلهاري

مهاوت تو ڪونَ مارِئون سانڱي،
اِسهہ مرائِوُن ڳهالون ڪا
هَستي نہ ٽورَ ڏِيانَ، واڪَہ هِرِدي ٻَسَہ ڀڳوا
ڪَها اَپراڌ سنت هَہُ ڪِينهان،
ٻانڌِ پوٽَ ڪُنجَرڪو ڏِين
ڪُنجَر پوٽ ٻُهہ ٻَندنَ ڪَرئہ،
اَجهوُن نہ سوُجهہ قاجي انڌ
تِينَ ٻيرَ پَتِيارا، مَن ڪنور اَجهوُن نہ پ
ڪهہ ڪبير هَمرِي گووند،
چؤٿي پَدَ ڀَہن جَنَ ڪو گَيَند

ارٿ- هي منهنجا گووند تون ئي منهنجو ٻل آه
ڏس تہ قاضي ٻار ٻار ڀيلوان کي ڀيو چئي تہ هاٿيءَ کي
مٿان هلاءِ (تہ تہ ٽوکي مارائي ڇڏيندس). منهنجون ٻا
ٻڌي مونکي ڳنڍڙي ٺاهي هاٿيءَ اڳيان ڪري ڦٽو ڪي
۽ ڀيلوان ڪاوڙجي ڪيس ڪنڌ هنيو تہ هوُ مونکي لتا
مگر هاٿي مونکي ڏسي ڪيڪون ڪري ڀڄڻ لڳو ۽
انهن ٻنهي جاٽاڻين تہ هن مورت تان مان ٻلهار وڃان. ا
ئي قاضي ڀيلوان کي ڌمڪائي ڇوڙ لڳو تہ جي تون
مٿان هاٿيءَ کي نہ هلائيندين تہ توکي چيرائي ٽڪرا
ڪرائي ڇڏيندس. پر هاٿي ذرو بہ نہ چريو، ڇاڪاڻ تہ

هردي ۾ ڀڳوان اچي واسو ڪيو.

ماڻهو چوڻ لڳا ته ويچاري سنت کهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو اُنجون ٻانهون ٻڌي ڳنڍڙي بنائي ڪري هاٿيءَ اڳيان ڦٽو ڪيو اٿن. مگر هاٿيءَ ٻار ٻار اُن ڳنڍڙيءَ (ڪبير صاحب) کي نمسڪار ڪيو. تڏهن به اَڙي اي سمجهه قاضي! توکي ٻوجهه نه پيئي. ٽي دفعا منهنجي چڱيءَ ريت پرک ڪيئي: (۱) گنگا ۾ ڦٽو ڪرڻ جي، (۲) باهه ۾ ساڙائڻ جي ۽ (۳) هاٿيءَ جي پيرن هيٺان لتاڙائڻ جي) تڏهن به تنهنجي ڪنور دل کي اعتبار نه آيو. ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته منهنجو گووند منهنجو راکو آهي. هي پرڀوءُ تنهنجي داس (ڪبير) جي آتما هاڻي چوٿين پد يعني تُريا اوستا کي پهتي آهي. هاڻ مان تنهنجي سروپ ۾ استر آهيان تڏهن مونکي ڀلا ڪنهنجو ڀؤ ڀاءِ. اهڙي هٺي ڪبير جي ٻي ٻاڻي ۽ من جي اُتم اوستا.

جوتي جوت سمائڻ

ڪبير صاحب جي بابت ۾ ڏند ڪٿائون ته گهڻيئي آهن، مگر جن لاءِ ڪبير جي پدن ۾ يا ٻيءَ طرح ڪا ثابتي ڪانه ٿي ملي، تنهنڪري اُنهن جو هت ذڪر نه ٿو ڪجي. اها ته عالم آشڪار ڳالهه آهي ته ڪبير جي سڄي زندگي اند وشواسن جي مخالفت ڪندي گذري. ماڻهن ۾ جا اند شردا وينل آهي ته جيڪو ڪاشيءَ ۾ مرندو سو سرڳ ويندو ۽ جيڪو مگهر ۾ مرندو سو نرڪ ۾ ويندو، انهيءَ وهم کي دور ڪرڻ لاءِ ڪبير صاحب پنهنجي ديهه ٽياڳڻ کان اڳ ڪاشي ڇڏي مگهر ويو. سندس چوڻ هو ته پنهنجي ڀڪتيءَ ڪري ٿي مان مڪتي جو ادڪاري آهيان. پاڻ فرمايو اٿس:-

"جو ڪاسي تَنَ تَجِئہِ ڪبيرا تو رامهِ ڪها نهورا ري."

ارٿ:- جيڪڏهن مڪتيءَ لاءِ ڪاشيءَ ۾ ڪبير چولو ڇڏي ته رام تي وري ڪهڙو ڀروسو ڪندو؟

ٻئي هنڌ به ڪبير صاحب ان باري ۾ لکيو آهي:-

"هِردَئہ ڪنوَر مَرِيا بَنارسِي، نَرَڪَ نہ بنَچِيا جائي

هَرِڪو داس مَرِئہ جو مَگهر، سينيا سَگل تَرائي."

"جَسَ ڪاسي تَسَ مَگهر، اَوَسَر هِردَيہ رام سَتِ هوئي."

ارٿ:- ڪنور دل وارو ڀلي ڪري ڪاشيءَ ۾ مري ته به نرڪ کان ڇٽي ڪين سگهندو پر جي هريءَ جو داس مگهر ۾ مري ته ٻاڻا سان لشڪر به تاريو وڃي.

"جهڙي ڪاشي تهڙو مگهر، مگر هردي ۾ سچي رام جو واسو گهرجي."

گرنٿ صاحب ۾ انهيءَ نسبت هيٺيون پد لکيل آهي:-

"جوُن جَلَ ڇانڊِ باهر ڀيو مِينا،

پوُرب جنم هَئوُن تَپَ کا هِينا

اَب کَهہ رام ڪوَن گتِ موري،

تَجَلي بنارس مَتِ ڀئي ٿوري

بهُتَ بَرَس تَپ ڪِيئا ڪاسي، مَرَن ڀيا مگهر ڪي باسي

ڪاسي مگهر سَمَ وِيچاري،

اوچي ڀَڳتِ ڪئسي اُتَرِس پاري

اڌياءُ ٻيون

ڪبير صاحب جي شخصيت

”نا ڪُڇَ ڪيا نَ ڪَرِ سَڪيا، نا ڪَرڻي جوڳ سَرير
جو ڪُڇَ ڪِيا سو هَرِ ڪِيا، ٽاٿئِن ڀيا ڪَبِير، ڪبِيرَ.“

ارٿ:- نَ ڪُڇ ڪيم، نَ ڪُڇ ڪري سگهيس ۽ نَ ڪُڇ ڪرڻ جي لائق ئي هوس. جيڪي ڪيو سو ڀڳوان ئي ڪيو، انهيءَ ڪري ئي ڪبير، ڪبير (مَهان) ٿيو.

مٿئين پد ۾ ڪبير جو نالو ٻه دفعا آيو آهي، جنهن مان هي مطلب ڪڍي سگهجي ٿو ته ڪبير جنهنجو نالو آهي، سو هڪ ڏينهن ڪبير (The Great) مهان ٿي پيو. ٻيو ارٿ ڪبير جو ڪِبر (جنهن مان تڪبر لفظ نڪتو آهي) يعني اهم جي هلڪائي نڪري وڃي ۽ مهان ٿجي پيو.

ڪبير صاحب پڪي ڀڳوان جو داس سڏائيندو هو ۽ سندس رضا تي ئي راضي رهڻ وارو شخص هو، پاڻ کي رام جي در جو ڪتو ڪري سڏيندو هو.

”ڪبير ڪُتا رام ڪا، مُتيا ميرا نانءُ
رام نام کي جيوڙي، جِتِ کينچي تِتِ جانءُ.“

آڻڻي؟ تڏهن آڪاس واڻي ٿي تہ ”وڙهو چو ٿا، ڪفن لاهي ڏسو.“

ڪفن لاهي ڏسڻ تي ماڻهن جي عجب جي حد نہ رهي، جڏهن اُنهن ڏٺو تہ لاش جي بدران گلن جو ڍير لڳو پيو آهي. انهيءَ تي هندن ۽ مسلمانن اڌ گل اَڌ وراهي ڪيا. هندن اُنهن گلن جو اگني سنسڪار ڪيو ۽ رک ڪاشيءَ ڪڻي وڃي سندس سماڌي ٺاهي. اُها هند اڄ بہ ڪبير چوڙي جي نالي سان مشهور آهي. مسلمانن وري اُنهن گلن تي قبر اَڏي. جيتوڻيڪ هيءَ ڳالهہ بہ هڪ ڏند ڪٿا مثل آهي تڏهن بہ اِن پنيان اَملهہ ڀاونا آهي.

ڪبير صاحب جي مرتيوءَ بابت بہ گهڻيئي رايا آهن مگر هينئين دوهي مان سنبت ١٥٧٦ ٺيهي ٿو.

سَنْبَتَ پَندِرَهَہ سؤُ پَڇَتَرا، ڪيو مگهر ڪو گَوَنَ
ماگَهہ سُدي ايڪادَشي رَلو پَوَن ۾ پَوَن.

ارٿ- ڪبير صاحب سنبت ١٥٧٥ ۾ مگهر ۾ وڃي ماگهہ سُڌي گيارس تي جوتي جوت سمايو.

* * *

ارٿ:- ڪبير رام جو ڪتو آهي، مولي آهي سندس نالو منهنجي ڳچيءَ ۾ رام نام جي زنجير پيل آهي، هو جتي ڇڪيندو اوڏانهن ويندس.

ڀڳوان ڏانهن ايڏي داسُ ڀاونا هوندي به، ڪبير ٻاهرئين ڏيک، آچار ۽ اَڏمبر جو سخت مُخالفتي هو. ڪبير کان اڳ ڪو به ڌرم آچاريه يا گروُ ڪونه ٿيو جو ايڏيءَ همت سان ساڌنا جي ڪيتر ۾ آيو هجي. هن سڀني وِرتن، نيمن ۽ اُپواسن وغيره کي هڪدم نا قبول ڪيو. هن هڪ ايشور يا الله سان لڳن لڳائڻ جي کُليءَ عام پرچار ڪئي. هن ڪنهن کو ديوَ ديوتا، ڪنهن کا پوجا يا نماز، حج يا تيرٿ يا ڪو ٻيو رستو ٿي قبول ڪيو جنهن ڪري هلندڙ پرمپرائن سان ٽاڪرُ ڪري سگهجي. ڌرم يا مُذار جي ميدانَ ۾ هو ٽاڪر ڪرڻ سکيو ٿي ڪونه هو.

” ايڪَ نِرَنْجَنَ الله ميرا، هِندو تُرِڪَ دُهوُن نهِين ميرا

راکوُن وِرْتَ نه محرم جانان، تِسَ سُمَروُن جو رَهَئه نِدانا

پوُجا ڪَروُن نَـــه نِمازَ گُذاروُن،

ايڪَ نِراڪارَ هِردَئه نَمَسْڪاروُن

نان حَج جائوُن نه تيرٿ پوُجا،

ايڪ پِڇاڻيان تَئه ڪِيا دوُجا

ڪَهئه ڪبير پَرَمَ سَبَ پايا، ايڪ نِرَنجَنَ سوُن مَن لاڳا

ارٿ:- هڪ ٿي نرنجن، اهو ٿي ايشور، اهو ٿي ا... ڪي هندو، ڪي ڪي مسلمانُ منهنجو آهي. ڪي و...

نِيم سَڀاڻان، تَڪي مُحرم مان ٿي ڄاڻان. اُن هِڪ جو ٿي سُمرڻ ڪَريان جو هَميشه قائم دائم آهي. تَڪي پوڄا ڪَريان تَڪي نِمازَ ٿي پَڙهان، هِڪڙي ٿي نِراڪار کي هردي ۾ نِمِسڪارُ ڪريان. تَڪي حج ٿي وَڃان تَڪي تيرٿ پيٽيان، جَڏهن هِڪ کي سَڃاڻم تَڏهن ٻيو وَري ڇا جو؟ ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته سَڀ پِرم پولا ڀڃائي دور ڪيم، هِڪ ٿي نِرنجن سان مَن لڳائيم.

هي پير پيغمبر، قاضي مُلان، روزا نمازُون، اولهه يا اوڀر ڏانهن مُنهن ڪَري ڀڳتي ڪرڻ سَڀ غلط آهن، وغيره وَغيره:-

هَمري رام - رَحيم ڪَريما، ڪَيسو الله - رام سَت سوئي،

بِسمِل ميٽ بِسنَبِرَ ايڪئه، اوَر نــه دُوجا ڪوئي،

اِنَڪي قاضي مـلان، پير پيغمبر، روجا پڇم نوازا،

اِنڪي پورب دِسا ديوَ - دُوِج - پوُجا،

گِيارَسِ گنگـه - دُوارا،

تُرڪَ مَسيت، ديهُري هندو، دُهونا رام خُدائي،

جهان مسيت ديهرا ناهين، تهان ڪاڪي ٺڪرائي.

هندُو تُرڪ دوئـورَهـه تـوُني، ڦوُني آرُ ڪَنرائي،

اَرَڌ اُرَڌ دَسهوُن دِس جت تت پوُرَ رَهيا رام رائي،

ڪهئه ڪبيرا داس فقيرا، آپني راهـه چل ڀائي،

هندو تُرڪ ڪَرتا ايڪئه، تا گَت لکي نــه جائي.

ارٿ:- منهنجو رامُ، رحيم ۽ ڪريم آهي. الله ۽ رام
سڀ هڪ سَت جو نالو آهن. ساڳيو ئي بسمل ساڳيو ئي وشومڀر،
ٻيو ڪو ٻ نہ آهي. اُنهن جا (مُسلمانن) ملان، پير، پيغمبر،
روزا ۽ اولهہ نماز آهي هنن جا (هندن جا) پورب ڏس
ڏانهن ديوتائن جي پُوڄا، گيارس ۽ گنگا آهي. تُرڪ مسجد
۾ ۽ هِندو مَندر ۾ پوڄا ڪَن، مَگر ٻنهي هند رامُ ئي پراڄمان
آهي. جِتي اُڪي مسجد، اُڪي مَندر آهي، اُتي پِلا ڪنهنجو
راڄ آهي؟ هندو ۽ تُرڪ ٻِنهي پوري راهہ نہ پاتي، جاڪاڻ تہ
هيٺ مٿي ۽ ڏهَنِ ئي ڏسَنِ ۾ جِتي ڪِٿي رامُ رَمي رهيو
آهي. ڪبير فرمائي ٿو تہ، آءٌ ڪي داس فقير، لَون پنهنجي
راهہ هَل. هِندن ۽ تُرڪن ٻنهي جو اُپائيٺهارُ هِڪ ئي آهي،
جَنهنجي گَتِ جاڻي نٿي سگهجي.

مَگر ڪبير صاحب، اِتي ٻہ خاموشِ نہ رَهيو، هوُ هِندن
جي رامَ ۽ مُسلمانن جي الله کي ٻہ سَلام ڪري لفظي ڏڏئي
ميٺاڻ لاءِ تيارُ آهي، هوُ ويدَ ۽ قُرانَ کان ٻہ اَڳي ئي وَڌ
چاهي ٿو:-

گَگَنَ گَرِ جَئہ تَهان سَدا پاوَسَ جهرءِ،
هـوتَ جَهنْڪار نِتَ بَجتَ تـوُرا،
بيد ڪَتيب ڪي گميۂ ناهين تَهان،
ڪهئہ ڪبير ڪوئي رَمئہ سوُرا.

ارٿ:- ڪبير داس جو واسو اُتي آهي جتي سد
آڪاس ۾ انهد نـادُ جي جهنِڪارَ لڳي پيئي آهي ۽ ٿڌا
ڀِيوَن وَڄن ۽ برسات پيئي ٿوي. جتي ويدن ۽ قران جي
پهچ ڪانهي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ اهڙي هند تي
سورپير ئي ڪيائي سگهندو.

هوُ سَچ جو جِگياسوُ هو، ڪوبہ موهہ مَمت يا دُنيوي زندگيءَ اُن سچائيءَ جي رستي تان ڪيس هٽائي نَٿي سگهيا. هن پنهنجو گهر جلائي ڇڏيو هو ۽ هٿ ۾ ٻرندڙ ڏياٽي کڻي ٻاهر ٻين کي ڏيڻ لاءِ نڪتو هو ۽ اِهو شرط هوس تہ مون سان جيڪو هلندو تنهنجو بہ گهرُ جلائي ڇڏيندس. پڻ شاهہ صاحب چوي ٿو:-

”سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تن ٿيو، نالو نيهن گنهن جي.“ (شاهہ)

انهيءَ ريت جي ڪبير صاحب جي رستي تي هلڻ چاهين ٿا تنکي سڀ تياڳ ڪرڻو پوندو:-

”هم گهر جارا آپنا، ليا مُرارا هاٿ
اَب گهر جارون تاسڪا، جو چلئہ هماري ساٿ.

ارٿ:- مان پنهنجو گهر جلائي چڪو آهيان ۽ هاڻ ٻرندڙ مشعال کڻي ٻاهر نڪتو آهيان، جيڪو مون سان گڏ هلندو مان اُنجو بہ گهر جلائي ڇڏيندس.

آهي ڪو سورمو، جو هن مست مولا سان گڏ اڳتي وڌي! هيءُ اهو مست آهي جو پُراڻن ڪمن جو حساب رکي نہ ٿو ڄاڻي، جو زمان حال جي ڪرمن کي ئي سڀ ڪجهہ نٿو سمجهي ۽ جو آئيندہ لاءِ بہ پلڪ ڇنڊي اڳتي وڌي وڃڻ لاءِ تيار آهي. ڇاڪاڻ تہ جو ماضيءَ جو ڇنو ڪوڙي هلي ٿو سو مستقبل يا آئيندہ کي پار نہ ٿو ڪري سگهي. هيءُ پريم جو متوالو، ڀلا سنڌس دنيا سان مطلب ئي ڪهڙو؟ هوُ انهيءَ پريم جو متوالو هو جو پنهنجي محبوب سان هڪ ڪن بہ نٿي وڇڙيو. هوُ انهن ديوانن مان ڪين هو جي انجي ڳولا ۾ سر سان ڪفن ٻڌيو گهمن ٿا. سنڌس پريتم ڪانئس دور ڪين هو. هن لاءِ جيڏانهن نهاريائين ٿي تيڏانهن صاحب

سامهون هو، جيڪا پريل گهاگهر آهي تنهن ۾ ڇاڪر ڇا جو؟ جتي ڏوئيت (ڏئي) پاونا مٽي وڃي ٿي، ان عجب مستيءَ ۾ ڪيڏو ڇاڄي، ڦٽڪو ڇاڄو:-

"جو بڇڙي هئن پياري سي، پٽڪتي در بدر ڦرتي،
همارا يـــار هئه هم ۾، همن کـو انتظاري ڪيا؟
نه پل بڇڙي پيا هم سين، نه هم بڇڙي پياري سي،
اُنهين سي نيهه لاڳي هئه، همن ڪو بيقراري ڪيا؟
ڪبيرا عشق ڪا ماتا، ڏئي ڪو دور ڪر دل سي،
جو چلنا راهه نازڪ هئه، همن سر بوجهه ڀاري ڪيا."

ڪبير صاحب هٿ يوگ جي پرڪريائن جو به ڇگيءَ ريت اپياس ڪيو مگر جڏهن ڏٺائين ته اها فقط هڪ بدني ڪثرت آهي، جنهن مان فقط اندرين وغيره تي ئي ضابطو حاصل ڪري سگهجي ٿو، ان سان آخرين سچ حاصل نٿو ڪري سگهجي، تڏهن ان کي ڇڏيائين، جنهن کي سنڪوچ جي ظاهر ڪيائين:-

"آسمان ڪا آسرا ڇوڙ پياري، اُلٽ ديکه گهٽ آپنا جي
تم آپ ۾ آپ تحقيق ڪرو،
تم ڇوڙو من ڪي ڪلپنا جي."

ارٿ:- آسمان معنيٰ ڏسوين ڏوار، يعني چندر جي جوت جو آسرو ڇڏي، سهج سماڌيءَ ۾ اچي پنهنجي گهٽ اندر اُنکي ڳول ۽ هي من جون ڪلپنائون ڇڏي محبوب کي پنهنجو پاڻ ۾ ڦول.

پرم پرش فقط ٻڌڻي ۽ مَن جي قوائد يعني ٻاهرين ڪِريائن ڪرڻ سان حاصل ڪين ٿيندو، اها جڙ چِت جي فقط ڪلپنا آهي. ٻاهريون ڪريائون ڇڏي سڄي گِيان کي حاصل ڪريو. گيانَ ڪانسواءِ يوڳ اجايو آهي. جيڪڏهن پنڊ ۾، تنهن ۾ ٻه وري گگن غفا ۾ گهٽ گهٽ واسي پراجمان آهي ته ٻاهر وري ڪير آهي؟ جيڪو چوي ٿو ته هو فقط گهٽ اندر آهي سو ٻاهرين دنيا کي شرمسار ڪري ٿو ۽ جو چوي ٿو ته هو پنڊ ۾ يعني اندر آهيئي ڪونه سو ٻه ڪوڙو آهي. ڪبير صاحب حيران آهي ته هن اڪٿ جي ڪٿا جو ڪهڙيءَ ريت ڪٿن ڪريان:-

"پيتَر ڪهون تو، جڳمڻ لا جڻ،
باهرَ ڪهون، تو جهوٺا لو،
باهَرِ پيتَرِ، سَڪل نِرنتَر،
گُر پرتا پئن ديٺا لو،
مُن ڪيهِ رِڌ ڪٿئون ڪبيرالو."

ارٿ:- جي چوان ته فقط اندر آهي ته دنيا کي لڄايان ۽ جي چوان ته ٻاهر آهي ته ٻِ ڪوڙ آهي. ٻاهر اندر، سَڀ ڪنهن ۾ ٻيان ويساهينءَ، گروءَ جي پرتاپ سان ڪيس ڏٺو اٿم. تنهن هوندي ٻه آن گهر ڪبير جو ڪهڙيءَ ريت ڪٿن ڪريان؟

ڪبير جنهن سائينءَ جي ساڌنا ڪئي ٿي سو ڪو مُفت ۾ ملڻ وارو ڪين هو. آن رام سان ته سر جو سَودو هوسِ:-

"سائين سينت نه پائيئي، باتان مِلڻ نه ڪوءِ،
ڪبير سؤدا رام سؤن، سِر بِن ڪَدءِ نه هوءِ."

ارٿ- ”صاحب ڪو مفت ڪين ملي پوندو؛ نڪي ڪي ڳالهين ڪندي ملندو. سر سونپڻ ڪانسواءِ رام سان سؤدو ڪري نه ٿو سگهجي. هيءُ پريم جو سؤدو ڪو ماسيءَ جو گهر نه آهي جتي قدم قدم تي رسبو ته فرمائش ثابت پوندي. هن گهر ۾ ته اهو ئي گهڙي سگهي ٿو جو پهرين سر لاهي ترِيءَ تي رکي.

”ڪبير يَهَه گَهَرَ پريم ڪا، ڪالا ڪا گهَرَ نانهِن،
سيِسَ اُتاري هاٿِ ڪر، سو بَئسي گهر مانهِن.“

جنهن ۾ همت ناهي، اَڪيلو پريم ۾ وشواس ناهي، اَهڙي ڪائر جي هتي دال نه ڳرندي.

”پريمَ نه ڪيتئون نيپجئه، پريم نَه هاٽ بِڪاءِ.
راجا پرجا جِسَ رُچَئه، سيِسَ ديئه لئه جاءِ.“

ارٿ- پريمُ نَڪي ٻنين ۾ پيدا ٿئي، نڪي دوڪانن تي وِڪامي، چاهي راجا هجي يا پرجا، سر ڏيئي خريد ڪري.

سُوَرءِ سيِسَ اُتارِيا، ڇاڙي تَنَ ڪي آس،
آگي ٿئن هَرِ مُلَڪِيا، آوَت ديکِيا داس.

ارٿ:- سورمن تَنَ جي آشا تياڳي سر لاهي همت ڪيو، اَهڙي داس کي ايندو ڏسي هَري مُرڪندو اڳيان وڌيو. (سندس آجيان لاءِ) :-

ڀڳت ڏُهيلي رام ڪي، نهِين ڪايَرَ ڪا ڪام،
سيِسَ اُتارءِ هاٿِ ڪر، سو ليسي هر نام.

ارٿ- رام جي ڀڳتي ڏاڍي ڏکي آهي، هتي ڪا

جو ڪم نہ آهي، جيڪو ٻڌُ لاهي ڇڏيءَ ٿي وَڪندو سو ٿي هڙيءَ جو تالو وٺي سَگهندو. جو ماڻهو ڀاڳيءَ رامَ جي درجو ڪتو سڏائي بِلڪل نماڻو ٿي ٻيهي سَگهي، سو پنڊت يا شيخ، مُلان مؤلويءَ يا جوڳيءَ ۽ اوڌوت تي هلان ڪرڻ وَقت لاپرواهيءَ سان مزاڪ ڀري ٻولي استعمال ڪري سگهي؛ ۽ نُقطچيني بہ اُن طَرح جي جو ڇوڙ وارو ڇِڻ پر ٻيو مُشڪي ۽ ٻُڌڻ وارو ڦٿڪندو رهي. وَري جي اُنهي جوابَ ڏيڻ جي ڪوشش بہ ڪري تہ پائين تہ ڀاڳيءَ وَڏيڪ ٻلڻ هابَ ڪندس. ڪبير صاحب اهڙي ئي قسم جو نقطچين هو:-

" نا جاني تيرا صاحب ڪئسا هئہ

مَسجد ڀيتَر مُلا پُڪارئہ، ڪِيا صاحِب تيرا بَهرا هئہ ؟
چِئُنٽي ڪي پَڳ نيوَر باجي، سو ڀِي صاحب سُنتا هئہ .
پنڊت هوءِ ڪي آسنُ مارءِ، لَمبي مالا جَپتا هئہ،
اَنْتَر تيري ڪَپَٽَ ڪَتَرني سو ڀِي صاحَبُ لَکتا هئہ،
اوُنچا نيِچا مَحلَ بَنايا، گَهري نينِوَ جماتا هئہ،
چَلَنِي ڪا مَنِصوُبا ناهين، رَهنِي ڪا مَن ڪَرتا هئہ،
ڪَوڙِي ڪَوڙي مايا جوڙي، گاڙِ زَمين پر ڌَرِتا هئہ،
جيهِ لَهِنا هَئہ سو لئہ جئہ هئہ،
پاپي وَهہ وَهہ مَرتا هئہ،
سَت وَنِتي ڪو گَجي ماٺہ نهين، وَئشيا پهرءِ ڪاسا هئہ،
جيهہ گهَر سادوُ ڀيکہ نہ پاوءِ، ڀِندُئا کات بتاسا هئہ،
هيرا پاءِ پَرَکہ نهين جانئہ، ڪَوڙي پَرِکَن ڪرتا هئہ،

ڪهت ڪبير سُنو ڀائي ساڌو،
هر جَئسي ڪو تَئِسا هئه."

ارٿ:- خبر ئي نه ٿي پوي ته تنهنجو صاحب ڪهڙو آهي؟ اَڙي مُلان مسجد ۾ بانگون ڏيئي پڪارون ڪرين. تنهنجو صاحب ڇا ٻوڙو آهي؟ ڇا توکي خبر آهي ته ڪيڙيءَ جي پيرن ۾ وڄندڙ ڇير جو آواز به سائين ٻڌي ٿو. پنڊت تي ڪري ڏاڍا آسڻ لڳايو، لمبيون مالهائون پيو جپين، پر تنهنجي اندر ۾ جيڪا ڪپٽ جي ڪٽاري آهي، سا به سائين ويٺو ڏسي اونچا اونچا محل ماڙيون اڏارائي، پنهنجون ٻاڙون پيو پختيون ڪرين. هتان هلڻ جو ويچار ئي لاهي ڇڏيو اٿيئي، اجا به رهڻ جا پيو پهه پچائين. ڪوڏي ڪوڏي ڪري مايا ميڙي اٿيئي ۽ ڌرتيءَ ۾ پوري وٺو آهينس. جڏهن لهڻو هوندءِ سو وٺيو ويندءِ، پاڻ ئي لون وهي وهي مري ويندين! پتورتا ناريءَ کي انگ تي پورو ڪپڙو به ڪونهي، لنديون پيون لاڏ ڪن ۽ عمدا عمدا ڪپڙا پهرين. جڏهن گهر ۾ ويچاري ساڌوءَ کي ٻکيا به نصيب نه ٿي ٿئي اٿي پاند پيا پتاشا کائين (الوليون ڪن) هيرا حاصل ڪري ٻرڪ ڪاڻ ڪيئه، هاٿي ڪوڏيون پيو پرکين. ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته ٻائي ساڌو سڻو، ڀڳوان جهڙي کي تهڙ آهي يعني سڀ کي چڱيءَ ريت سڃاڻي ٿو.

ٻولي آهي سا لوڪزنيءَ پريل پر ٻڌندڙ کي ڌونڌا ڇڏي. جيتري ئي آهي سادي سودي اوتري ئي آهي ت

ڪبير صاحب آزاد طبيعت انسان آهي. سندس ڇوڏار شاربرڪ غلاميءَ جو گهيرو پيل آهي. مگر هوُ اها ڳا محسوس ڪري ٿو، ته ٻدني آزاديءَ کان اڳ خيالي يا ويچا جي آزادي ضروري آهي. جنهنجو مَن ئي غلامي پيڙُ

جڪڙهن ھجي سو ٻاھرين زنجيرون ڪيئن ٽوڙي سگھندو؟ ھن ڏنو تہ ماڻھو اَندِ وِشواسَن ۾ اَھڙو تہ جڪڙجي وِيا آھن جو ھوُ ڀلي ٻُري جو خِيال ئي نہ ڪَري سَگھن. ڏَرمي غلاميءَ سان گڏ انھنکي سماجڪ غلامِي اُھڙو تہ جَڪڙي ڇڏيو آھي جو ھوُ ٻيسي وِيا آھن. چوُڌارِي نظر ڦيرائي ڏِٺائين تہ ڪيس ھندو مسلمانن جي جھيڙن ڪان ذاتپ پاتِ جا ويچا وڏيڪ رَوپ چوُسِيندڙ نظر آيا. ڪاڏي ڀيٽي، اَئِنِ وِھڻ ۾ بہ ڇوتِ ڇاتِ ڏِسي، سَخت ڪلامي ڪندي بہ ٻاڌَ ڪِين آيو. ڇي:-

ايڪَ ھِہ پَوَن ايڪ ھي پاڻي،
ڪَري رسوئي نِياري جاني،
ماٽي سوُن ماٽي لي پوتِي،
لاڳي ڪَھئہ ڪَھان ڏوُن ڇوتِي،
ڏرتي لِيپ پوَتر ڪِينھي، ڇوتِ اُپايہ لِيڪ وِچہ دِيني،
ياڪا ھم سوُن ڪَھَئہ بِچارا، ڪيوُن پوَتر ھئہ اِھہ آچارا.

ارت:- ھڪ ئي ھوا، ھڪ ئي پاڻي، تہ بہ ڏسو تہ جُدا جُدا ڪري رَسوئي ٺاھي اَٿن. مٽيءَ ڪي مٽيءَ جو ليپ پاتائون، ھِداءَ تہ اھا ڇوتَ لڳي ڪِٿان؟ ڌَرتيءَ کي ليپ پاڻي پوتَرُ ڪري ۽ لِيڪو ڪڍي ڇوتَ ڇاتَ مٽائڻ جو طريقو اختيار ڪيائون. انھيءَ ڳالھہ جو ويچارُ ڪَري مونکي ٻڌاءِ تہ ڇا انھي حقالين ٽون ھي پوساگر (سنسار روپي سمنڊ) ٽَرِي پار ٿوندين؟ وَڌيڪ ڇوتا ڇوت ئي راھ وِٺي ڪندي ويچاري اَھمڻ جي ڪيئن تہ ٽو ڇنڊڇاڻي لاھي:-

ڪاھي ڪوُن ڪيجئہ پانڊي ڇوتِ وِچارا،

انهن ڪتابن مان "ڪبير گورک گوشٽي" ۽ "محمد بوڌ" جي باري ۾ ڊاڪٽر رامڪمار ورما کي شڪ آهي ته اهي ڪي ڪبير صاحب جا آهن، ڇاڪاڻ ته ڪبير صاحب نکي گورک ناٿ جي وقت ۽ نکي محمد صاحب جي وقت جاول هو. انهيءَ ڪري ڪبير صاحب جي انهن سان ڳالهه ٻولهه ٿيڻ ناشدني آهي. ٿي سگهي ٿو ته گورک ناٿ کي ناٿ پنٿ جو عيوضي سمجهي پنهنجا رايا ظاهر ڪرڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه جي صورت ۾ "گورک گوشٽي" رچيو ويو هجي." پر "محمد بوڌ" کي ته ڪنهن به صورت ۾ سند قبول ڪري نٿو سگهجي. اهڙيءَ ريت ڪبير جي ساکين ۾ پنهنجي نالي پٺيان "جي" لڳائڻ جي سبب ڊاڪٽر ورما انکي به شڪي سمجهي ٿو. پر جيئن ته اڳ ۾ ٻي ڄاڻايو ويو آهي ته ڪبير صاحب اڻ پڙهيل هو، سڀ گرنٿ سندس چيلن ۽ پوئلڳن جي معرفت گڏ ڪيل آهن ۽ انهيءَ ڪري سياويڪ آهي ته عزت جي خيال کان سندس شبدن جي پٺيان "جي" لفظ ڳنڍيو ويو هجي.

ڊاڪٽر بڙٿوال "پيد سار" ۽ "آدي ٽڪسار" نالي ڪتاب به ڪبير صاحب جا لکيل سمجهي ٿو.

شري وشوناٿ سنگهه ديو پنهنجي ٽيڪا جي ڀڃاڙيءَ ڪبير صاحب جو هڪ پد لکيو آهي جنهن موجب "بيجڪ کي وڏيڪ پرمانڪ يا سند ڪري مڃيو آهي.

"سنتو بيجڪ مَت پَرمانا" يعني بيجڪ جو مت پرماڻ (ثبوت) آهي. ڏسجي ائين ٿو ته ڪبير جي جيئڻ ٿي ڪيترا اهڙا پستڪ ڪبير جي نالي ۾ لکيا ويا هجن ۾ ڪبير جي مت جي برخلاف بيان هجن. خود ڪبير صاحب جي اصل لکايل بيجڪ لاءِ به شري وشوناٿ سنگهه جا آهي ته اهو ڪتاب ڪبيرداس جو شش ڀڳوانداس (

مسلماني حڪومت ۾ مسلماني دين اختيار ڪيو هو ۽ مگر راج-ڌرم قبول ڪرڻ بعد به ڪيس اها خوش نصيبي حاصل نه ٿي، جو حڪومت ڪندڙ قوم جي منجهس ٻيگر اچي يا اڳين هيٺاين کان چوٽڪارو ٿي حاصل ٿي سگهي. هو ٻالي ماڻو مسلمان ٿيل ڪورين جي غريب سماج جا باشندا، غريبيءَ ۾ ٿي پليا ٿي ۽ غريبيءَ ۾ ٿي مري ٿي ويا. هنن لاءِ گيان يا علم جو دروازو بند هو. اهڙي ڪل ۾ پيدا ٿيل شخص لاءِ مشنوئي اونچ نيچ جي پاونا ۽ ذات پات جو فولادي پانڇو ترڪ يا ٻهمت جو باعث نه بڻجي زندگي ۽ موت جو سوال هو. ڪبير داس اهڙي ئي سماج جو رتن هو. اهڙي ماڻهوءَ لاءِ هن طرح جي خندہ زني ڪرڻ سياوڪ هئي.

هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته ڪبير جي سموري ساڌنا هندو ڌرم جي ڀڳتي چيڙي کان شروع ٿي هئي. جنهن ۾ هن ويدن ۽ شاسترن کان الڳ رهي پنهنجي شخصي انپوڻي ٿي آڌار رکيو هو ۽ پوري وشواس سان اڳتي وڌي رهيو هو:-

جاکي مَن وِشواس هَئہ، سدا گُرُ هَئہ سنگہ،
ڪوٽ ڪال جَهڪجهورَهين، تَئو نه هو چِتَ ڀنگہ.

ارٿ- جنهنجي من ۾ پڪو وشواس آهي ۽ گرو جنهنجو ساٿي آهي اُنکي چاهي ڪروڙين ڪال ڪري ڌونڌارين ته به هنجي من ۾ ڀنگ نه پوندو.

اڌياءُ ٽيون

ڪبير جون رچنائون ۽ ٻولي

اِها ڳالهه عالم آشڪار آهي تہ ڪبير صاحب پڙهيل ڪين
هو، جا ڳالهه هن پاڻ قبول ڪئي آهي:-

”مَسِ ڪاڳَدَ ڇُيو نَهينِ، قلمُ گَهو نَهينِ هاٿِ.

(مون مس ڪاغذ کي هٿ بہ ڪين لاتو ۽ نڪي ڪي قلم ئي
ڪنيم) تہ بہ هن صاحب گهڻيئي رچنائون ڪيون جي هنجي
چيلن ڪتابن جي صورت ۾ آنديون. ڪبير صاحب کي جدا
جدا پرانتن جا ڪيترائي شش هوا جي پنجاب ڪانوني آ
پرديش ۽ بهار تائين ڦهليل هوا، جنهن هندو بہ هوا تہ مسلما
بہ هوا. شدني آهي تہ انهيءَ ڪري ئي سندس رچنائن
جدا جدا ٻولين جا لفظ اچي ويا هجن ۽ اُچارن ۾ بہ انهي
ڪري تفاوت ٿي ويو هجي. ڪيترن سنتن تہ ڪبير ڪانې
سندس نالي ۾ بہ رچنائون ڪيون جي ڪبير جي ٻاڻيءَ
شامل ٿي ويون آهن. نہ رڳو ٻاڻيون پر ٻين جا لکيل ڪتا
بہ سندس نالي ظاهر ڪيا ويا آهن. انهيءَ ڪري ڪ
صاحب جون سچ پچ ڪهڙيون رچنائون آهن سو ڄاڻڻ ڏ
ٿي پيو آهي.

ويسڪٽ صاحب، ڪبير صاحب جي ۸۲ ڪتابن جا
ڄاڻايا آهن. مگر اُنهن ۾ ”ڪَبير ڪسوٽي ۽ ڪَبير منصو
وغيره بہ ڄاڻايا ويا آهن، جن لاءِ چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اَڏ ص

اڳ جا لکيل آهن. "مشر ہندو ونود" ۾ اٽڪل ٤٥ ڪتابن جا نالا ناگري پرچارڻي سڀا ڪاشيءَ وارن جي رپورٽ موجب ڄاڻايل آهن. ڪبير صاحب جو مکيه ڪتاب آهي "ڪبير بيجڪ" جنهنجا هينيان ١١ انگ آهن. ١- رمئني ٢- شبد ٣- گيان چوُنتيسا ٤- وپر بتيسي ٥- ڪهرا ٦- وسنت ٧- چاچر ٨- بيلي ٩- برهُلي ١٠- هندولا ۽ ١١- ساکي. ڪن ورن انهن مان هڪ هڪ انگ کي جدا ڪري جدا جدا پستڪ ڪري بنايا آهن. تنهن کانسواءِ "پرنه ڀڇانوي ڪو انگ" ۽ "ستسنگ ڪو انگ" وغيره ڪتاب ساکيءَ جو ئي جزو آهن. هيلتائين جدا جدا ودوانن جي کوجنا موجب ڪل ٦٨ ڪتابن جي فهرست ملي ٿي جا هيٺ ڏيکارجي ٿي.*

---

* آٺ ڀهرا- انُراگ ساگر- امر مؤل- عرض نامه- الف نامه- اکشر کنڊ کي رمئني- اکشر ڀيد کي رمئني- آرتي- اگر گيتا- اگر گيان- مؤل سڌانت- ڪبير اور ڌرمداس کي گوشٽي- ڪبير کي باني- ڪبير اشٽڪ- ڪبير گورک گوشٽي- ڪبير جي کي ساکي- ڪبير پرڇه کي ساکي- ڪرم ڪانڊ رمئني- ڪايا پنجي- چؤڪا ير کي رمئني- چؤنيسا- ڇپه- جنم بوڌ- ٽيسا يتر- نام مهاتم کي ساکي- نرڀئه گيان- پيه ڀڇانوي ڪو انگ- ٻڪار- باراماسي- بيجڪ- برهم نروپڻ- ڀڪتي ڪا انگ- رمئني- رام رکيا- رام سار- رکتا- وچار مالا- ووبڪ سار- شبد الهه ٽڪ- شبد ونشاولي- سنت ڪبير- بندي ڇور- ست نامه- ساڌو ڪو انگ- سواس گنجار- هندورا- هنس مڪتاولي- گيان گوڌري- گيان سُرودئه- گيان ساگر- گيان سمبوڌ- ۽ گيان استوتر.

ڀڳوداس) چورائي ڪڍي ويو جنهن لاءِ ڪبير صاحب لکيو آهي تہ:-

"ڀڳوداس کي خبر جنائي،
لي چرڻامرت ساڌ پيائي
ڪوئو آپ ڪهہ ڪالنجر گيئو،
بيجڪ گرنٿ چوراءِ لي گيئو
ستگر ڪهہ وهہ نگرا پنٿي،
ڪاءِ پيئو لي بيجڪ گرنٿي.

ارٿ:- ڀڳوداس نسبت خبر پئي تہ هن ساڌن کي چرڻامرت پئي پياريو ۽ بيجڪ گرنٿ چورائي ڪڍي ويو، ستگر فرمائين ٿا تہ اهو بيجڪ اهو نگرو ڪڍي ويو تہ ٿي، ڇا پيو." (شايد وري نئين سر تيار ڪيو ويو تہ ڏسجي).

انهيءَ ڪري بيجڪ ٿي سند جي صورت ۾ قبول ڪيو وڃيتو. بيجڪ ۾ ۸۴ رمئنيون آهن جي چوپائن ۾ لکيل آهن ۽ ڪيتريون اهڙيون چوپايون آهن جنجي هيٺان وري ساکيون لکيل آهن. ساکيءَ جي معنيٰ اِها آهي تہ جڏهن ڪو بہ شخص رمئنيون لکندو هجي ۽ رمئنين جي وياکيا Defination جي صورت ۾ ڪبير جي ساکي يعني شاهدي پيش ڪيل هجي. گروءَ کي ساکي (شاهد) ڪري ڪا ڳالهہ چوڻ جي رسم ڪبير صاحب کان بہ گهڻو اڳ هئي. جالندر ناٿ جي شش ڪرشنا پاد (ڪڻپا) لکيو آهي تہ "ساکي ڪرب جالندر پائي" ڏنو ويو تہ جالندر ساکيون پئي لکيون). بيجڪ وانگر ٿي ڪبير جون ساکيون پرماڻ روپ ۾ قبول ڪيون ويون آهن.

ڪبير صاحب ٣٦٩ ساکيءَ ۾ ڄاڻايو آهي:-

”ساکي آنکي گيان ڪي، سَمُجھ ديکہ مَن مانهن
بنَ ساکي سنسار ڪو، جهگڙا ڇُوٽَتَ نانهِن“

(من ۾ سوچي ڏس ته ساکيون ئي گيان جون اکيون آهن، ٻنا ساکين سنسار جو جهيڙو نبيري نٿو سگهجي.)

ڪبير پنٿين ۾ ڪبير داس جي ”سُوير ويد“ جا چار ڀيد ڪيا ويا آهن (١) ڪوُٽ واڻي (٢) مول گيان (٣) ٽڪسار ۽ (۴) بيجڪ واڻي. انهن مان ڪوُٽ واڻيءَ جو پرچار ڌرمداس ڪيو. ٽڪسار ڪرناٽڪ جي چترڀج داس، (مول گيان) ڏرڀنگاجي راھ بانڪي جي ۽ شام ملا ڏوبي ۽ مانهر جي هيرا ميرانس جيءَ پرچار ڪيو.

بابو شيام سندر داس، ڪاشي ناگري پرچارڻي سڀا طرفان جيڪو ڪبير گرنٿاوليءَ نالي پستڪ پڌرو ڪيو آهي، اُن جو آڌار هڪ پراڻي هٿ لکيل ڪاپي آهي جا ١٥٦١ع ۾ لکي ويئي هئي. يعني ڪبير صاحب جي سرڳواس ٿيڻ کان اڳ جو اِهو ڪتاب لکيل آهي. اَلبت باقي ١۴ ورهين جي اندر ۾ ڪبير صاحب جون ڪيتريون رچنائون ٺيل هونديون جي اُنھ آيل نہ آهن، لنهدڪانسواءِ گرنٿ صاحب ۾ جيڪي ڪبير جا پد چڙهيل آهن سي اُن گرنٿاوليءَ جي پڇاڙيءَ ڇاپيا ويا آهن. ڊاڪٽر رامڪمار ورما وري گرنٿ صاحب ۾ چڙهيل ڪبير صاحب جي پدن جو ”سنت ڪبير“ نالي سان ڪتاب پڌرو ڪيو آهي.

انکانسواءِ شري ايوڌيا سنگهہ اُپاڌيايہ جو لکيل ”ڪ... وچناولي“ ۽ الهٰ آباد جي بيلويڊير پريس مان ڇپ... ”ڪبير داس ڪي شبداولي“ بہ وڏيءَ کوج ۽ محنت ... تيار ڪيا ويا آهن.

بنگال جي شري کشت موهن سين "ڪبير ڪي پد" نالي ڪتاب ڇپايو آهي. اهي پد هن صاحب ڪنهن ڪتاب تان نہ ورتي جدا جدا ڀڳتن جي واتون ويٺي ڇيل پدن مان گڏ ڪري ڇپايا آهن. جن مان ١٠٠ پد چونڊي مهاڪوي روبندرناٿ ٽئگور سندن انگريزيءَ ۾ One hundred poems of Kabir نالي ڪتاب ڇپايو آهي.

ڪبير صاحب جي ٻوليءَ نسبت راءِ ڏيڻ ڏکي ڳالهہ آهي. ڇاڪاڻ تہ اها کچڙي ٻولي آهي. جيتوڻيڪ پاڻ لکيو اٿس تہ "ميري ٻولي پوربي" تہ بہ سندس ٻوليءَ ۾ کڙي ٻولي، پنجابي، راجستاني، عربي، فارسي وغيره ٻولين جا لفظ چڱي انداز ۾ استعمال ٿيل آهن. جيتوڻيڪ ڪيترا ودوان سندس ٻوليءَ کي ساهتيڪ ٻولي نٿا ڪوٺين مگر سچ تہ هيءَ آهي تہ ٻوليءَ تي ڪبير جو زبردست ضابطو آهي. هو واڻيءَ جو ڊڪٽيٽر آهي. جا ڳالهہ هن جنهن صورت ۾ ظاهر ڪرڻ چاهي آهي اُنکي اُنهيءَ روپ ۾ ٻوليءَ کان چوائي سگهيو آهي. ٻولي ڪبير اڳيان لاچار نظر اچي ٿي. هُن پار (پي دنيا) جي اَکٿ ڪهاڻيءَ کي دل ڪش صورت ۾ پلٽڻ ۾ جيڪا طاقت ڪبير جي ٻوليءَ ۾ آهي اها ڪن جزوي شاعرن ۾ آهي. لامحدود، اننت، پرماننڊ، آتما جو ساڪي پوت ٿي ميلاپ ڪرڻ وغيره اهڙيون ڳالهيون آهن جي واڻيءَ جي پڪڙ ۾ اچڻ مشڪل آهن. مگر حد ۾ رهي لاحد جي ميدان جي سير ڪندڙ ڪبير اُنهن گهٽ ۽ گنڀير ڳالهين کي ساکيات ڪري پيش ڪرڻ ۾ جيڪا ڪاريگري ڏيکاري آهي سا لاثاني آهي. ڪنهن تي چوٽ ڪرڻ، خنده ڪرڻ ۾ ڪبير جو ڪوبہ همدم ٿي نٿو سگهي. سندس سڀ ميل کچڙي ٻوليءَ جو اهو ئي سبب آهي جو هن جدا

جدا ٻوليتن جا خوب رنگ ڪيا ۽ ٻري ٻري جي ساڌن سنتن جو سنسڪر ڪيو. ڪڏهن ته ڏسندا ته هڪ ئي پد ۾ پنجابي ۽ راجستانيءَ جو ميل هوندو:-

اَنگرِيان جهانئي پڙي، پنٿ نهار نهار
جيڀڙيان ڇالا پڙيا، رام پڪار پڪار

جي انگڙيان جهانئي ۽ جيڀڙيان پنجابي لفظ آهن ته پڙيا وري راجستانيءَ جو فعل آهي. پنجابيءَ جا محاورا به استعمال ڪيا اٿس.

۱- رِل گيا آٽي لوڻ

۲- لوڻ وِلگا پاڻيان، پاڻي لوڻ وِلگ وغيره.

سنسڪرت جي وَرجيه (ڪانسواء، ڇڏي) جو پنجابي اپڀرنش (بگڙيل) روپ ”باجهان“ لفظ آهي، اُنجو استعمال هيٺينءَ ريت ڪيو اٿس.

”پست نه ميري چاهئي، باجهه پياري تُجهه“

اپڀرنش ۾ سنسڪرت ”ڪ“ جو ”گ“ ٿي ويندو آهي جئين پرڪٽ جو پرگٽ. ڪبير صاحب ان نموني ڪيترائي من مانيا نوان نوان اُچار گهڙيا آهن. جئين اُپڪاريءَ ج اُپگاري وغيره.

سنسڪرت جا مهاپراڻ (جنجي اُچارڻ ۾ لمبو ساهه ک لفظ اپڀرنش ۾ ”هه“ سان بدليا آهن. جئين شبد ۽ جو سب وغيره. ڪبير صاحب ته وري هڪ قدم اڳتي وڌيو آ يعني ”هه“ کي ڦيرائي مهاپراڻ لفظن ۾ به ڪتب آندو ا جئين سنسڪرت جو دهن لفظ کي ڦيرائي داجهن (ڏجه ڪيو اٿس.

فارسي ۽ عربي لفظن جو استعمال نہ جتي لتي ڪيو ٿي
اٿس، پر ڪي اهڙا بہ پد آهن جي خالص عربيءَ ۽ پارسيءَ
سان ٺڪيا پيا آهن. هيٺيون پد ڏسو.

”هم رفت رهبرہ سُمان، مَن خُردا سُمان بِسيار
هم زمين آسمان خلق، گُنند مُسڪل ڪار.“

ڪبير صاحب لفظن جي ڏاڍي پچ گهڙ ڪئي آهي،
جتي جو لفظ ٺهڪائي سگهيو آهي اُتي اُن لفظ کي پنهنجي
ڍاهي ڦباڻڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. ڪٿي ڪٿي
سنڌس ٻولي ڳنوارو پيئي لڳي پر اُنهن ۾ ڪڙي ڪڙي پڌائڻ
۽ سچائيءَ جي ميناج هئڻ ڪري پاڻ دلين ۾ پهچي پيئي آهي.

ڪبير جو ڪاويہ (شعر)

ڪبير صاحب شاعري پنهنجي هنر يا ڪلا ڏيکارڻ جي
خيال کان ڪانہ ڪئي آهي. اُنجي ويچار ڌارا سچ جي ڳولا
لاءِ هئي ۽ اُنکي ظهور ۾ آڻڻ ئي سندس مقصد آهي.
سندس ويچار ڌارا زندگيءَ جي وهڪري کان الڳہ يا نرالي
نہ آهي. اُنهي ئي سندس هردو رميو پيو آهي.

ڊاڪٽر هزاري پرساد لکي ٿو تہ:-
”هندي ساهتيہ جي هزار ورهين جي اتهاس ۾ ڪبير
جهڙي شخصيت وارو ڪو بہ ڪوي پيدا نہ ٿيو. مهما ۾ هن
جي شخصيت پنهنجو ثاني فقط هڪڙو جڻو ئي ڄاڻي، سو
هو تلسيداس. پر تلسيداس ۽ ڪبيرداس جي شخصيت ۾
وڏو تفاوت آهي. جيتوڻيڪ ٻئي ڀڪت هوا تہ بہ ٻنهي جا
سڀاو، سنسڪار ۽ نقط نگاهہ هڪ ٻئي کان بلڪل نرالا هوا.

مستي، فقر سياڻ ۽ سڀ ڪنهنکي ڪڙي ڪڙي ٻڌائڻ واري طبيعت ڪبير کي هندي ساهتيہ جو هڪ لاثاني شخص بنائي ڇڏيو آهي. سندس ٻاڻيءَ ۾ سيني متان ڇايا وجهندڙ ۽ سيني کي جيتيندڙ شخصيت سمايل آهي. ڪبير جي ٻاڻيءَ جي پيروي ڪري نٿي سگهجي ۽ پيروي ڪرڻ جون سڀ ڪوششون اجايون ثابت ٿيون آهن. انهيءَ شخصيت جي ڪري ڪبير جون چوٽيون ٻڌندڙ کي پاڻ ڏانهن زوريءَ مائل ڪن ٿيون. انهيءَ شخصيت جي ڪشش کي همدرد سمالوچڪ سنڀالي نٿو سگهي ۽ آخر ريجهي ڪبير کي "ڪوي" سڏڻ ۾ ئي سنتوش حاصل ڪري ٿو. اهڙي دلڪش حال اوريندڙ کي "ڪوي" نہ سڏجي تہ ڇا سڏجي؟ مگر اها ڳالهہ وسارڻ نہ گهرجي تہ اها شاعراڻي ذات ڪمس رونگ ۾ مليل هئي. ڪبير ڪوتا رچڻ جي پرتگيا ڪري پنهنجون ٻاڻيون ڪين بنايون آهن. سندس ڇندن (وزن - بحر) جي بناوت، ڳالهہ چوڻ جو عجيب ڍنگ ۽ النڪار (تجنيس) وغيره سياويڪ آهن، هن انهي لاءِ ٻين شاعرن وانگر نڪي ڪي ڪلا جو ڏيکاءُ ڪيو آهي نڪي ڪي ناهہ ٺوهہ ڪئي آهي. شاعراڻي قاعدي جو نڪي ڄاڻو هو ۽ نڪي قائل ئي هو. اها شاعري مستاني ڍنگ جي هوندي بہ ميناج ۽ ٻيا لاڳہ لپيٽ ڪڙي ڪڙي سڻائڻ سچ چوڻ جو جيڪو گڻ منجهس آهي تنهن سندس چوڻ کي اهڙو تہ دلڪش بنائي ڇڏيو آهي جو اهي پهاڪن ج هرڪنهن جي زبان تي آهن. جيتوٽيڪ ٻين شاعرن وان سندس رچنائن جي مطلب ڪڍڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ تڪليف ئي نٿي محسوس ٿئي تہ بہ سندس "الت بانس اڳيان وڏا وڏا شاعر مات کايو وڃن. ڪبير پنهنجن چو

تي ٻاهرين الڪارن (تجنيس) جو ملمع ڪين چاڙهيو آهي ۽ نڪي ڪي ڳولي ڳولي الڪار ڪتب آندا آهن. اُهي قدرتي سندس اُنڀوَ جو نتيجو آهن.

سچي ڪلا لاءِ ڀاونا جي ضرورت آهي. ڀاونا جي لحاظ کان ٻاهرين آڊمبرن ۽ بندشن کان آزاد ڪلا ئي سچي ڪلا آهي. جيڪڏهن انهيءَ ڪسوٽيءَ تي شاعريءَ کي ڪسبو ته تمام ٿورا شاعر انهيءَ قطار ۾ اچي سگهندا. پر ڪبير جو آسڻ انهيءَ بلنديءَ تي اٽل آهي. جيڪڏهن سچ جي ڳولا ڪندڙ ڪبير جي شعر ۾ سچائيءَ کي آزادي نٿي ملي ته ٻئي ڪنهن هنڌ ملي نه سگهندي.

ڪبير جو شعر به ٻين سنت ڪوين وانگر مڪتڪ آهي. مڪتڪ ڪاويه پنهنجو پاڻ ۾ بعدلي سُتهه پورڻ آهي، اُن جو اڳين يا پوين پدن سان ڪو به سمبنڌ نٿو ٿئي، نڪي پربنڌ (آڪاڻيءَ ۾ هلندڙ شعر) ڪاويه وانگر پرسنگ يا سلسلي چالو رکڻ جي اُن ۾ گنجائش آهي. ڪبير ساکين ۾ دوهو شبدن ۾ پد ۽ رميڻين ۾ چوپائي ۽ دوهو ڪتب آندو آهي. ڪانئس پوءِ تلسيداس به ”رامائڻ“ ۾ ۽ ملڪ محمد جائسيءَ ”پدماوت“ ۾ ساڳيءَ ريت چوپائي ۽ دوهو ڪتب آندو آهي. تفاوت رڳو اهو آهي، جو انهن ٻنهي پربنڌ ڪاويه (آڪاڻي نما) لکيا. پر ڪبير چوپائي ۽ دوهي جي هڪ بند ۾ هڪ ڳالهه ٿو لکي ته ٻئي ۾ بنهه ٻي ڳالهه ٿو ڪري. چوپاين ۾ سڌانت آهن ته دوهن ۾ وري سندس انڀون ۽ محسوسيت جي ساکي (شاهدي) پيش ڪيل آهي. اهو طريقو اپڀرنش ڪال کان وٺي هلندڙ هو جنهنکي ڪبير هنديءَ ۾ آندو. مڪتڪ جا اهي ٻه طريقا دوهو ۽ پد هنديءَ جي پوين ڪوين، سورداس، تلسيداس، جائسي ۽ بهاري وغيره شاعرن کي اپڀرنش ڪال سان ڳنڍيندڙ هڪ ڪڙي، ڪبير صاحب پيش ڪئي.

ڪبير جي دوهن ۾ اُپديش، سدانت ۽ ڪٿي ڪٿي رهسيه (راز واريون ڳالهيون) سمايل آهن. هن پنهنجن دوهن کي سچائيءَ جي آڳ سان ٽجليدار بنائي چڏيو آهي. ڪي ڪي دوها اهڙا نه اوچ سان ڀريل آهن جو جڻ چٽڪون ٿيون اڏامن! سٽين ۽ سورمن واري بيان ۾ رچيل دوها انهيءَ مثال آهن. جتي هو مايا ني ڪاوڙ ٿو ڪري اُتي سندس پيانڪ روپ جو درشن ملي ٿو. ڀڳتيءَ جي ٻاري ۾ چيل دوهن ۾ پريم ۽ اوچ جو عجيب ميلاپ آهي. جتي وري رهسيه (راز) واري واٽي اُچاري ٿو اُتي اَدڀُت رس (حيرانيءَ ۾ وجهندڙ) ٿو ريلا ڪري.

ڪبير هڪ ڀهتل گياني آهي، لنهنڪري سندس شعر ۾ گيان جا پندار ڀريل آهن. سندس گيان بين ٻوُٿين مان چورايل گيان نه آهي. ۽ نڪي ڪي ٻڌل يا ٻڌايل ڳالهين جو بي ميل يا اَڻ نهڪندڙ پندار ئي آهي. پڙهيل لکيل نه هو ڪين هو، مگر ستسنگ ڪندي جيڪي به ڳالهيون ڪيس معلوم ٿيون، اُنهڪي هن پنهنجي ويچار ڌارا جي معرفت مانسڪ حاضمي سان هر طرح پنهنجو بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. خود پاڻ فرمايو اٿس نه ”سو گياني جو آپ وچار ڻ“ سندس گيان سُڪل گيان هوندي به ارٿ جي لحاظ کان اهڙو سولو آهي جيئن سڪل ڪاٺ ٻاهه ۾ ٻرڻ سان جهٽ ٻري روشني ڏيندو آهي.

سندس بيا پد مکتڪ آهن جي سنگيت جي پ نگ لي راڳن ۾ لکيل آهن. ايشور جي پراڻنا يا ونم وارن پد کي چڏي ڪبير جي هڪ هڪ پد ۾ خود ظهور جي چا آهي. سندس شعر ۾ ويچارن جي محسوسيت وڌيڪ آهي. هو دل کان دماغ کي ۽ دماغ کان دل کي طاق ڀهچائڻ چاهيٿو. ڪبير کي پنهنجي وشيه لاءِ جيڪا نشنا

سچاڻي آهي سا ڪن ٿورن شاعرن ۾ لڀندي.

انهن سڀني ڳڻن ڪري هنڪي نہ فقط ڀڳتي ۽ شرڌا جي نگاه سان ڏٺو ويندو بلڪ انهن کان وڏيڪ ٻڌي مڃيندڙ مذهبي پوڄا ۽ شرڌا رکن ٿا. انهيءَ ڪري هندي سنت روپ سان گڏ ڪوي روپ بہ برابر هلندو هليو ٿو. هو فقط نيتا يا گروُ نہ آهي بلڪ ساٿي ۽ دوست بہ آهي.

—

اڌياءُ چوٿون

منوهر ڪٿائون

ڪبير صاحب نسبت گهڻيئي ڪٿائن جا ڍير لکيا ويا آهن. مگر هتي فقط اهي ڪٿائون سنکيپ ۾ ڏنيون وڃن ٿيون جي زماني جي تڪرار (دليل) جي ڪسوٽيءَ تي ڪسجي سگهجن.

١. ڪبير صاحب جي ڏنڌي لاءِ بيپرواهي

سوامي رامانند جي ستسنگ ڪرڻ ۽ وٽانس اپديش و بعد ڪبير صاحب گهڻي قدر پنهنجو ڏنڌو ڇڏي رام نام جپ لڳايو. تنهنتي سندس ماتا کيس سمجهائڻ لڳي:-

"تننا بُننا سب تجا ڪبير.
هرِ ڪا نام لکہ لِيا سريرِ
مُس مُسِ رووءِ ڪبير ڪي مائي
ايهُ بالڪ ڪئسي جيوَهِ رگهرائي

ارٿ- هي ٻار، ڪبير نه اُڻڻ وغيره جو ڪم ڇ هريءَ جي نالي وٺڻ کي لڳي ويو آهي، سو ڪهڙيءَ گهر جو چرخو هلندو.

تڏهن ڪبير صاحب وراڻيو:-

"جب لگ ناگا باهنئہ بہنئہ

تب لگ بسري رام سنيهي."

جيستائين مان ڦوڪ ڏيڻي نڙيءَ ۾ ڏاڍو وڄائيندو تہ اهو وقت بہ مونکان پيارو رام وسري نہ ويندو.

لڇمتي سندس ماتا ڪيس سمجهايو تہ آيا تڏهن هن ٻارن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟

ڪبير صاحب وراڻي ڏني:-

"ڪهت ڪبير سنو ميري مائي

همرا، انڪا داتا ايڪ رگهورائي

"هي ماتا، هنن جو ۽ منهنجو هڪ ئي رام راکو آهي. جو لکن ڪروڙن کي روزي ٿو رسائي."

٢. سنسار موهہ ۾ ڦاٿل

هڪڙي مائيءَ پنهنجي سڪيلڌي پٽ کي ڏاڍي پيار ڪيو ۽ چنبو چميو، تہ اتي ۾ ڪبير صاحب اچي اتان لانگهائو ٿيو. مائيءَ کي هن ريت ٻار کي پيار ڪندو ڏسي ڪبير صاحب مشڪي ڏنو. انهيءَ جو سبب جڏهن شيوڪن پڇيو تڏهن وراڻيائين:-

"جنني جانت ست بڙهوت هئہ،

اتناڪ نہ جاني جہ دن دن اوڌ گهٽت هئہ،

مور مور ڪر اڌڪ لاڊ ڌر، پيکت هئہ جم راءِ هسي،

ايسا تئہ جگہ ڀرم ڀلائتا،

ڪئسي بوجهئہ جب موهتا هئہ مائتا،

ڪهت ڪبير ڇوڙ بکيا رس ات سنگت نهچئہ مرڻا."

(۱) ماتا سمجهي ٿي تہ منهنجو پٽ وڏو ٿيندو تہ وڃي، پر اسٽري بہ پوڄھ نٿي پوي تہ ٻار جي عمر وڃي ٿي ڏينهون ڏينهن گهٽبي. منهنجو منهنجو ڇو پيئي ڏاڍا لاڏ ڪوڏ ڪريس پر اها ڳالھ ڏسي جمراجا پيو کلي.

هي ڀائو! تو اهڙو تہ ڪري جڳت ڪي ڀرم ۾ ڦاٿو آهي جو مايا جي وس ٿي، هو لوڪي کهڙيءَ ريت ڇاڻي سگهندو؟

ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا، تہ هي ڀائي! وشين جو سنگ ڇڏي ڏي. اُنهن جي سنگ ڪرڻ ڪري توکي اوس ناس ٿيندين.

۳. پاپين لاءِ بہ سمر پاونا

ڪو چور ڪنهن شاهوڪار جي گهران چوري ڪري ڳنڍڙ
بڌي ٻاهر نڪتو، تہ هڪ سپاهيءَ کيس ڏسي ورتو ۽ هڪ
ڪيائينس. تنهنتي چور اها چوريءَ واري هڙ اُتي ڦٽ
ڪري اُٿي ڀڳو. سپاهي بہ سندس ڪڍ ڪاهيندو آيو.
ڪيس گوهيون ڏيارهندو اچي اُني پهتو، جتي ڪبير صاح
پوئينءَ راند جو اُٿي سنان پاڻي ڪري پوڄا پاٺ ڪري ر
هو. سندس گهر جو دروازو کليو پيو هو. چور اندر گهڙ
ويو، ۽ کيس سڃاڻي ڏسي سندس پيرن ٿي ڪري وي
ڪرڻ لڳو تہ "مان چور آهيان ۽ سپاهي منهنجي ڪڍ
پيو آهي، تنهن ڪري مون شرڻ ۾ آيل کي اُجهو ڏي
ڪبير صاحب فرمايو تہ "آيا، توکي ڪو اُلڪو نہ ڪر.
ڪٽ جنهنتي منهنجي نياڻي سمهي پيئي آهي، تنه
تون بہ وڃي سمھ." چور بہ مانَ ڪري اُن ڪٽ تي
سمهي پيو.

سپاهيءَ جي ٻڌا ڪرڻ تي ڪبير صاحب وراڻيو تہ
”اَبا، هو گهر پيو انيئي ٻولي لهيس. سپاهي بہ گهڻي تلاش
ڪئي پر چور هٿ ڪري نہ آيس. چور جو ڪبير صاحب جي
نياڻيءَ واري کٽ تي سمهيو پيو هو، تنهن پر ذرو بہ شڪ
نہ پيس ۽ موٽي هليو ويو. سپاهيءَ جي هلڻ وڃڻ بعد چور
اُٿي ڪبير صاحب جي چرڻن تي ڪري معافي گهرڻ لڳو ۽
چوڻ لڳو، ”هي سنت! اوهان موٽي بيحد ڪرپا ڪئي
آهي ۽ مان اوهانجو عمر ڀر ٿورو نہ لاهي سگهندس.“ انهيءَ
تي ڪبير صاحب وراڻيو تہ ”هي پرڀوءَ جا پيارا، تون ڪوبہ
فڪر نہ ڪر. هن کانپوءِ تون منهنجو ناٺي ٿي چڪين. هيءَ
منهنجي ڪنيا اڄ کانپوءِ تنهنجي استري آهي.“ چور اهو
ٻڌي اڳي کان بہ وڌيڪ روئڻ لڳو. ڪبير کيس هڪ نئي
نظر سان نوازي ڇڏيو ۽ هوءَ چور مان بدلجي پرم هري ڀڳت
ٿي پيو. انهيءَ واقع ڪري ڪبير صاحب جي ڏاڍي ننڊا
ٿيڻ لڳي. جڏهن اُنجي خبر کيس پيئي تڏهن هيٺيون شبد
راڳ گوڙيءَ پر اُچاريائين:-

جب هم ايکو ايڪَ ڪَرِ جانِئا،
تب لوگَهہِ ڪاهي دُکہ مانِئا،
هم اَپتَهہ آپني پَتِ کوئي،
هَمَري کوج پَرِهُ مَتِ ڪوئي،
هم مندي مندي من ماهي،
ساجَهہِ پاتِ ڪاهُون سِئُ ناهي،
پَتِ آپتِ تاکي نهي لاج،

تب جانِهگي جب اُکهڙيگو ڀاج،
ڪهئہ ڪبير ڀمتِ هر پرِوان،
سَرِبَ تِياگ ڀج ڪيول رام.

ارٿ:- جڏهن موت هر ڪنهنکي هڪ ٿي ڪري جاتو آهي تڏهن لوڪ انهيءَ ۾ سڙن ٻڙن ڇو ٿا؟ جيڪڏهن مان ٻي ماڻو آهيان ۽ پنهنجي پت کوهي ڇڏي آئم نہ پل کو ٻيو منهنجي پيروي نہ ڪري. مان مندو آهيان ۽ منهنجو ڪنهن سان ڪہ ڏي وٽ جو وهنوار ڪونهي. عزت مان پيا ٻي ماڻائيءَ جي اوهانکي ڪهڙي چاڻ، پتو تڏهن پوندو جڏهن سائينءَ وٽ اوهانجي اوگهڙ ٿيندي. سچي عزت اُها آهي جا پرڀوءَ وٽ قبول پوي. انهيءَ ڪري هي جيو، تون سڀيئي سنسا متائي فقط رام جو سمرڻ ڪر.

۴. پريو سرو وياپڪ

هڪ دفعي ڪو ناستڪ ڪبير صاحب وٽ آيو ۽ اچي چيائينس تہ اوهين تہ رام ڀڄڻ جو اُپديش پيا ڪريو پر مونکي تہ رام ڏسڻ ۾ ٿي ڪين ٿو اچي. هن سرشٽيءَ جو ڪاروبار پنهنجو پاڻکان پاڻيهي پيو هلي. تنهنتي ڪبير صاحب هيٺيو شبد اچاريو:-

اوءِ جو ديِسئہ اَمبرِ تاريِ،
ڪِنِ اوءِ چيتيِ، چيتن هاري.
ڪهہ ري پنڊت اَمبرَ ڪا سئُہ لاگا،
بوُجهي بوُجهن هار سپاگا.
سوُرج چند ڪَرَهِہ اُجيارا،

سب مَهہ پَسَرِئا بـرهم پسارا .
ڪهئہ ڪبير جانيگا سوءِ ،
هردي رام مُکہ رامئہ هوءِ .

ارٿ :- ڏس تہ هوُ آسمان ۾ تارا پيا ٻسڄن، اُنهنکي ڪهڙي نقاش چٽيو آهي . هي پنڊت ٻڌاءِ تہ سهڻين تہ آسمان ڪنهنجي آڌار تي بيٺو آهي . مگر اها ڳالهہ تہ ڪو وِرلو ڀاڳيہ ئي سمجهي سگهندو . سورج ۽ چنڊ وغيره جي پرڪاش ڦهلائي رهيا آهن ، اُنهن سڀني ۾ پرماتما جو پسارو آهي . هن راز کي اُهوئي سمجهي سگهندو جنهنجي هردي ۽ مکہ ۾ رام ٿو وسي .

٥٠ . من روپي گهوڙي کي وس ڪرڻ

هڪڙي پيري کي ٻراهمڻ ڪبير صاحب وٽ ، هڪ ڀلو گهوڙو سنڌن سان سيڱگاري وٽي آيا ۽ عرض ڪيائون تہ اهو گهوڙو اوهان لاءِ آندو اٿئون . اُنتي ڪبير صاحب فرمايو تہ مونکي هڪ گهوڙو اڳيئي آهي ٻنهنکري بيو وٺي ڇا ڪندس . ٻراهمڻ شڪ پڇيو تہ اسان تہ توهان وٽ ڪڏهن بہ ڪو گهوڙو ڪونہ ڏٺو آهي . ان تي ڪبير صاحب فرمايو تہ موں وٽ من روپي اهڙو تہ ڀلو گهوڙو آهي جو وڃان آسمان جا سير ڪندو ۽ هيٺيون شبد اُچاريائين :-

ديئہ مُهارِ لغام پَهراوَءِ ،
سگل تَجي گگن دوُراوَءِ ،
اَپنئہ بيچارِ آسواري ڪيجئہ ،
سهج ڪئہ پاوَڙءِ پَگ ڌر ليجئہ ،

چل ري وئڪنٺ ٽُجهه لي ٽارءِ ،
هِڃءِ ٽو پريم ڪَمُ چابُڪ مارءِ ،
ڪهت ڪبير ڀلي اَسُوارا ،
بيد ڪتيب ٽي رَهه نرارا .

ارٿ :- منهنجو گهوڙو ته من آهي جنهنکي مهاڙو ڏنئي، لغام وجهي سيني سنساري وسٿن جي اِڇا ٽيا ڳ ڪري پيو آسمان جا سئر ڪرايانس؛ يعني ويراڳ روپي لغام سان من کي دنيوي واسنائن مان ڪڍي آتمڪ ميدان ۾ پيو ڊوڙايان. پنهنجي وچار کي هنو ٻنائي، سهج سماڌيءَ روپي رڪاب ۾ پير وجهڻ گهرجي. هل ڙي گهوڙا، (من) ته توکي سنسار ساگر مان پار اُڪاري وئڪنٺ ۾ وٺي هلان. ٽورو ۾ نهندي ته توکي، پريم جو چهبوڪ هڻندس. ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته، جي ويدن ۽ ڪتيبن (اسلامي ڪتابن) جي ڪريائن کان الڳ رهي سادنا ڪن ٿا يعني پنهنجي آتم تي وشواس رکن ٿا سي ئي سچا ۽ پڪا سوار آهن.

٦. رام ۾ پورڻ وشواس

هڪڙو ڪوڙهيو، ڪوڙهه جي بيماريءَ مان اچي ڏاي وياڪل ٿيو. گهڻن ئي حڪيمن ۽ ويڄن جا در پيتيائين ٻ ڪتان ٻه ڪين ڇٽو. ڀائيندو هو ته اهڙي جيئڻ کان مر ڀهتر آهي. آخر ڪيس ڏس پيو ته ڪبير صاحب جي شر ٻوندي ته سڀ دک دور ٿي ويندء. ويچارو ان ان جهاڳين اچي ڪاشيءَ ۾ پهتو ۽ پڇا ڪرائي ڪبير صاحب جي ڪ تي آيو. ڪبير صاحب اُن وقت ٻاهر ويل هو. ماتا لوئي اُن وقت گهر ۾ ويٺي هئي تنهنجي پڇڻ تي ڪوڙ روئندي سڏڪا ڀريندي چيو ته مان هن ڪوڙهه جي

۾ مبتلا آهيان ، هيتري جيتري ڪان مرڻ بهتر ٿو سمجهان. مسين مسين ڪبير صاحب جو ڏس پيو اٿم. پر ڪرم اهڙا ڪثل اٿم جو اُنجو به درشن نصيب نه ٿيم. مائي لوئيءَ کي مٿس ديا آئي ننهن چيس ته ”آءِ، نااميد ڇو ٿو ٿين؟ سائينءَ وٽ سيڪي آهي. چا ڪر جو رام جو ٿي پيرا نالو جپي وڃي گنگاجيءَ ۾ سنان ڪر. هنجي ائين ڪرڻ سان هنجو سمورو روڳ دور ٿي ويو ۽ ٺوڻ ٿي پيو. ڏاڍو خوش ٿي مائي لوئيءَ وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو ته مونکي ڀڳت صاحب جو ڏس ڏي ته ڳولي وڃي درشن ڪريانس ۽ جو ڏسانئو ته جڏهن سندس استريءَ ۾ ايڏي شڪتي آهي، تڏهن ڀڳت صاحب پاڻ ته الائي ڪهڙيءَ مٽيا وارو هوندو. ڏس وٺي اچي ڪبير صاحب کي ڳولي لڌائين ۽ سندس چرڻن ۾ ڪري پيو. ڪبير صاحب کيس ڏاڍي پريم سان اٿاري ڪائنس سمورو حال احوال ورتو ۽ کيس آسيسا ڪئي. گهر موٽي پنهنجي استريءَ ٿي اچي ڏمرو ڇي، ”اڄ تو رام جي نام جي گهٽتائي ڪئي آهي. جڻ رام جي هڪ ڀيري ئي نام وٺڻ سان سڀ ڏک ناس ٿي وڃن ٿا، پر تو هڪ دفع جي بدران ڪوڙهيءَ کان ٽي ڀيرا نام چوائي رام جي مهما گهٽائي آهي.“ ۽ لوئيءَ کي گهر مان ڪڍي ڇڏڻ جو دڙڪو ڏنائين ۽ چيائينس ته هيڙي گناهه لاءِ مان توکي ڇيرائي ڇڏيندس.“ تڏهن لوئيءَ جواب ڏنو:-

”ڪروٽ ڀلا نہ ڪروٽ تيري،
لاڳي ڳلي سُنْ بنتي ميري،
هئون واري مُکہ ڦيِر پياري،
ڪروٽ ڏي موکئون ڪاهي ڪؤن ماري.

ارٿ:- تنهنجي منهن موڙڻ کان مون لاءِ ڪارائيءَ سان ڇير جو ڇڻ بهتر آهي. مونسان ڳلي لڳي هڪ ڀيرو منهنجي ويندي پڻ. مون ڪهڙو گناهه ڪيو آهي جو تون مونکي ڪارائيءَ سان ڇيرائيندي. پڪ سمجهه ته ڇا ٻ ڪرين پر مان توکان منهن نه موڙيندس. آخر گهڻي نيزاريءَ بعد ڪبير صاحب لوئيءَ کي معافي ڏني.

٧. ڏوري ڏاتر هٿ ۾ آءُ ڪا پاڻ وهيٺي

هڪڙي ڏينهن ڪبير صاحب گنگاجيءَ جي ڪناري تي پيهن ويٺي ڪيو ته ماڻهو ٻوڪندا آيا ڇي، "اوهانجي گهر کي باهه اچي لڳي آهي؛ اوهين هتي ويٺا آهيو؟" ڪبير صاحب فرمايو ته "اوهين ڪو به خيال نه ڪريو، پرماتما پاڻهي سولي ڪندو." اچا انهيءَ رد بدل ۾ هرا نه وري ٻيا ماڻهو ٻوڪندا آيا ڇي، "هاڻ ته هرا تيز ٻيٺي لڳي باهه جهوپڙيءَ کي وڪوڙي ويٺي آهي. سنت وراڻي ڏني ته "جي سائينءَ جي مرضي هوندي ته اها جهوپڙي ٻه سڙ وڃي، نه ڪير لري ڏيٺي انکي بچائي سگهندو ڪبير صاحب اجا اهي لفظ مک مان مس ڪڍيا ته اوچ اچي برسات ٻيٺي ۽ ڪبير صاحب جي جهوپڙي سڙڻ کا بچي ويٺي. اهو اچرج ڏسي ماڻهو ڪبير صاحب جي چر لي ڪري ٻيا. انوقت هيٺيون شبد اچاريائون:-

آپِي پاوَڪ آپِي پوَنا، جاري کَصَمُ ته راکِي ڪوَن
رام جپت تَنَ جَرِڪي نه جاءِ، رام نام چت رهئا سَما
ڪاڪو جَرءِ ڪاهه هوءِ هانِ،

نَتَ وَت ڪيلِي سارنَگ پا
کهئه ڪبير آکر دُءِ ڀاکِ، هوئگا کصم تو ليئگا را

ارٿ:- هي پيارا! ٻيو پاڻ ئي ٻاھ آهي ۽ پاڻ ئي هوا آهي. جي ٻاھ جلائيندو ته ڀلا ڪير رکيا ڪري سگهندو؟ رام جو نام جپيندي جي تن جلي خاڪ ٿئي ته ڇه شد، منهنجو من رام جي نام ۾ رميو پيو آهي. جڏهن سڀ ڪجهه سائينءَ جو آهي تڏهن ڪنهنجو گهر ٿو جلي ۽ ڪنهن کي نقصان ٿو رسي. هو سارنگ پاڻي، (وشڻو ڀڳوان) بازيگر جي کيل وانگر بازي کيلي رهيو آهي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته هي ٻرهمي، ٻه اکر (رارو ۽ ممو) يعني رام جو نالو پيو جپ. جي اسانکي مالڪ ۾ پورڻ وشواس آهي ته هو ضرور اسانجي رکيا ڪندو.

٨. پٿر پوڄا

هڪ باغ ۾ مالهڻ گل پئي چوندي. ڪبير صاحب کي ڏسي اچي سندس چرنن ۾ مستڪ نوايائين. ڪبير پڇيس ته "اهي گل ڪيڏانهن ڪندينءَ؟" جواب ڏنائين ته مندر ۾ وڃي ٺاڪرجيءَ تي چاڙهينديس. انهيءَ تي ڪبير صاحب کيس اُپديش ڏنو ته "لوڪ، سچي مالڪ کي ڇڏي اچي پٿر پوڄا ۾ پيو آهي، جنهن مان نڪي وري نڪي سري ۽ هيٺيون شبد چيائين:-

پاتي توڙءِ مالني پاتي پاتي جيءُ،
جس پاهن ڪئه پاتي توڙي سو پاهن نرجيئه،
ڀوُلي مالني هَئه ـ ستگُر جاگتا هئه.
برهم پاتي بِسن ڊاري ڦوُل سَنڪر ديوَ،
تين ديوَ پرتڪه توڙهِ ڪَرهه ڪِس ڪي سيوَ،
پاکانَ گڍِ ڪئه موُرَت ڪيني ديڪي ڇاتي پاءِ،

جي ايھہ مُورت ساچي هئہ، تئہ ڳَڏَڻَ هاري ڪاٿہ،
پاتَ ڀَهتِ اَرُ لاپسي ڪَرَ ڪراڪا سار،
ڀوڳَن هاري ڀوڳئا، اِس مُورت ڪي مُکہ ڇار،
مالن ڀُولي جڳہ ڀُلانا، هم ڀلاني ناهہ،
ڪهئہ ڪبير هم رام راکي، ڪرپا ڪر هر راءِ."

ارٿ:- هي مالهڻ! هيءَ جو تون گل ڦل ۽ پن پٽيئي
چنين، سو پن پن ۾ ساهہ سمايل آهي ۽ جنهن پٿر (ٺاڪر
لاءِ هي پن پٽيئي چنين سو تہ بيهڻ آهي ۽ منجهس ساهہ آهي
ئي ڪونہ. هيءَ ماٺو ڀليل آهي. سچو سَتگرو تہ هميشه
جاڳي. يعني اُنهيءَ نِراڪار پرماتما کي ڏياڻ سان ئي د
نورت ئي وِبندا. ڏس تہ سهين جن پنن کي چنين ٿي اُنه
مان برهما پنن ۾ آهي، وشڻو ٽارين ۾ آهي ۽ شو ڀڳوان گل
ڦلن ۾ واسو ڪري ٿو. جڏهن تون ڏنا وائتا ٿي ديوتائو
ٽوڙي رهي آهين تڏهن باقي پُوڄا ڪنهنجي ٿي ڪرين
جنهن ڪاريگر پٿر جي ٺاڪر کي ٺاهڻ وقت سندس ڇاتي
تي پير رکي گهڙيو، جي اها مورت سچي هجي ها
ٺاهيندڙ ڪاريگر کي ئي کائي وڃي ها (جنهن سند
پي اَديءَ ڪري مٿس پير رکيو هو) چانور، دال، لپ
ڪڙاڪيدار ڀوڳ تہ کائڻ وارا (پوڄاري وغيره) کائي و
پٿر کي ڪجهہ بہ نصيب نہ ٿيو. ڪبير فرمائي ٿو تہ
مالهڻ سان گڏ سڄو جڳ ڀليل آهي؛ پر شڪر جو مان نہ ڀل
جو رام ڪرپا ڪري منهنجي اُنهيءَ کان رکيا ڪئي.

٩. آمولڪ منش جنم

ڪنهن سمي ڪبير صاحب پنهنجن ششن سان گ
هڪ ٻيءَ وٿان اچي لنگهيو. جتي ڪيترن ڀڳن اَ

ڳاھيو. اُنھن جا پُوٽ پڌا پيا ھوا، تنھن ۾ ٿوڙي ھٽن ۽ مٽن سؤٽن جو سنڌڪو پئي پيو. ٿوريءَ دير بعد ھارين ٻيڳا ڇوڙي اُنھنکي ٻاٽي پياريو ۽ سڪل ڳاھ جي ڪري مٽ ڏني. ڪبير صاحب جي شش انھيءَ تي اھو سوال ڪيو تہ ھي ڪيڏو نہ اَنياءُ آھي تہ جيڪي محنت ڪن تنکي ھڙ نہ حاصل. ھيڏي پوڙھتي ڪندي ۽ مار کائيندي بہ ويچارن کي سڪل ڳاھ کانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ نصيب نہ ٿيو. انھيءَ تي ڪبير صاحب فرمايو تہ انھيءَ ۾ پرماتما کي ڏوھہ نہ ڏيڻ گھرجي. پرڀو ھميشه نياءَ ڪاري آھي. ھي پيارا! ھي جيڪي ٻيڳا ڏسو ٿا سي پنھنجي اڳئين جنم ۾ وڏا ماڻھو ۽ شاھوڪار ھوا. اُنھن غريبن کي پيڙي پنھنجي لاءِ سڀ سک ميسر ڪيا ھوا ۽ ڌن پدارٿ جي مستيءَ ۾ اچي، ڪڏھن ڀڳوان کي ياد بہ نہ ڪيائون ۽ پنھنجو منش جنم، جو تمام درلڀ آھي سو اَڪيارٿو وڃائي ڇڏيائون. ھي پنھنجي اُن ڪئي جو ڪيتو ٿا لوڙين. جيڪي جيو منش جيون جو لاڀ نہ ٿا وٺن ۽ پاپ ڪرمن ۾ لڳا رھن ٿا تنجو حال ھنن ڍڳن وانگر ٿيندو. سواءِ ماڻڪا، ديھيءَ جي، جيو اھڙو بيوس آھي جو گونگي زبان ھئڻ ڪري تنکي ايشور جو نالو جپڻ سگھندو ۽ عقل نہ ھئڻ ڪري تنکي ڪي ھو اُنجو ڌيان گيان ني ڪري سگھندو. انھيءَ ڪري منش جوڻ جا تمام اَمولڪ آھي تنھنکي اَجايو نہ وڃايو، ائين چئي ھيٺيون شبد اُچاريائين:-

چار پاؤَ دُءِ سنگَہ گُنگَہ مُکَہ، تب ڪَئسي گُنَ گئيھئہ،

اُوٺَتَ بَئٺَتَ ٿينگا پَرِھئہ، تب ڪَتَ مُوڍ لُڪئيھئہ،

ھرِ بِنَ بئل بِراني ھُئہ ھئہ، ڦاٽي ناڪنَ، ٽوٽي ڪانڌن،

ڪودَنِ ڪــو پُسَ ڪَنه هَئه،

سارا دِنَ دولَتَ بَنَ مهيئا، اَڇهوُ نـه پيٽ اَگهيِهئه،

جَنَ ڀڳتن ڪو ڪَهو نـه مانو، ڪيئو آپنو پَئهئه،

دُکه سُکه ڪَرَتَ مَها پِرَم بُوُدو، اَنِڪ جوُن پَرِمَئهئه،

رَتَن جنم کويو پرڀوُ بِسَريو، ايهه اوَسَر ڪَتَ پَئهئه،

پَرِمَتَ ڦِرَتَ تَيلَڪَ ڪي ڪَپِ جَئه،

گــت بــن رَتــنَ بِهئهئه،

ڪهت ڪبير رام نـام بن، مــوُڏ ڏُئنه پڇتئهئه.

ارت :- هي پيارا! جڏهن لوڪي هنن ڏٺن وانگر چا
ٻير ۽ ٻه سگهه هوندا، ۽ گونگو هوندين تڏهن ڪيئن پرماتم
جا گڻ ڳائي سگهندين؟ جڏهن انڌي وهندي سو
سونٿا لڳندء تڏهن ڪٿي منهن لڪائيندين؟ جڏهن هرو
جي ڀڄن بنان بيگانو بيل ٿيندين، تنهنجو نڪ چِنل هوند
ڪند ٽنو پيو هوندو ۽ لوڪي ساوڙيء جـو ڀوسو کارائيند
سڄو ڏينهن جهنگ ۾ گهمندين ـ تنهنجو پيٽ نه ڀربو.
پرشن ڀڳت جن جو چيو نه مڃيو آهي سي پنهنجن ڪر
جو ڪيتو لـوڙين ٿا. تون دکن کي سک سمجهي مها پرم
ٻڏو پيو آهين ۽ انيڪ جوڻين ۾ ڀٽڪين ٿو. پرڀوء کي وسا
پنهنجو رتن روُپي مانکا جنم ناس ڪيو اٿيئي، هن ڪا
وري اهڙو موقع ڪٿان هٿ ايندء. تون تهاڪء جي گهه
جي ڏيکي جيان سڄو ڏينهن پيو سنسار جي گهاڻي ۾ گهه
پنهنجي آيو روڙي رات، بنان گت حاصل ڪئي، وڃائي

آهين. ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته:- ”اي منش، رام جي نام
کانسواءِ توکي پنهنجو سر ڌوڻي روئڻو ۽ پڇتائڻو پوندو.“

١٠. هري نام ئي سچي پونجي

هڪڙي ڏينهن ڪبير صاحب جي گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه به ڪونه هو، جنهنڪري ٻارن ٻڪي رنو. سندن ماءُ کين چيو ته وڃي پنهنجي پيءُ کان گهرو. انهيءَ تي ڪبير صاحب جيڪر گهر ۾ ڪتيل ست هو سو وڃي ٢١ ٽڪن ۾ وڪيو. ست وڪڻي جڏهن گهر ڏي موٽيو ته وات تي ڏسي ته هڪ ڪاسائي هڪ ٻڍيءَ ڳانءِ کي ڪوس گهر ڏانهن وٺيو پئي ويو. ڪبير صاحب کيس گهڻوئي سمجهايو ته هن گڳدام کي ڪٽي ڇڏ. پر ڪاسائي چوي ته اهو منهنجو ڌنڌو آهي. جي نه ڪندس ته ٻار بک مرندا. ڪبير صاحب پڇيس ته آها! اڄ تنهنجي گهر جو گهڻو خرچ ٿيندو؟ وراڻي ڏنائين ٢١ ٽڪا. ڪبير صاحب به اهي ٢١ ٽڪا ڪڍي کيس ڏنا ۽ پاڻ گهر نه وڃي، جهنگ منهن ڏيئي هليو ويو؛ جو سمجهائين ته گهر ويندس ته گهمي مچندي. هوڏانهن سچن ڀڳتن جو رکپال ڀڳوان هڪ شاهوڪار جي من ۾ اچي وينو. هو هڪ خچر سون ۽ رُپي جو ڀرائي ڪبير صاحب جي گهر آيو. پر مائا لوئيءَ وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو: ”مان پنهنجي پتيءَ جي حڪم کانسواءِ هڪ ڪوڏي به انگيڪار نه ڪنديس.“ شاهوڪار کيس گهڻوئي سمجهايو ته ڪبير صاحب موٽسان سؤدو ڪيو آهي ۽ هي انجو فائدو آهي. پر مائي لوئي هڪ تي ٽي پيئي ته اهو ڌن موٽي نه کپي. هوڏانهن شاهوڪار به ڇڻ جي نه ڪري. سندس اهو هٺ ڏسي مائيءَ لوئيءَ چيو ته چڱو موٽي ڏس ڏيو ته مان ڪين کڻي ٿي اچان. شاهوڪار به ڪري ڌڪر هليو ته ڪبير صاحب فلاڻي هنڌ

ويٺو آهي. مائي لوئي انهن کي ڳولي هٿ ڪري آئي. ڪبير
صاحب ٻه ٽڪا ڪٿي هم لڪا لڌا، اهو ڌن وٺي غريبن کي
وراهي ڏنو. ڪبير صاحب گهرج کان وڌيڪ پاڻوٽ ڌن رکڻ
جي برخلاف هو ۽ چوندو هو:-

پاڻي ٻاڍي ناؤ ۾، گهر ۾ ٻاڍي دام،
دونون هاٿ اُليچِئي، يهي سجن ڪو ڪام.

ارٿ:- جي ٻيڙيءَ ۾ پاڻي وڌي ۽ گهر ۾ ڌن وڌي
ته سڄڻ جو ڪم آهي ته انهن کي ٻنهي هٿن سان ڪڍي ٻاهر
ڪري. (نه ته ٻيڙي ٻڏي ويندي ۽ گهڻي ڌن هئڻ ڪري
گهر ۾ ٻه پاپ وڌندو). سندس شش گهڻو ئي چيس ته ڪجه
ڌن پاڻ لاءِ پاسيرو ڪري رکو پر ڪبير صاحب فرمايو ته
مون وٽ هري نام روپي گهڻو ئي ڌن آهي جنهن جهڙو ا
ڌن دنيا ۾ ڪونهي، ۽ هيٺيون شبد اچاريائين:-

اِهه ڌنُ ميري هرِ ڪو ناءِ،
گانٺِ نه باندهءِ، بيچِ نه کاءِ،
نام ميري کيتي نام ميري باري،
ڀڳت ڪرءِ جَن سَرنِ تُمهاري،
نام ميري مايا، نام ميري پونجي،
تُمهه ڇوڙ جانءِ نهين دُوجي،
نام ميري بنڌپ نام ميري ڀائي،
نام ميري سنگِ انتِ هوءِ سهائي،
مايا مَهِ جِسُ رکي اُداس،
ڪهه ڪبير هئُ تاڪو داس.

ارٿ:- هريءَ جو نام ئي مهنجو ڌن آهي، جو نڪي ڳنڍ ٻڌجي سگهجي ۽ نہ وڪامي سگهي. نام ئي مهنجي ٻنيءِ ٻارو آهي. هي پرڀوُ! آءٌ داس تنهنجي شرڻ پئي تنهنجي ڀڳتي ڪريان ٿو. مهنجي لاءِ ڌن يا پونجي بہ هري نام آهي. هي پتا، توکي ڇڏي مان ڪٿهن وٽ نہ ويندس. نام ئي مون لاءِ مائٽ ۽ سڀڪو ڀاءُ ڀرائي آهي. نام ئي مونسان سنگ رهندو، جو انت ويلي مهنجي سهائتا ڪندو. ڪبير صاحب فرمائي ٿو، تہ جنهنکي پرڀوءَ سچو ويراڳ ڏنئي مايا کان پري رکيو آهي، مان انجوئي داس آهيان.

اڌياءُ پنجون

ڪبير صاحب جو سنت مت

(فيلسوفي)

ٿم جنِ جاڻو گيت ھَمَ - ٻھ نِجَ ٻرھم وِچار،
ڪيوَل ڪھ سَمَجھا ئِيا - آتم ساڌن سار.

ارٿ :- جنھن کي توھين گيت ٿا سمجھو. اھو ته نج برھم ويچار آھي. مون فقط آتم ساڌنا جو سار سار پنھنجي وچن دوارا سمجھايو آھي.

ڀڳوان ڪانڀرهِ ڀارت جي ڌارمڪ ۽ سنسڪرتي (سڀيتا) جي کيتر ۾ نئين چيتنا ۽ نئون جوش جاڳائڻ وار مان ڪبير صاحب ٻه ھڪ مهاپرش ھو.

ھن جيڪا ويچار ڌارا ڀارت کي ڏني لنھن نه ر سندس زماني ۽ وچين زماني جي ويچارڪن ۽ ساڌڪن متاثر ڪيو ھو، بلڪ صدين بعد نئين زماني جي يگ پر مهاتما گانڌيءَ کي ٻه پنھنجي پرڀاو ھيٺ آندو.

اھڙي مهان شخصيت کي سمجهڻ لاءِ سنت مت پرمپرا ۽ سڌانتن جي ٿوري ۾ واقفيت حاصل ڪرڻ ضروري آھي.

عيسوي سنئين انين صديءَ ۾ ٻڌ ڌرم " وجريان تنتروادي روپ ڌارڻ ڪري چڪو ھو. سماج ۾ انڌ و

گھر ڪري ويا ھوا. سڌ ۽ يوڳي تانترڪ پوڄائن وسيلي،
جنتا تي اثر وجھي رھيا ھوا. انھن ۾ گرو گورک ناٿ ودوان
۽ وڏن سڌن وارو ھو. ھن ڏٺو تہ سنتن جي واڻيءَ جو اُلٽو
مطلب لڳائي لوڪ واسنائن ۽ يوڳن ڏانھن ڇڪجي رھيا
آھن، جنھڪري گورک ناٿ، مورتي پوڄا ۽ تنترن (منترن
جو ھڪ قسم) جو کنڊن ڪري "ايڪ ايشور واد" قائم
ڪيو؛ جنھن ۾ ھٺ يوگ جي سادنا مکيہ ھئي. اُن ۾ سخت
سادنائن ھٿان ڪري لوڪن لاءِ ايڏي ڪشش ڪانہ ھئي.
ڪبير انھيءَ ئي پنٿ ۾ پريم ۽ راڳ (ويراڳ جي اُبتڙ) جو
پٺو ڏيئي اُنکي نئين صورت ڏني. ڪبير جو سمو سنت مت
لاءِ اُنتيءَ جو وقت ھو. ڪبير ۽ سندس سائي ۽ پوئلڳ
سڌار وادي ھئا. ھنن ٻاھرين پاکنڊ جو ورود ڪري "ايڪ
ايشور واد" جو پرچار ڪيو. ڪبير پنھنجي مت ۾ ويدانت
جي ايڪ ايشور واد ڪانسواءِ، ونشٽون جي ڀڳتيءَ، ناٿن ۽ سڌن
جي يوگ ۽ صوفين جي پريم کي جڳھہ ڏني. انھيءَ ڪري
چئي سگھبو تہ ڪبير جي سنت مت ۾، ڀڳتي ۽ مڌر اُپاسنا
جي روپ ۾ صوفين ۽ ونشٽون جي اُھنسا ۽ پريم جو اثر آھي.

ھن ھندو مسلم ايڪتا جو نعرو بلند ڪري، سواءِ ھڪ
ايشور جي ٻاقي ديو ديوتائن جو کنڊن ڪيو.

پارليڪ برھمواد جي روپ ۾ سنت مت ادوئيت جي
ڀاونا سان ڀرپل آھي. سنت مت مايا جي سَتّا ۽ جيو-برھم
جي ايڪتا کي قبول ڪري ٿو. انھيءَ جيو ۽ برھم جي
ايڪتا ۾ مايا ھڪ وڏي روڪ آھي، جنھڪي گيان سان
ور ڪري سگھجي ٿو. سنتن برھم جي حاصلات لاءِ گيان
ڀڳتي ٻنھي جو ميل قبول ڪيو آھي. ڀڳتيءَ ڪانسواءِ گيان
ولو لنگڙو آھي. انھيءَ ڪري سنت مت ۾ پورڻتا آڻڻ لاءِ
ڊن، راماندي سمپرداءِ جي ونشٽوي خاصيتن کي سويڪار

ڪيو آهي. ونشٽو ڀاونا معنيٰ شخصي برهم اڳيان پنهنجو پاڻ
ارپڻ ڪرڻ. انهيءَ ڪري ئي سنتن برهم کي، ماتا، پتا ۽
پتيءَ جي روپ ۾ مڃيو آهي. ڀڪتي ئي سندن لاءِ سڀ
ڪجهه آهي. گرو ڀڪتي ۽ نام سمرڻ به ونشٽو ڀاونا جو ئي اثر
آهي. لوڪ ڀاونا ۽ ونشٽون ٻنهي جو ئي ذڪر آهي.

سنت مت تي صوفين جي ڀاوائڪ رهسيه واد
Emotional Myticism جو وڏو پرڀاو آهي. صوفي واد جي
پريم ڪري ئي سنت مت ۾ رس اچي سگهيو آهي. اُن ڪانسواءِ
هوند، ذات پات وانگر هي رسو ئي پوي ها. سنتن جو پريتم
نرگڻ برهم آهي انهيءَ ڪري ساڻس عشق ونڊڻ لاءِ رهسيه
جي ڀاونا اچي وئي آهي.

مٿينءَ چند ڳالهين مان ڏسي سگهبو ته ڪبير سنت مت
جدا جدا متن جي مکيه نڪتن کي شامل ڪرڻ جي ڪوشش
ڪئي آهي. سنت مت ذات پات جي بندشن جو تياڳ ڪري
شد ”مانوواد“ (انسانيت) جو پرچار ڪيو. ورڻ (براهمڻ
کتري وغيره) هين ۽ ورگ هين (Class less) سماج قائم
ڪرڻ جو طرفدار هو. انڪري انهيءَ مت اُن وقت جي
سماج جو ورود ڪيو.

ڊاڪٽر رام ولاس لکي ٿو، ”اُنهن ڏرم جي پر
رواجن جو اُلنگهن ڪيو، ۽ پنهنجي پريم جي آنسن
پنهنجي پرينءَ جي اَڳڻ جي خون جي داغن کي ڌوئي ص
ڪيو. ڏور ڏور ڳوٺن ۾ يا هڪ تاري جي تار تي پيا
جي ايڪتا جا گيت گونجڻ لڳا. سماج جي سڪانين
ورود جي باوجود به اُنهن جي اَمر واڻي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونج
رهي آهي.“

اِها آهي ٿوري ۾ سنت مت جي واقفيت ۽ جنهنجي

هلي وڌيڪ چمڪ چاڙهي ويندي.

ڪبير صاحب ٿي انهيءَ مت جو هلائيندڙ ۽ وڏو حامي هو. ڪبير وٽان، اسانکي پنهنجي مکيه مسئلي حل ڪرڻ ڏانهن ڌيان ڇڪي، چنتن جي ڀرپور ملي ٿي. انهيءَ ڪيتري ۾ ڪبير لاثاني آهي. پنهنجي هن سارو جڳ ڀاونا جي ڪري ڪبير لوڪ ڀريه ٻڌجي سگهيو. ڪبير ڀرالري ڀاو ۽ سمانتا جو حامي هو.

ڪبير جي شخصيت جا ٻه مکيه پهلو آهن. هڪ ڌرم سڌارڪ اُپديشڪ ۽ ٻيو شڌ ڀڳت. هن جي سموري شخصيت ٿي ڪرانتي ڪاري (انقلابي) هئي سندس اِها شخصيت ڀڳت، پريمي ۽ شڌ انسانيت جي جدا جدا وهڪرن ۾ وهي آهي. سندس شخصيت ۾ هنڌين ماڳين، ليڪ، نشڪپتتا ۽ صاف گوئي آهي. ايتري قدر جو هن پنهنجي اَڻ ڀڙهيل هئڻ جي ڳالهه به ٻيا ڪنهن للي ڇپيءَ جي ۽ صاف لفظن ۾ چئي. مگر ڪيس پنهنجي سنساري آنيؤ ۽ گيان تي مڪمل وِيساهه هو. انهيءَ ڪري هن ڪاشيءَ جي پنڊتن کي للڪاري چيو هو ته:-

”تُون ڪَهتَا ڪاڳذَ ڪي ليکي- مَئن ڪَهتا آنکِن ڪي ديکي.“

”اي پنڊت ڀلي تون شاستن پراڻن جون ڳالهيون ڪندو رهه مگر مان هرڪا ڳالهه اکين ڏٺي ٿو ڪريان.

ڪبير جي ساڌنا جا ٻه روپ هوا. ڪرم يوگ ۽ * هٺ يوگ. سچي ڪرم يوگيءَ جي صورت ۾ هو سنساري مايا موهه کان نرليپ هو. سندس ڪٿڻي ۽ ڪهڻي، هڪ جهڙي هئي. تنهن هوندي به هن سنسار جي جدوجهد کان پاسو

* هن جو وڌيڪ بيان هٺ يوگ واري ٨ اڌياو ۾ ڏنل آهي.

ڪري ڀڄي وڃڻ جو اُپديش مور ڪين ڏنو. هو اُن سان
ٺڪر ڪائڻ جو حامي هو. سندس انهيءَ ڪرپا شيل ساڌنا
ڏانهن اِشارو ڪندي ڊاڪٽر هزاري پرساد لکيو آهي ته
”ساڌنا جي کيتر ۾ هو جڳان جڳ گرُوُ هو ۽ ساهتيه جي کيتر
۾ آئينده جو اڳڀندڙ هو.“ هن سنت ڪاويه رچي ساهتيه
جي دنيا ۾ نئينءَ اڏاوت جو ڪم ڪيو. سندس وقت وارن
۽ اُن کانپوءِ ايندڙ سنت ڪوين سندس ٻاڻيءَ جي پيروي
ڪئي. هندو مسلم ايڪتا جي ويچار ڌارا جو ڪبير زبردست
پنيرائي ڪندڙ هو. سندس ئي ڌارا جي پوئلڳي گانڌي ڀڳ
جي ڪوين ڪئي.

ڪبير جُڳ جو ٻارڪو هو. اُن وقت جي سيڌي ڳالهين
چالن ۽ هلچلن وغيره لي ڪبير جو ڏيان رهندو هو. ڀڳ درشٽ
يا ٻارڪو آد جڳاد ڪان اسمانتا (اڻ برابري) جو کنڊن
انسانيت جو پرچار ڪندا پئي آيا آهن.

———

اڌياءُ ڇهون

ڪبير صاحب جو رهسيه واد

"عجائب عجيب آهي جوت الک جي.
من بدواٽيءَ کان پري - اندرين کان اليت
اُن شبدي پرتيت - پائج اکنڊ پرڪاش سان."

عجب ۽ حيرانيءَ ۾ پئجي منش جڏهن هن ساري چر ۽ اچر وشو کي هلائڻ واري "الخ جائل" ۽ "الظاهر" ستا يا شڪتيءَ جو وچار ڪري ٿو تڏهن انهي من ۾ انکي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي اڪير پيدا ٿئي ٿي.

هن ساري سرشٽيءَ ڏانهن غور سان نهارڻ بعد انسان هن قدرت جو پسارو پسي! هيٺ هري ڀري زمين، مٿي نيلو آڪاش، اُن سان هوڏ ڪندڙ پهاڙ، پهاڙن جي پيرن ڌوئڻ وارو سمنڊ! هيڏو وشال، لاثاني! انسان جو لڳ لڳ ڪانڊارجي وڃي! سمنڊ جي گود ۾ سمائجڻ لاءِ آئيون، ڇوليون هڻندڙ نديون، جهڙ جهڙ ڪري وهندڙ جهرڻا، سورج ديوتا جون من موهيندڙ ڪرڻون، چنڊ جي سيتل روشني، صبح ۽ شام بادلن جي ڊوڙ ڊوڙان، ڪڏهن اُس ڪڏهن ڇانوَ، هيءَ ورسندڙ برساتون، هي رنگ برنگي گل ڦل ڏسي، منش حيرانيءَ ۾ اچي وڃي ۽ پاڻ کان پڇڻ لڳي، اڙي هيڏو شاهي پسارو! جنهن جو آد نه انت، نه ٻه ڏکيڻ نه باقاعدي هر ڪا ڳالهه

مڪمل بندوبست ۽ قاعدي سان هلي رهي آهي؟ سڀ
غير رواجي، عجيب!! اهي سڀ ڳالهيون ڏسي ڪيس اُن
سَتا جو آڀاس، اُن شڪتيءَ جي جهلڪ نہ ملي، مگر هو ڄاڻي
نہ سگهيو تہ هيءَ سڀ ڪير ٿو ڪري؟ اُنجو روپ ڪهڙو،
رنگ ڪهڙو؟ اِهو هو اُن لاءِ سمورو رهسيہ ۽ راز جنهنکي
هو آزادي ڪال کان ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي
مگر اڄ ڏينهن تائين اُن جي پتي لڳائڻ ۾ لاچار بنجي
پيو آهي.

انسان جي من جو هميشہ اِهو لاڙو پئي رهيو آهي جو
هو ڀاڳڪان مهان جي ڪلپنا، سندر روپ ۾ ڪري ٿو.

”حوصلو حيرت ۾، ڪوي ڪين ڏرڪ
جو حسن سندو حق، سو ڪڙ ٻروڙي ڪيڪي.“

انسان سرشٽيءَ جي آد کان وٺي اڄ تائين جنهن ۾ وڌ
جي خواهش ڏيکاري آهي تنهنکي يا تہ حاصل ڪري سگهي
آهي يا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي. قدرت تي فتح
پائڻ جو سندس سنڪلپ اڳتي ۽ اڳتي وڃي ٿو واڌارو ڪند
مگر سندس سموري شڪتي اُن ”اڻ ڄاتل“ ۽ ”اڻ ظاهر
برهم جي اڳيان لاچار ٿيو پوي.

آزادي ڪال کان اُن ”روپ ريکا - گُن - ڄاتِ، جُگتِ ٻ
واري روپ کي مثل ”روپ ريکا گن ڄاتِ ۽ جگت وار
ٻاڻي اُنکي سمجهڻ ۽ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آه

رهسيواد جي ڳالهہ ڪندي ڊاڪٽر رامڪمار ورما چو
ٿو تہ ”رهسيہ واد جيو آتما جي اُن اندروني پرورتيءَ
ظهور آهي جنهن ۾ هوءَ عجائب عجيب ۽ لاثاني شڪتيءَ
پنهنجو شانت ۽ نشڪپٽ ناتو جوڙڻ چاهيتي ۽ اُهو ناتو ا
قدر وڌي وڃي ٿو جو ٻنهي ۾ ڪو ڀيد ئي نٿو رهي.

اُنوقت جيو آتما محسوس ڪري ٿي:

”تُون تُون ڪَرِتا، تُون ڀَيا، مُجهه ۾ رهيِ نه هُون
وارِي ڦيري ٻَلِ گَئِي، جِتِ ديکون تِتِ تُون.“

ارٿ:- تون تون ڪندي تون ٿيس، مون ۾ مان ويئي هُون.

باريڪ بينيءَ سان ڏٺو وڃي ته پورڻ، اَنت ۾ برهم لاءِ ادوئيت ڀاونا مان پيدا ٿيل پريم ئي رهيو، جو مؤل ڪارڻ آهي، ٻيا آهن آتي پهچڻ جا ساڌن يا وسيلا. هن مارگ ۾ پريم جي اُڪير ئي سڀ ڪجهه آهي. ”مان اُنجو آهيان، اُن مان آهيان، اهو آهيان.“ انالحق، مان خود برهم آهيان.

(तत्वमसि) ۽ (अहम् ब्रह्मास्मि)

پنهنجي لگن ۽ پريم سان، هن ڪيترن ۾ جيڪي سڌ ٿي ويا آهن، تن جڏهن پنهنجي محسوسيت کي روپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تڏهن هو پنهنجن چوڻين کي صاف صورت ۾ ظاهر ڪري ڪين سگهيا آهن. ڪبير به صاف چيو آهي ته پرماتما جو پريم ۽ اُنجي اَنڀوَلي (محسوسيت) آهي گونگي جي ڳڙ سمان ”جئن گونگو کائي ڳڙ مشڪي ڪشڪي ڪين ڪي.“

(١) اَڪٿ ڪهاڻي پريم ڪي ڪَڇهُ ڪهي نه جاءِ،
گُونگي ڪيري سِرڪرا، بَيٺا مُسڪاءِ.

(پريم جي ڪهاڻي ڪٿڻ کان مٿي آهي، جنهن بابت ڪجهه به چوڻ مشڪل آهي. هي مثل گونگي جي کنڊ وانگر آهي جو کائي رڳو پيو مشڪي.)

”نَچڻ باوَنِ داهَمَڻِ وِڪار، هَرِ نَنڌ دِيَکر ڳهيڻي
ڪهڻ ڪبير ڳوُنگهه ڳُڙ کايا، اوُجهه لوڪا ڪَهيڻي.“

ارٿ:- (ساچي ڏائي يا هيٺ مُٺ جون ڳالهيون ڇڏي، مَن
هَري چَرڻن ۾ مظبوط ڪَري ڳڏار، ڪَبير صاحب فرمائي ٿو
تَ هيءَ تَ آهي ڳونگي جو ڳُڙ کائڻ، جنهنکان اُنجي ڪيفيت
ڪري ڀچ تَ ويچارو ڇا چوندو!

هيءَ جو چوڻ ۾ اچيٿو تَ رهسيواد مغرب جو ڏيب آهي
سا ڳالهه بلڪل غلط آهي. ويدن ۽ اُپنيشدن ۾ ان رهسيواد
جي جهلڪ ملي ٿي.

پَرماتما کي پتا، ماتا، پياري، پريتم، پت يا دوست
جي صورت ۾ ڏسڻ ئي رهسيواد آهي. ڇاڪاڻ تَ لوڪ
يا لغات جي معنيٰ ۾ پرماتما انهن مان ڪجھ ۾ نہ آهي. پرماتما
۾ پتا جي ڀاونا بلڪل آڳاٽي زماني کان ويدن ۾ ملي ٿي

(यो न: पिता जनिता यो विधाता)

گهڻن ئي قسمن جي ساڌنائن سان، اِندرين، مَن، بڌ
۽ واڻيءَ کان ڀري ”اڻ ڇاڻل“ کي ڇاڻ جي دائري اند
آڻڻ جي ڪوشش ڀي ٿي آهي. نراڪار کي ساڪار بڻ
جي ڪوشش ئي رهسيواد جو مول ڪارڻ آهي.

جڏهن سنسار جا انيڪ سنت مهاتمائون، ڪوي ۽ پنڊ
وغيره جدا جدا اِشارن ۽ روپڪَن جي مَعرفت ڪ
حيرانيءَ ۾ وِجهندڙ مگر پنهنجي اندر ۾ آنيوُ ٿيندڙ
ڳالهه ٿا ڪن تڏهن اُن ”عجيب“ جي هستيءَ کان اِ
ڪري نٿو سگهجي. هرڪنهن ڌرم جي پوهم بابت جد
وصف آهي، جدا جدا اشارو، پرتيڪ ۽ روپڪ آهن.

هڪڙا اُن ۾ مادن ڀاو يا رتي ڀاءُ (جيئن استري پنهنجي
پتيءَ ۾ پريم رکندي آهي) رکن. دنيا جي سڀني رهسيوادين
"اڻ ظاهر" برهم لاءِ پيدا ٿيل پنهنجي محسوسيت کي ناري
۽ پرش جي وچ ۾ جيڪا لڪي ڇڪ آهي، اُن دواران پرگهٽ
ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٻين پنهنجي اندر جي
انهيءَ پروڙيءَ ڏانهن اشارو ڪندي اُنکي، "لاثاني، اڻ بيان،
حيرت ۾ وجهندڙ" وغيره لفظن سان ياد ڪيو آهي.

ٿين جڏهن پاڻ کان ٻاهر اُن برهم کي نه ڏٺو ۽ سمجهو،
ڏهن هنن اُنجي کوج پنهنجي اندر ۾ ڪئي. ترڪ (دليل)
ٻڌي ۽ شاستر جڏهن اُنجي کوجنا ۾ ناڪامياب ٿيا، تڏهن
ساڌنا ڪندڙن پنهنجي هردي جي وشواس ۾ ئي پنهنجي
مڪتيءَ جي کوجنا ڪئي.

"ڪبير تون ڪاهي ڊرءِ، سِرَ پَرَ هَرِ ڪا هاٿ،

هَستي چڙهه نهين ڊوليئي، ڪُوڪَر ڀُسَن جهه لاک"

ارٿ:- جڏهن تنهنجي سر تي پرڀوءَ جو هٿ آهي تڏهن
هي ڪبير! تون ڊڄين ڇو ٿو؟ ٻهاڪر آهي ته "ڪتا ڀونڪندا
هن، هاٿي پنهنجي چال چلندو نڪرندو وڃي. انهيءَ ڪري
ون به هاٿيءَ تي چڙهي يعني وڏن (برهم) جو آڌار وٺي پرواه
ڪر.

انهيءَ اٽل وشواس سان ساڌنا ڪندڙن آتما ۽ پرماتما جي
يڪڙائيءَ ۾ ئي مڪتي سمجهي ۽ انهيءَ هيڪڙائيءَ کي
اصل ڪرڻ جي ڪوشش "رهسيواد" جي نالي سان سڏجڻ
آئي.

سڀ کان اڳ دارشنڪن (فيلسوفن) "آتما" جي ايڪتا
ي پڌرائي ڪئي، جا اڳتي هلي، "ادوئيت" جي نالي

سان سڏجڻ ۾ آئي. دارشنڪن چنتن جو طريقو اختيار ڪيو
مگر ”ڪوي ساڌڪن“ اُن طريقي کي قبول نہ ڪري پنهنجي
هردي جي اُنڀوتيءَ (محسوسيت) جي آڌار تي آتما ۽
پرماتما جي هيڪڙائيءَ جي ڳالهہ ڪئي. اِها سڌن ڳالهہ
ڀاونا سان پورل هئي. ڀاونا جي مدد سان ٻـي لاڳو برهم
”پريتم“ ٻڌجي پيو. ان بعد اُن پريتم سان هيڪڙائي حاصل
ڪرڻ لاءِ ساڌڪن جون جگياسا، وشواس، برهہ ۽ ميلاپ
جون ڪريائون هلنديون رهيون. ۽ اهي سڀ شاعريءَ جي
دائري اندر ٿيندڙ ڳالهيون رهسيواد سڏجڻ ۾ آيون. ڇاڪاڻ
تہ برهم رهسيہ (راز) سان پورل هو تنهنڪري اُنکي ظاهر
ڪرڻ جي ڳالهہ بہ رهسيہ ڪونجڻ ۾ آئي.

جگياسو جڏهن گيانيءَ جي درجي تي پهچي، ڪوي
ٿيڻ چاهيندو تڏهن اُنکي ظاهر ڪرڻ لاءِ رهسيہ واد ڏانهن
جهڪي ٿو. چنتن جي کيتر جو برهمواد، ڪرتا جي دائري
۾ پهچي ڪلپنا ۽ ڀاوُڪتا جو آڌار وٺي رهسيواد جي روپ
۾ پرگهٽ ٿئي ٿو. رهسيہ جي راز ظاهر ڪرڻ واري شاع
جي هردي اندر هيءَ دنيا اُنهيءَ صورت ۾ عڪس يا پ
ٿي حاصل ڪري جنهن صورت يا شڪل ۾ عام لوڪ
کي محسوس ڪريٿو. هو سڄي سرشٽيءَ جي پرماتما
ايڪتا يا اکنڊتا ڏسي ٿو. هي نانا روپ وارو جگت سند
نگاهن ۾ پرماتما کان جدا نہ آهي بلڪ اُنهيءَ جو ئي
جدا ظاهري روپ آهي. انگريزيءَ جو ڪوي **شيلي** ان
کي اِجهو هن ريت ٿو ظاهر ڪري.

” جهنگلن ۾، جهر جهر ڪري وهندڙ جهرڻن ۾،
سهڻن گلن ڦلن جي سڳنڌ ۾ جي اُن الوڪ چمڪ جي
پورني ڇهاو سان سهيل هوا جي مٺيءَ هير سان اُنجي و
ڏيئي رهيا آهن، اهڙيءَ ريت تيز طوفان ۾ ۽ آسمان

ٻوڙ ڪندڙ بادلن جي ڦوهارن ۽ بسنت رُت جي پکين جي مٺين لاتين ۽ ٻلڪ هر طرح جي ڏُنيءَ ۽ سانت ۾ به اُن پريتما جي مدد واڳي ٻڌڻ ۾ اچيتي."

ڪبير صاحب به سرشتيءَ جي هر هڪ نظاري ۽ اشاري کي جيتوڻيڪ "گونگي جي ڳڙ" وانگر اکٿ ڪهاڻي سمجهي ٿو ته به جنهن وقت سندس دل "ماڌريه"(مٺيءَ) ڀاونا سان اُمنار ٿي مستيءَ ۾ اچيتي ۽ پرماتما سندس پريتم بڻجي، سندس دل جي ٻڙدي ٿي محبت جو عڪس اُڇلي ته تڏهن هو پنهنجي پريتم کي پڪاري چوي ٿو:-

وَه دِنَ ڪَبَ آوينگي ڀائي

جا ڪارَنَ هَمَ ديهه ڌَري هَئي، مِلِبَئي اَنگَ لگائي.

اڙي! اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جنهن ڏينهن لاءِ مون هيءَ ديهه ڌارڻ ڪئي آهي، ڪڏهن ايندو اُهو سڀاڳو ڏينهن جنهن ڏينهن انگ سان لڳائي (ڀاڪر پائي) ملندوسانس. ڪڏهن اُهو ڏينهن اَيندو جڏهن ابناسي پرک منهنجو هٿ ۾ هٿ وٺي مون سان وياهن رچائيندو. ۽ سچ پچ ڪبير پنهنجي بي حد لڙق ۽ ساڌنا سان اُن ابناسيءَ کي هٿ ڪري چيو:-

"ڪَهَتَ ڪبير بِياهِه چلي هَئَن پُرش ايڪ اِبناسي."

اڄ مون اُن ابناسي پرش سان شادي رچائي آهي.

"سَکِي سُهاڳ رام موئهِن دِينا."

هي سکي، اڄ مونکي راجا رام سهاڳ ماڻايو آهي."

ڪبير کي هڪ ٿي پريتم جو روپ ۽ هڪ ئي کيل سند آهي.

”هَرِ ميرا پيءُ، مَئِن پيءُ ڪي بَهُرِيا“

”هري آهي منهنجو پيارو ۽ مان آهيان سندس استري“
پر اها ٻهوُ يا جوءِ ٽيڻ ڪا ستري ڳالهه نه آهي. جڳياسا ڪان وٺي ويندي ميلاپ تائين ڇا ڇا نه سهڻو پوي ٿو ۽ ساڌن جي ڪيترن ئي درجن مان لنگهڻو پوي ٿو. جيتوڻيڪ اُنهي آخرين حد آهي:-

”ايڪم ايڪ هُوءِ سيج نه سووَئون
تب لگ ڪَئِسا نيهه ري.“

”هڪ ٻئي جڏهن هڪ سيج تي نه سمهون، تيستائين پريم اجايو، ڪهڙي ڪم جو؟“

”ٻول نه ڪٺي ٻانهري، پرهه نه ڪٺي پاند،......
آءُ پنهنجو ڪاند، لوڪان لڪي رائيان.“ (شاه)

انهيءَ پتنيءَ جي روپ ڪي ئي ڪبير پنهنجي رهسيواد ۾ جاءِ ڏني آهي.

ڪبير صاحب ڀارتيه رهسيواد جي اُصول موجب پرماتما کي پريتم ڪري قبول ڪيو آهي ۽ پاڻ کي پتني ٺهرايو اٿس، جڏهن ته صوفي واد ۾ پرماتما معشوق آهي ۽ جيو يا ڀڳت عاشق آهي. ڪبير وارو اُصول گهڻو ڪري ڀارت جي مسلمان صوفي شاعرن به قبول ڪيو آهي، جن ۾ پريم جون ڪهاڻيون لکندڙ، ملڪ محمد جائسي، قطبن ۽ منجهن آهن. سنڌ جي سونهاري شاهه به پرماتما کي پريتم جي روپ ۾ قبول ڪيو آهي. اوهين سنڌس ڪري داستان ڪٺي ڏسندا ته اوهانکي معلوم ٿيندو ته هو ڪڏهن سسئي، ڪڏهن سهڻي، ڪڏهن ليلا ۽ ڪڏهن مومل بڻجي، پنهونءَ، ميهار، چنيسر ۽ راڻي لاءِ ٻاڪاري ٿو، انهن لاءِ ليلڙائيون پائي ٿو.

ٻا ٻوُ ٻڌايا ٻڌ پنجن قسمن جا رهسيه واد قبوليا آهن.

١- گيان ۽ درشن (فيلسوفي) وارو رهسيه واد. دارشنڪ رهسيه واد ۾ تَرڪ (دليل) گهٽ، مگر حيرت سان ڀريل جڳياسا (عجب کي ڄاڻڻ جي اڇا) ۽ هيڪڙائيءَ جي آپلاڪا پري ڀاوُڪتا (جذبات) وڌيڪ رهي ٿي.

٢- ڀڳتي (ڀڳتي ۽ ڀڳتيءَ وارو) پريم ۽ سونهن سان واسطو رکندڙ رهسيه واد، جهڙيءَ طرح ڪبير، ملڪ محمد جائسي ۽ ميرا وغيره.

نَئَنَن ڪي ڪر ڪوٺڙي پُتَلِي پَلنگ بِڇاءِ،
پلڪن ڪي چِڪ ڊارِ ڪي، پِيَه ڪو لِيهُ بَناءِ.

ارٿ:- اکين کي ڪوٺي بنائي، تارن جو پلنگ وڇائي پلڪن (پنبڻين) جو پردو وجهي پنهنجي پريتم کي ڪري وهاريان.

٣- ساڌنا وارو رهسيه واد- هن ۾ يوگ ۽ ڪرم ڪانڊ جي ساڌنا رهيتي.

٤- ڀڪتي ۽ آڀاسنا سان واسطو رکندڙ رهسيه واد- هن ۾ ادوئيت ڀاونا جي بنسبت، پريتم جي اڳيان رهڻ جي سڪ کي مهت ڏنو ويو آهي.

٥- پرڪرتيءَ سان واسطو رکندڙ رهسيواد- هن ۾ قدرت جي معرفت پرماتما جي محسوسيت ڪرڻ ۾ اچيتي.

هن وشيه کي وڌيڪ طول نه ڏيندي، اِترو ئي چوڻ ڪافي ٿيندو ته ڪبير صاحب انهيءَ رهسيه ڀاو ۾ نهي هڻڻ لاءِ وڏا ئي جتن ڪيا.

”سکيا سَبَ سنسار هَئي، کاوي اَر سووَئي،
دُکِيا داس ڪبير هَئي، جاگئي اَر رووَئي.“

هن ساڌنا ۾ جاڳيو آهي ۽ پريتم لاءِ روئيو آهي تان جو پنهنجو پاڻ وساري، اُن سان پاڻ ملائي هڪ ڪريو آهي.

”جَبَ مَئِن ٿا تب هَرِ نَهِين، اَب هَرِ هئہ مئن ناهِن.“

ارٿ:- جڏهن مان هوس، يعني پاڻ کي اهنڪار وچان الڳ ٿي سمجهم تڏهن هري ڪين هو ۽ هاڻ جڏهن هري آهي تڏهن مان نه آهيان يعني ٻئي ملي هڪ ٿي وياسين.

”پنهون ٿيس پاڻ - سسئي تان سُور هُوا.“

اڏياءُ سٺون

اَدُوَئيت واد ۽ ڪبير

هِنَ کان اَڳ۔ بيان ٿي چُڪو آهي تہ ڪبير پنهنجي سَمَت مَت ۾ اَدوئيت واد ويدانت کان ورتو. هاڻي اَچو تہ ڪجهہ اَدوئيت جي باري ۾ سوچون سمجهون. پنهنجي چوڌاري نگاهہ ڦيرائينداسون تہ اسانکي هيءَ ظاهري قدرت (ويڪت پرڪرتي) ڏسڻ ۾ ايندي پر ان کان پري آهي اويڪت (اَڻ ظاهر) ۽ اڪل سَتا. انهن ٻنهي جي ميل سان هڪ ٽئين صورت ٿي بڻجي (Trinity) ١- ايشور ٢- آتما ٣- پرڪرتي. انهيءَ ڪري ڪيترائي واد بڻجي پيا. ١- دُوئيت ٢- اَدوئيت ٣- وششٽ ادوئيت وغيره. گهڻيئي واد آهن. مگر وياڪرڻ موجب اَدوئيت جو مطلب آهي "نہ ٻيو" يعني هڪ برهم، ٻيو ڪجهہ بہ نہ. برهم جي سَتا ٿي سچي آهي، اَنادي آهي، اَننت آهي. هيءَ ظاهري جڳت، بدلجندڙ ۽ ناسوان هجڻ ڪري اَسَت آهي، ڪُوڙ آهي. جُدا جُدا مَتن موجب جيو آتما يا تہ برهم جو اَنش آهي، يا پاڇو يا اُن جو بدليل روپ. جيو آتما کي گياتا (ڄاڻندڙ) ۽ برهم کي گيہ (ڄاڻڻ جوڳو) ليکيو ويو آهي. ٻنهي جي وچ ۾ مايا جو پڙدو آهي، رُڪاوٽ آهي. اُنکي ڏيري ڏيري هٽائڻ سان ٿي جيو برهم جي ويجهو پوي ٿو. وشواس هيءَ آهي

ته هڪ ڏينهن مايا جي هٽي وڃڻ ڪري جيو، جيو نه رهندو
پر برهم سان ملي هڪ ٿي ويندو.

متين ۽ سمجهاڻيءَ مان پروڙي سگهبو ته جڏهن برهم ۽ جيو هڪ آهن تڏهن وري ڀڳتي ڪنهنجي؟ مگر شري شنڪر آچاريه جي ادوئيت مت جو ايڏو ته دٻدٻو ۽ اثر ڇانئجي ويو هو جو انهن کان پاڻ ڇڏائڻ ان وقت جي ڀڳت سادڪن لاءِ ڏکيو هو. انهيءَ ڪري ادوئيت مت جون جدا جدا وياکياڻون يا وصفون ڪيون ويون، جيئن ڀڳتيءَ جي وجهه پئجي سگهجي يا ان سان ٺهڪي اچجي.

ڪبير صاحب، شنڪر آچاريه جي ادوئيت مت کي قبول ڪيو. انهيءَ ڪري سندس برهم نرگڻ، نراڪار آهي. جيو انش آهي ۽ برهم انشي آهي. ٻنهي جي وچ ۾ مايا اچي پيد پيدا ڪيو آهي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو:-

گهَٽَ ۾ جَلَ هَئه، جَلَ ۾ گهَٽَ هئه باهَرِ ڀيتَرِ پاني،
ڦوٽا گهٽ، جل، جل هي سمانا، يَهه تَتُ ڪَٿَهُ گِياني.

ارٿ:- جهڙيءَ ريت پاڻيءَ سان ڀريل دلو پاڻيءَ ۾ ڪري رکجي ته دلي اندر ۽ ٻاهر پاڻي ئي پاڻي هوندو پر جڏهن دلو ڀڄو ته دلي وارو پاڻي ۽ ٻاهريون پاڻي ملي هڪ ٿي ويا. اَڙي گياني انهيءَ تت يا سار کي سمجهه.

برهم کي نرگڻ ۽ نراڪار قبول ڪرڻ لئي "ايڪ ايشورواد" کي سويڪار ڪرڻو ئي پوندو. انهيءَ ڪري ڪبير ايڪ ايشورواد کي قبول ڪري "بَهُه ديو واد" (گهڻن ديوتائن جي پوڄا) جي مخالفت ڪئي آهي.

فقط برهم ۾ ئي وشواس رکي، انهي ڀڳتي ڪرڻ کي ڪبير صاحب، پتورتا استريءَ جي ڀڳتي ڪري ڪوٺيو آهي. جهڙيءَ ريت پتورتا استري، پنهنجي پتيءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن

ڏانهن نهاري به ڪين، اهڙيءَ ريت سچو ڀڳت هڪ ئي ايشور ۾ نشچو رکي ٿو. ”ٻهه ايشور واد“ ڪبير جي نگاه ۾ ويڇار مثل آهي.

ڪبير جي ڪو سندري، جاڻ ڪري ويچار،
تاهه نه ڪبهون آدرءِ، پريم پرک پرتار.
جي سندر سائين ڀجءِ، تجءِ آن ڪي آس،
تاهو نه ڪبهون پرهرءِ، پلڪ نه ڇانڊي پاس.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته- جا استري ويچار ڪري ٿي سمجهي پريم پرک پتار ڪڏهن به آدر نه ڏيندو. پر جيڪا سندري پرائي آس ڇڏي فقط هڪ سائينءَ جو ڀڄن ڪري ٿي، سمجهي ڏٺي پاڻ کان هڪ پلڪ به دور نه ڪندو ۽ نه ڇڏيندو.

اها سندري پنهنجي پتيءَ جي وڇوڙي ۾ ائين ڦٿڪي ٿي جو ساهه صدقي ڪرڻ لاءِ به تيار رهي ٿي.

ڪبير سندري يون ڪهءِ، سن هو ڪنت سڄاڻ،
بيگ ملو تم آءِ ڪر، نهين تر تجهون پراڻ.

ارٿ:- سندري پنهنجي ڪنت (ڪانت) کي چوي ٿي ته هي سڄاڻ، منهنجي ويني مجي جلد اچي مون سان مل، نه ته هيءُ ساهه گهوري ڦٽو ڪنديس.

ويدانت شاستر موجب منش جو وڏي ۾ وڏو لڪش (اديش) آهي موڪش، يا مڪتي؛ يعني سنسار جي بندن کان ڇوٽڪارو. هيءُ سنسار دک روپ آهي ۽ مڪتي پرم سک روپ آهي. منش جڏهن اها ڳالهه سمجهندو ته هو ڪير آهي ۽ سندس آتما جو وڏي آتما يعني پرماتما سان ڪهڙو سنبنڌ آهي تڏهن سندس ڇوٽڪارو ٿيندو. سندس ڇوٽڪاري

نه ٿيڻ جو سبب آهي اَگيان يا غلط گيانُ. انهيءَ ڪري صحيح گيان ئي ڇوٽڪارو آهي. ان صحيح گيانَ کي سڏجي ٿو ”وِديا“ ۽ غلط گيانَ کي سَڏجي ٿو ”اوديا“. اُپنشدن جو چوڻ آهي:

अविद्यया मृत्युं तीर्त्वा, विद्ययामृत मश्नुते ।

”اَوديا يعني سنسار جي وِديا سان، هن جڳت جي ڏالهين ۾ پار پئجي، وِديا يعني برهم گيانُ حاصل ڪرڻ سان، مَنش اَمرت پَدَ کي حاصل ڪري ٿو.“ انهيءَ ڪري وديا جي وِشيه آهي ”آتما“ يا ”برهم گيان“. انهيءَ ڪري ئي هن وِديا کي برهم وِديا ٿو سڏجي.

شُرتين (ويدن) جي اڀياس مان پتو پوي ٿو ته رشين جي دماغ ۾ برهم جا ٻه روپ هوا. هڪ سڳڻ ۽ ٻيو نرگڻ، ساڪار ۽ نراڪار، اُپاڌين وارو ۽ بنا اُپاڌيءَ جي. تڏهن اها ڳالهه ته ٺهڪي نٿي ته هڪ ئي شيءِ جا ٻه روپ هجن. ويدانتين جو چوڻ آهي ته برهم حقيقت ۾ نرگڻ ۽ نراڪار آهي پر اوديا يا غلط فهميءَ جي ڪري يا اُپاسڪن جي خيال ڪان مٿس حدن يا اُپاڌين جو آروپ ڪيو وڃي ٿو. جيئن سپيءَ کي غلطيءَ سان ڪير چاندي سمجهي وٺندو ته سپي چاندي ڪانه ٿي پوندي. تيئن برهم جو اصل نرگڻ آهي سو سڳڻ ڪيئن ٿي پوندو؟

عام طور ڀارت جا ودوان هن ڳڻن واري سنسار تي وچار ڪري انهيءَ فيصلي تي آيا آهن ته هن ۾ ٻه تمام صاف تتو آهن: هڪ شاشوت (دائمي) ٻيو ڦرندڙ گهرندڙ يا بدلجندڙ. هڪ سدائين هڪ رس آهي ۽ ٻيو ناسونت، هڪ چيتن آهي ٻيو جڙ. هڪڙا عالم ٻنهي تتون کي الڳ الڳ ۽ سوتنتر ڄاڻين ٿا پر ٻيا ودوان چون ٿا ته حقيقت ۾ ٻنهي جي ستا الڳ ڪانهي. ٻيو پهرئين جي ئي شڪتي آهي. پهرئين کي ڪوئين

آتما ۽ ٻئي کي پرڪرتي يا مايا ٿا سڏين. گيتا ۾ ڀڳوان ڪرشڻ پرڪرتيءَ کي پنهنجي آڌين ٿو سڏي ۽ چوي ٿو ته منهنجي ئي آگيا سان پرڪرتي، چر ۽ اَچر سرشٽيءَ کي پيدا ڪري ٿي.

بهرحال ڀارت جا دارشنڪ (فيلسوف) انهيءَ راءِ ۾ متفق آهن ته آتما نالي هڪ استائي (دائما) وستو آهي، جا ٻاهران ڏسڻ ۾ ايندڙ جڳت جي جدا جدا ڦيرين گهيرين مان گذرندي به، سدائين هڪ رس آهي. اها ڳالهه به سڀ پنڊت قبول ڪن ٿا ته جيستائين گيان نٿو اچي، تيستائين هيءَ آتما جنم ۽ ڪرمن جي چڪر ۾ ڦرندي وتي ٿي. سوال آهي ته جڏهن آتما سڀ کان نياري آهي تڏهن جنم ۽ ڪرمن جي بندن ۾ پوي ڇو ٿي؟ نرگڻ کي آڌار بنائي به پاپ ۽ پڻيه جو ڦل پاڻ سان کڻي ڪرمن جي ڀوڳڻ لاءِ ٻئي جنم ۾ ڪيئن پهچي ٿي؟

انهيءَ سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ شاستر ڪار، لنگ شرير جي ڳالهه ڪن ٿا. اها ڳالهه ته فيصل شد آهي ته آتما هڪ شرير مان ٻئي شرير ۾ داخل ٿئي ٿي. گيتا ۾ ڀڳوان چيو آهي ته جهڙيءَ طرح ماڻهو پراڻا ڪپڙا لاهي نوان ڪپڙا پهري ٿو، اهڙيءَ طرح آتما پراڻي شرير جو تياڳ ڪري نئون شرير ڌارڻ ڪري ٿي. اپنشدن ۾ بار بار اها ڳالهه ٻڌايل آهي ته آتما سان گڏ سوکيم يا لنگ شرير به رهي ٿو. برهدارڻيڪ اپنشد ۾ چيل آهي ته هيءَ آتما وگيان، من، پراڻ، شروتر، پرٿوي، جل، وايو، آڪاش، تيج، ڪام، اڪام، ڪرودھ، اڪرودھ، ڌرم ۽ اَڌرم، سڀ پاڻ سان گڏ کڻي هلي ٿي. هوءَ جهڙو ڪرم ڪري ٿي تهڙو ئي ڦل پائي ٿي. هنن لنگ شرير بابت ٿوري سمجهاڻي پيش ڪجي ٿي. سانکيه شاستر جب پرش شد چيتن سروپ، اداسين ۽ گياتا (ڄاڻندڙ)

آهي. جيستائين ڪوس پنهنجي سروپ جو گيان حاصل نٿو ٿئي تيستائين هو پرڪرتيءَ جي جار ۾ ڦاٿل رهي ٿو. هيءَ پاسندڙ يا ظهور ۾ آيل جڳت پرڪرتيءَ جو ئي وڪاس آهي. پرڪرتي، ستي، رجي ۽ تمي گڻن جي ساميا وستا (هڪ جهڙي حالت) جو ئي نالو آهي.

پرڪرتيءَ مان "مهان" يا بدي تتو پيدا ٿئي ٿو، جنهن مان وري اهنڪار ۽ اُن مان پنج تنماترائون (شبد (آواز) اسپرش (ڇهڻ) روپ، رس ۽ گنڌ)، ان مان وري پنج گيان اندريون (اکيون، ڪن، نڪ، چمڙي ۽ جڀ) ۽ پنج ڪرم اندريون (هٿ، پير، وات، گدا ۽ لنگ) ٿيون. اهي ڏهه اندريون، من ۽ پنج مهاڀوت (پرٿوي، جل، تيج، وايو ۽ آڪاس) وڪار ۾ اچن ٿا. انهن پنجويهن تتون مان ساري سرشٽي ٺهي، پر ويدانتي انهن جي آزاد ستا (طاقت) نه ٿا مڃين. انهن جو چوڻ آهي ته هڪ پر برهم ئي حقيقي ستا آهي. سندس ئي نام ۽ روپ جو نالو مايا آهي. بلڪل انهيءَ ريت جهڙيءَ طرح سون يا مٽيءَ مان منڊيون ڪنگڻ ۽ مٽ دلا وغيره جدا جدا روپن ۽ نالن واريون شيون ٺهندي به ٿو وستو سون يا مٽي ئي ليکبي. نام ۽ روپ جو پڙدو به هرهند هڪ جهڙو نه آهي. ڪٿي ٿورو ته ڪٿي گهڻو. انجا به ڪيترا تهه آهن جي جڙ ۽ چيتن ۾ ورهايل آهن. وري چيتن جون به ڪيئي جوڻيون آهن. انهن جوڻين ۾ منش جي جوڻ سڀني کان اُتم ليکي ويئي آهي. آتما جا به آورڻ يا ڍڪ آهن. (١) رت ۽ بيج مان جڙيل شرير آهي، اُنکي اپنشدن ۾ انمئه ڪوش ٿا سڏين. ٻيو آورڻ وڌيڪ سوکيم (نفيس) آهي منجهس سلسلي وار پراڻمئه ڪوش، منومئه ڪوش، گيان مئه ڪوش ۽ آنندمئه ڪوش آهن. انهن کان وڌيڪ من

اُن کان به وڌيڪ ٻُڌي ۽ اُنهن سڀني کان سوُکشم آتما آهي.

آتما کي، جڏهن پنهنجيءَ پرڪرتيءَ يا مايا جو حقيقي گيان حاصل ٿو ٿئي، تڏهن ٿي هوءَ ڪرمن جي ٻندنن کان مُڪتي حاصل ڪري ٿي. گيتا جي ۴ اڌياءَ جي ٢٧-٢٨ شلوڪ ۾ چيل آهي ته گيان جي اگني ٿي سڀني ڪرمن کي ڀسم ڪيو ڇڏي. گيان کان وڌيڪ ٻي ڪا به پوتر وستو ڪانهي.

هيءَ ٽن گڻن واري پرڪرتي ٿي مايا آهي. پر جيڪا مايا چيتن سروپ برهم کي ايشور جي صورت ۾ ظاهر ڪري ٿي، اُها آهي ستوگڻي مايا. اُن ۾ رجوگڻ ۽ تموگڻ ٻئي نه آهن. ستوگڻي مايا ايشور جي اُپاڌي آهي ۽ ٻي آهي جيو جي اُپاڌي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته مايا ٿي سنسار کي ٻندنن ۾ اَڙائي ٿي. ڪبير صاحب جي پدن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن مايا کي اوديا کان جدا ڪري نه ڏٺو آهي ۽ سندس مت موجب مايا ئي جيون کي ڀرمائي رهي آهي. انهيءَ مايا ڏانهن اِشارو ڪري فرمائي ٿو:-

” تُوُ مايا رَگهوُنات ڪي کيلڻ چلي اهيڙي،
چَتُر چِڪاري چُنِ چُنِ ماري، ڪوئي نه ڇوڙيا نيڙي.
مُنوَر پير دِگَمبر ماري، جَتَن ڪَرنتا جوگي،
جنگل مَهِ کي جَنگم ماري، تُوُ ري ڦِرِ بلوَنتي،
ويد پَڙهنتا ٻراهمڻ مارا، سيوا ڪرنتا سوامي،
اَرٿ ڪرنتا مِسِر پَڇاڙِيا، تُوُن ري ڦِرِ مَمنتي،
ساڪت ڪي تون هرتا ڪرتا هر ڀگتن کي چيري،
داس ڪبير رام ڪي سرني جُون لاڳي تيُون تُوري.“

ارٿ:- هي رام جي مايا! تون شڪار ڪرڻ نڪتينءَ ۽

ڳولي ڳولي سياڻا ۽ هوشيار ماريا. ڪنهنکي نه ڇڏيائين. مني، پير، پيغمبر، دگمبر، جوڳي جنگم ماري زور ورتو اٿيئي. ويد پڙهندڙ براهمڻ، سوامي ۽ وڏيون وڏيون ڪتابون ڪندڙ مسر بيچارا ڦٽا ڪيا ۽ لون مستاني ٿي پيئي ڦرڻ. ناستڪن ۽ پاپين جي تون هرتا ڪرتا آهين ۽ هريءَ جي ڀڳتن جي چيلي آهين. داس ڪبير جنهن رام جي سرڻ ورتي آهي، انجي پنيان لڳينءَ ته اُن توڙي ڦٽو ڪيئي.

شد اَدونيت ۾ مايا کي برهم جي شڪتي ڪري قبول ڪيو ويو آهي؛ مگر ڪبير مايا کي مٿيا ۽ ڀرم سمجهي ٿو جنهنجو ڪارڻ آهي اگيان:-

”ڪبير مايا پاپڻي، ڦَندُ لئه بَيٺِي هاٽ،
سب جگ تو ڦندء پڙيا، گيا ڪبيرا ڪاٽ.“

ارٿ:- هي پاپڻ مايا پنهنجي دوڪان ۾ ڦندو (جار) ڪري ڦهلايو آهي ۽ سڄي دنيا کي ڪري ڦند ۾ ڦاسايو اٿس، مگر ڪبير اُنکي ڪاٽي ڦٽو ڪيو.

ڪبير صاحب ”رمئني“ ۽ شبدن ۾ مايا جو ڏاڍو خوفناڪ چٽ چٽيو آهي. ڪبير مايا کي ونشا ڇوڙڻ ڪان نه ٿو گسي. هو سمجهي ٿو ته هو خود برهم آهي، پر انشي يعني برهم روپ پتا ڪان مايا ٿي ڪيس جدا ڪيو آهي:-

”پُوتَ پِيارو پِتا ڪوُن، گَوُهَنَ لاگا ڌاء،
لوڀ مِٺائي هاٿِ دي، آپڻ گيا ڀُلاء.“

ارٿ:- وڻندڙ پت جيئن ٿي ٻوڪي وڃي پيءُ (پرماتما) سان ملڻ لڳو، تيئن ٿي هن لوڀ روپي مايا جي مٺائي سندس هٿ ۾ ڏيئي کيس پاڻ کان ڀلائي دور ڪيو.

مايا کي پنج پٽ، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، مد ۽ متسر نالي آهن. جنجي زور ٿي هوءَ مدش کي ڪيرايو پٽ

هٽي. آتما کي پرماتما کان جدا ڪري ٿي.

”پنج چور گـڏ مڏها، گڏ لوُٽڻ ڏوس آ سڏها،
جهڙو گڊ پَتي مُڪرهو ٿي، ڏڻُ اوُت ڻ سَڪڻ ڪري.“

ارٿ:- مڻش جي شرير روپي قلع ۾ پنج چور آهن، جي صبح شام لٽ لڳايو وينا آهن. جيڪڏهن قلع دار مضبوط آهي ته ڪڏهن به مجال ڻ آهي جو لٽ ڪري.

مايا ٿي پاکنڊ جي ماءُ آهي، تنهنڪري مايا جي حقيقي جڳهه پاکنڊين وٽ آهي. مايا کي مخاطب ڪري ڪبير صاحب چوي ٿو:-

”تهان جاءِ جتهن پاٽ پَتَنبر، اگر چندن گهس ليڻا.“

اَڙي مايا! تون اُتي وڃ جتي ساڌن پٽ پٽيهر پاتا آهن ۽ ڏاڍا اگر چندن جا واس ڪري ڪيا آهن.

هتي ته اهي ساڌ ڪين جي مايا ڏانهن نهارين به ڪين ۽ مايا کي پٺ ڏيئي اڳتي پنهنجي پريتم ڏانهن وک وڌائين:-

”اوُندا گهڙا ڻ جل ۾ ڏوُٻي، سوُڌا سوُ ڀَرِ ڀَريا،
جاڪڻ ڀَهَ جگ گهِنِ ڪر چالَڻ، تا پرساد نِستَريا.“

ارٿ- جهڙيءَ ريت دلو اونڌو ڪري نديءَ ۾ وجهبو ته اهو ٻڏندو ٿي ڪين، مگر سڌو ڪري وجهڻ سان پاڻيءَ سان پرجي ٻڏي ويندو، تيئن جيڪو هن مايا سان نفرت ڪري هلندو سو ٿي پرماتما جي ڪرپا سان پار پوندو.

اڏياءُ انون

هٺ يوگ

اوڌوءُ، گگن منڊل گهر ڪيجي،
امرت جهري سدا سُک اُپجي، بنڪ نالِ رس پيجي،
مول باندِ سر، گگن سمانا سُکمن يُون تن لاڳي،
ڪام ڪروڌ دوئُو ڀيا پليتا، تهان جوڳڻي جاڳي،
منوان جاءِ ڏرِبي بيٺا، مگن ڀيا رس لاڳا،
ڪهي ڪبير جِيه سنسا ناهِن سبد آناهد باڳا.

ارٿ:- هي جوڳي، تون پنهنجو گهر گگن منڊل (ڏهين ڏوار) ۾ اڏ. اتي امرت جي ڦڙڪا پيئي ٻرسي ۽ سدائين سک ۽ آنند لڳو پيو آهي. مگر اهو رس اُتي ناڙي (ڏسون ڏوار وڃڻ لاءِ اُتو رستو) سان پي سگهبو. مولادار چڪر کي سُشمنا ناڙيءَ جي مدد سان ٻڌي گگن منڊل جي تلاءَ ۾ وڃي واسو ڪر. ڪام ۽ ڪروڌ وغيره کي پليتو (ٻاهر ڏيڻ جو هٿيو) ٻڌائڻ سان مولادار چڪر ۾ جيڪا جوڳڻي (ڪنڊلني) آهي سا جاڳي پوندي ۽ من آگيا چڪر ۾ پهچي، مها رس پيئڻ ۾ مخمور ٿي ويندو. ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته من جا سڀ سنسا ناس ٿي ويندا ۽ اهو آناهد شبد ٻڌڻ ۾ مست ٿي ويندو.

اڳ ۾ مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته آد گرو ڪبير صاحب جي سنت مت جي چئن سڌانتن مان، جوڳ يا يوڳ به هڪ مت آهي، جنهن جي وسيلي جيو برهم کي ڏسوين دوار يا ڏهين دروازي ۾ ڀيٽي پراپت ڪري ٿو.

حقيقت ۾ هٺ يوڳ ناٿ پنٿين جي سادنا جو هڪ طريقو آهي. مگر جنهن صورت ۾ ڪبير صاحب انهن پنهنجي باڻيءَ ۾ بار بار بيان ڪيو آهي، تنهن صورت ۾ ڪبير صاحب کي سمجهڻ لاءِ هن طريقي مان واقف ٿيڻو پوندو. ناٿ پنٿين جي عقيدي موجب، مها ڪنڊلنيءَ نالي هڪ شڪتي آهي جا سڄيءَ سرشٽيءَ ۾ وياپڪ آهي. ويدانت جي مٿي موجب، ”جيڪي پنڊ (شرير) ۾ آهي سوئي برهمانڊ ۾ آهي.“ ان موجب شرير اندر رهندڙ هن شڪتيءَ کي ڪنڊلني ٿو سڏجي. اها ڪنڊلني جيستائين شرير جي اندر سمهي پيئي آهي ليستائين انهي، زڳو اهو ڪم آهي جو هوءَ جسماني بناوت ۾ اوج آڻي ٿي.

اها ڪنڊلني انسان جي پٺيءَ جي ڪرنگهي (جنهنکي جوڳ جي ٻوليءَ ۾ ”ميرو ڊنڊ“ ٿا سڏين) جي پڇاڙيءَ ۾ گدا ۽ لنگ جي بلڪل وچ ۾ آهي. اُتي هڪ سوئمڀو لنگ آهي، جو هڪ ٽڪنڊي چڪر ۾ آهي. ان چڪر کي آگني چڪر ٿو سڏجي. انهيءَ چڪر واري لنگ کي ٽن ورڪن ۾ ويڙهي ويٺل نانگڻ وانگر جيڪا شيءِ آهي تنهنکي ٿي ڪنڊلني سڏجي ٿو. انهي مٿان چئن ڏلن (پتن) وارو ڪمل هي جنهنکي مولادار چڪر ٿو سڏجي. وري انهي مٿان ن وٽ سواڌشٽان چڪر آهي جو ڇهن ڏلن (پتن) جي ڪمل جي صورت وارو آهي. ان چڪر مٿان وري مٿي رڪ چڪر آهي. ان کان به مٿي هردي وٽ آهي اناهت ڪر. مٿي پورڪ ڏهن ڏلن تي اناهت ٻارهن ڏلن جي

ڪمل جي صورت وارا آهن. انهيءَ کان ٻه مٿي، ڪنٺ يا ڳلي وٽ ١٦ ڏلن وارو ڪمل آهي جنهنکي وِشڌ چڪر نالا سڏين. انهيءَ کان ٻه مٿيرو ڀرُن جي وچ ۾ آگيا چڪر آهي، جنهنکي فقط ٻه ڏل آهن. انهن ڇهن چڪرن کي ڇٽ چڪر نالا ڪوٺين. يوگي جڏهن اُنهن ڇهن چڪرن کي پار ڪري مٿي ٿو پهچي تڏهن ٿي کيس مستڪ ۾ رهندڙ "شونيه چڪر" ۾ گهڙڻ جي اجازت مِلي ٿي. انهيءَ کي سهسرار چڪر به سڏين يعني اُتي هزارن ڏلن وارو ڪمل آهي. انهيءَ هنڌ جيوَ آتما ۽ برهم جو ميلاپ ٿئي ٿو. ڪبير صاحب اُن چڪر کي برهمانڊ، برهم رُندر، مانسروور، گگن گُڦا وغيره نالن سان سڏي ٿو.

سنت مت موجب سهسرار چڪر يا شونيه چڪر کان به مٿي هڪ چڪر آهي جنهنکي "سُرت ڪمل" نالا سڏين. سنت مت جو چوڻ آهي تہ سهسرار چڪر ۾ پهتل يوگي، جڏهن سماڌيءَ جي لذت لئي، دنيا ۾ وَرلي ٿو، تڏهن واسنائن جو شڪار ٿيو وڃي. پر سُرت ڪمل ۾ بسرام ڪرڻ وارو يوگي، انهيءَ خطري کان پري آهي.

اسين چڪرن ۽ دسوين دوار جي ڳالهہ تہ ڪري وياسين پر اچو تہ ويچار ڪريون تہ اُن منزل کي ڪهڙي پند سان رسي سگهبو.

شاهہ صاحب، انهيءَ پند کي "مهيسي" پند ٿو سڏي.

"پِرِين ڪين پنــت ڪُٺي، گهرڻ ڪين گهران،
مهيسي مخلوق جـــي اُيـڻ دور دران،
پڇن لـــوءِ شـرع، جي اندر عدالت انجي."

شاهہ صاحب جوڳين کي انهيءَ ڪري ٿو مهيسي مخلوق سڏي، جو سهسرار چڪر جي جا ڳالهہ مٿي لکي آيا آهيون

اُنهيءَ ۾ ڀٽڪي پوڳي "مُهمشور" سان تو ملاقات ڪري.

ڪبير صاحب مٿي فرمايو آهي ته "ٻنڪ نال رَس پيچو" اهو رس اُلٽي ڪمل جي ناڙيءَ سان پيئو."

شاهه صاحب انيءَ اُلٽيءَ راهه جو اِشارو سر ڪاهوڙيءَ ۾ هن ريت تو ڪري.

"وِهجهو وڃ مرِ وات ڪي، ڪهڇ ڏانهن ڪوات،

پــا

ڪيريءَ ۾ پــيــر ڪنهين پــاتــو پرڙين،

جيان منجهوٽ ماڙ هئين، سڄڻ تيـان ئــي سير،

اُن پوڻ سندو پير، ڪوڙن منجهان ڪو لهي."

جن لفظن ۾ شاهه صاحب انهيءَ ڪوات جو بيان ڪيو آهي، هوُ بهوُ ساڳيا اکر ڪبير صاحب جي ڪتب آندا آهن.

"اُگهتِ چلي تي نگر بُهتي، راهه چلي تي اوُني." (ڪبير)

"جهنگل هليا سي نــه پليا، راهــه هليا ڦرجن." (شاهه)

هاڻي اچو ته اُن اُلٽيءَ راهــه جو پَند ڪريون. مَگر اِها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي تــه هن اُلٽيءَ راهه هلائڻ لاءِ ڪامِل گروءَ جي ضَرورت آهي.

"ڏور ڳ گهڻو ڏاکڙو، ڏورج م ري ڏني." (شاهه)

جنهن ميروُ دنبا يا ڪرنگهي جي ڳالهه مٿي ڪيل آهي اُن ۾ پراڻ واءُ يا پوَن کي واهيندڙ گهڻيئي ناڙيون آهن، جن لاءِ هٺ يوڳ پرديپڪا ۾ ٻاهتر هزار نارين جو ورڻن ڪيل آهي. پر منجهن سشمنا جنهنکي سکمڻ نا ڪوٺين سا ئي سرمور آهي. شاميوي شڪتيءَ واري آهي.

اها سشمنا ناڙي آگيا چڪر يعني ڀنهي ڀرُن جي وچ آهي. اُنکي سرسوتي به سڏين. اڙا ۽ پنگلا، جي نڪ جي ساڄي ۽ ڏائي پاسي آهن، جنکي گنگا ۽ جمنا به سڏجي ٿو.

اُهي منجهي آٺين سکمڻ سان ملائڻ ٿيون. سکمڻ مان لنگهي ڪنڊلنيءَ ڏانهن وڃڻو آهي. مگر ان سکمڻ جي اندر ٻه ڪيترا يون ٿي سوکم ناڙيون آهن. وهنوار ۾ اڙا، پنگلا ۽ سشمنا جا ٿي ناالا ڪتب ايندا آهن. انهيءَ سشمنا مان لنگهي، يوگي هيٺ ڪرنگهي جي هڏيءَ وٽ ڪنڊلنيءَ وٽ پهچي ٿو ۽ اُنکي اُٿاري منجهي ڏهين دروازي ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اسانجي سرير جا نوَ دروازا کليل آهن، جي آهن ٻه اکيون، ٻه ڪن، ٻه ناسون، وات، گدا ۽ لنگ. باقي ڏهون دروازو برهم رندر ۾ بند آهي. يوگي انهيءَ ڏسوين دوارِ پهچي ٽربيٽيءَ ۾ سنان ڪري آنند پائي ٿو ۽ مرڻ وقت انهيءَ دروازي مان ئي سندس پراڻ وڃن ٿا.

اَرڌ اُرڌَ ڪي گنگا جمنا، مؤل ڪوَل ڪو گهات،
شَتِ چڪر ڪي گاگري، ترِ بيٺي سنگم بات،
نادَ، بِندُ ڪي ناوري، رام نام ڪبِهار،
ڪهئ ڪبير گڻ گائلي، گرگم اُترءُ پار.

ارٿ :- هيءَ شرير ڇهن چڪرن روپي گهاگهر آهي، گنگا ۽ جمنا (اڙا ۽ پنگلا) جي سنگم وٽان ٿي، ڏسوين دوار ڏانهن وڃڻ جي وات آهي. مولادار وٽ ڪمول گهات آهي. ناد ۽ بندوءَ جي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي، رام نام جا گڻ ڳائيندي، گروءَ جي ٻتايل گيان سان ئي پار پهچندي.

ماڻهن ۾ اها ڪنڊلني پنهنجو منهن هيٺ ڪيو سمهي پيئي آهي. انهيءَ ڪري ماڻهو ڪام ڪروڌ وغيره وڪارن جا زر خريد ٻانها بنيا رهن ٿا. ڪنڊلني جڏهن جاڳي مٿ ڏانهن وڃڻ شروع ڪري ٿي تڏهن ڦناڪي جي قانُڻ وانگر آواز ايندو آهي جنهنکي ئي "ناد" ٿا ڪوٺين.

ناد مان پرڪاش پيدا ٿئي ٿو. انهيءَ پرڪاش کي مها بندو ٿا سڏين. اهو ناد ۽ بندو جو سچي برهمانڊ ۾ وياپڪ آهي سو وري منش ۾ جڏهن پرڪاش ڪري ٿو، تڏهن انکي چون اَنهد ناد. هرهڪ ساهه وارو انهيءَ اڙا ۽ پنگلا جي معرفت سڄي ڏينهن ۾ ٢١٦٠٠ ساهه پساهه کڻي ٿو. سشمنا يا سکمڻ جو مارگ بند آهي، انهيءَ ڪري ٿي جيو جون ورتيون باهرئين طرف يعني وشين وغيره ۾ لڳل آهن. جڏهن ساڌنائن دواران سکمڻ جي راهه کلي ٿي ۽ ڪنڊلني جاڳي ٿي، تڏهن اهو شُونيه مارگ جنهنکي سامي "سچ وسڻ" جي وچاررو وستو ٿو چوي، کلڻ ٿي ساهه پساهه ٿِرِ ٿئي ٿو ۽ اهو انهد ناد پڌڻ ۾ اچيتو. اُنهيءَ وقت يوگي پرم آنند جو اَنڀو ڪري ٿو. سهڻي شاهه لطيف، سر رامڪليءَ جي ٻهرئين فصل جي وائيءَ ۾ اُنجو هيٺينءَ ريت بيان ڪيو آهي.

وائـي

سندڙيان سگري، ڳالهه ڳجهڙي، مون ماريندي ڪڏهين،
بيخود باهو سي ٿئا، ٻرندي جن، ٻڌڙي،
جا سارا هيل سبحان جي، تنهن واڪاڻ کهڙي،
سهسين سروُدن کي ٻاٽان پوء وجهندڙي،
گهاندار مرون موهيا، هيءَ ماڙهو مهندڙي،
آهي، عبداللطيف چئي، مٿا جيار يندڙي.

سامي صاحب ڀ انهيءَ انهد شبد جي آنند جو واهه جو ورڻن ڪيو آهي.

"منجهين لس لنوار، وڄي ويل سب ڪهين،
چنگ طنبورا ڪينترا، "سامي" ساز اپار،
اٿ ٿي پهر اَندر ۾ "سامي" پوڻ پچار،
ڪنهن ڪنهن مگڻهار، سوجهي هن سروُد جي."

مگر من ۽ جڏهن جڏهن وڃي ٻوڙ، نرمل ۽ اسٿر ٿيندو تڏهن تڏهن انهن آوازن جو ٻڌڻ بند ٿيندو ويندو آهي. ڇو ته جڏهن آتما اُن وقت پنهنجي سروپ ۾ قائم مقام ٿئي ٿي ۽ ٻاهرين دنيا سان هن جا واسطا ختم ٿيو وڃن. اهو ناد حقيقت ۾ هڪ هوندي به، اُپاڌين ڪري سَتن سُرن ۾ ٻڌڻ ۾ اچيتو. مگر جڏهن اهو ناد اُپاڌي رهت ٿئي ٿو تڏهن اهو "اومڪار" جو روپ ڌارڻ ڪري ٿو. انهيءَ اومڪار کي شبد برهم ۽ ستّا (شڪتيءَ) کي ئي برهم ٿا ڪوٺين.

ٻه هٺ يوگ ڪو آخرين ساڌن هجي سا ڳالهه ڪانهي. هيءَ راج - يوگ ڏانهن وڃڻ لاءِ مارگ آهي. حقيقت ۾ شرير ۽ من جي شڌيءَ لاءِ ئي هٺ يوگ جي ضرورت آهي. ڪبير صاحب، جيستائين سوامي رامانند جي ستسنگ ۾ نه آيو هو تيستائين هن هٺ يوگ جون ڳالهيون ڪيون ٿي. ان بعد هن سنئون سڌو ڀڪتي مارگ جو طريقو اختيار ڪيو.

سهسرار چڪر ۾ پدم جي پاڙ ۾، يونيءَ نالي نڪندي صورتوارو شڪتي - مرڪز آهي، جنهن ۾ چندرما جو آستان آهي. ان منجهان هميشه امرت پيو جهري، مگر اهو امرت ڪنڊليءَ ۾ رهندڙ سورج سڪائيو ڇڏي. يوگي پنهنجي جپ، سهسرار چڪر جي پاڙ وٽ پهچائي منجهانس امرت پيئي ٿو. اهو ئي امرت سوم رس آهي. هن جي پيئڻ ڪري شرير جا سڀ زهر ناس ٿيو وڃن ۽ ماڻهو بلڪل ٺوبو تندرست رهي ٿو. انهيءَ کي يوگ ۾ امر وارُڻي (شراب) ٿا ڪوٺين.

انهيءَ امر وارڻيءَ جي مستيءَ ۾ مست ٿي، يوگي پنهنجيءَ سرت کي سنڀالي انهيءَ گگن گفا ۾ پهچي، پنهنجي پريتم سان هڪ ٿئي ٿو ۽ انهيءَ جي آرتي اُتاري ٿو:-

کهت ڪبير تنهن رَتن ڏِن آرتي،
جگت ڪي تخت پر جگت سائين،
ڪرم اور ڀرم سنسار سب ڪَرَت هئه،
پيوڪي پَرَک ڪوئي پُرکهي جانئه،
سُرَت اؤ نِرت ڌار من ۾ پڪڙ ڪر،
گنگ اور جمن ڪي گهاٽ آنئه،
نير نرمل تهان رَتن ڏِن جهرت هئه،
جنم اؤ مَرن تب انت پائي.

ارٿ:- ڪبير صاحب، فرمائين ٿا تہ اُلٽي تخت تي براجمان جگت جي مالڪ اڳيان، ڏينهن رات آرتي پيئي هلي. سنساري جيو ڪرمن ۽ ڀرمن ۾ منجهيا پيا آهن. پريتم جي پرک ڪو سچو پرکهيئي ٿي ٿو ڪري سگهي. سرت ۽ نرت (ٻاهرين ۽ اندرين ورتين) کي من ۾ لين ڪري گنگا (اڙا) ۽ جمنا (پنگلا) جي گهاٽ تي اچي سماڌيءَ ۾ گم ٿيءُ، جتي ڏينهن رات نرمل نير (پورڻ گيان) جي ڌارا پيئي وهي. اتي پهچي جنم ۽ مرڻ جو خاتمو ٿيو وڃي.

اڌياءُ نائون

ڀڳتي

”ڀاڳ بنا نهن پائيي، پريم ڀريت ڪي ڀڳت،
بنا پريم نهن ڀڳت ڪڇُ، ڀڳت ڀريو سڀ جڳت.“

ارٿ:- پريم کانسواءِ ڀڳتي ڪجھ به نه آهي، مگر اها ڀاڳن ٻنان نصيب نه ٿي ٿئي.

هن کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي ته سوامي رامانند جي سنگت ۾ اچڻ کانپوءِ، ڪبير صاحب ڀڳتيءَ ڏانهن رخ رکيو. يوگ وغيره سادنائون ڇڏي، ڀڳتي مارگ اپنايو.

ڊاڪٽر گريئرسن، ڀڳتيءَ جي هلچل ڏانهن اشارو ڪندي لکيو ته ”بجليءَ جي چمڪي وانگر اچانڪ هن سموري (پاکنڊي متن جي) انڌڪار مٿان هڪ نئين ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي؛ اها هئي ڀڳتيءَ جي هلچل.“

هيءَ ڀڳتي سگڻ ۽ نرگڻ، ٻن روپن ۾ ظاهر ٿي. مگر پريم ٻنهي لاءِ مارگ هو. نشڪام ڀڳتي ٻنهي لاءِ طريقو هئي. ٻنان ڪنهن شرط شروط جي، ڀڳوان کي پنهنجو پاڻ ارپڻ ڪرڻ ٻنهي کي پيارو هو.

ڪبير صاحب فرمائي ٿو:-

”جب لگ ڀڳت سڪامتا، تب لگ نِرڦل سيو،
ڪهه ڪبير وه ڪيون مِلي، نِهڪامي نِج ديو.“

ارٿ:- جيستائين ڀڪتي سڪام آهي يعني ڪنهن به وستوءَ يا پدارٿ جي پراپت لاءِ ڪئي وڃي ٿي، تيستائين اها نشڪل آهي. ڇاڪاڻ ته هو ديو، هو پريتم بلڪل نشڪام آهي. سندس هرهڪ ڪم ڪامنا رهت آهي.

ڀڳوان خود رس روپ (پريم) ٿي به، رس جي چاهنا ڪري ٿو ۽ خود آنند روپ هوندي به، هو تيستائين آنند نٿو ماڻي، جيستائين ڪيس رس نٿو ملي. ڀڪتن جي دعويٰ آهي ته هنن اُنيءَ ۾ ڪيس پاتو آهي. جيڪو ترڪ يا دليل سان ڪيس ڳولڻ ٿو چاهي، تنهن لاءِ هيءَ سموري ڳالهه راز ڀري نظر ايندي. مگر جو پريم جي مستيءَ ۾ اچي ڪيس سڏي ٿو، تنهن لاءِ ان ۾ ڪوبه راز نه آهي. پرين پاڻ ڪيس پاڻ وٽ ڪوٺي، محبت جو پيالو ٿو پياريس:-

"محبت مست ڪري عاشق نيان اسگاهه ۾،
پوچي ڪيائون پنهنجو سامي پت ڀري،
ڏسي منهن محبوب جو وينا ڌيان ڌري،
پرين پاڻ پري، نت پيالو ڏين نوُر جو."

پريتم ۽ پريمي هي نوُر جو پيالو پيئي، ٿو پرت پيا هڪ ٻئي کي پيارين. انهيءَ لاءِ ٿي پريم پڪاري سائين راهه ويندڙ ڀڪتن تي رنگ ڀري پچڪاريءَ سان وار ڪريٿو. انهيءَ وار جي چوٽ جا گهائل پاڻ سنڀالي نٿا سگهن. انهيءَ چوٽ جي گهاين لاءِ نڪا دوا نڪو دارون نڪو ويڄ نڪو طبيب:-

"هڏ نه وڙي هاڻ مون، ويڄن جو وصال،
هن منهنجي حال، حبيب ٿي هادي ٿيو."

ڪبير صاحب هن رنگ ڀري پچڪاريءَ سان گهائل ٿي، سڀني رنگن سان رڱجي ويو. وياڪل ٿي پنهنجي ستگروءَ کان ان لاءِ اُپاءُ پڇڻ ويو:-

”ستگُرُ هو مهاراج، موهَه سائين رنگ دارا،
شبد کي چوٽ لڳي ميري مَن ۾، ڀِدِ گيا تَن سارا،
اؤشد مول ڪڇؤ ناهين لاڳي، ڪاڪَري بَيد بيچارا،
سُرَ نَرَ مُنِ جَنَ پِيرَ اؤليا، ڪوئي نه پاوي پارا،
صاحب ڪبير سرب رنگ رنگيا، سب رنگ سي رنگ نيارا.

ارٿ:- هي ستگرو مهاراج، سائينءَ موتي اچ رنگ وڌو آهي، شبد جي چوٽ اهڙي تہ گهِڙي لڳي اٿم جو سارو تن بدن ونڌجي ويو آهي. انهيءَ ۾ ويچاري ويج جو ڪهڙو ڏوهه، جو سندس دوا بلڪل ناڪاميب ٿي پيئي آهي. جنهنجو ديو ديوتائون، رشي مني پير اوليا ۾ پار نہ پائي سگهيا. ڪبير هاڻ سيني رنگن سان اهڙو تہ رڱجي ويو آهي، جو چوي ٿو تہ هيءَ رنگ تہ سيني رنگن کان نيارو آهي!

هي ٻاڻ، اهڙو تہ لڳو لڳو اٿس جو ڪليجي ۾ گهاءُ ٿي پيو اٿس، پر اُنجي پيڙا ڪيس اهڙي تہ مٺي ۽ من موهڻي پيئي لڳي جو پريتم کي هرهر پيو وينتي ڪري تہ اهو تير وري ۾ هلاءِ.

”جهه سَرَ مارِي ڪالهه، سو سَرَ ميري مَن بَسِيا،
تِهِ سَرَ اَجهؤ مار، سَرَ بِن سَچِپائؤن نهين.“

ارٿ:- هي پريتم، ڪالهه تو جيڪو تير هنيو، اُنجي چوٽ منهنجي من ۾ گهر ڪري ويئي آهي، من اُنهي رمي ويو آهي. ڪرپا ڪري اهو تير، هڪ ڀيرو وري به هڻ ڇاڪاڻ تہ ان ڪانسواءِ منهنجي من کي شانتي ئي نٿي ملي.

”سر جو سندو سڄڻين، ٻنگا ٻاڻ ٻري،
ويو وجؤدان نڪري، ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري،
پڇيو پير ڀري، تہ کي ٿريو همٿ حبيب جو.“ (شاهه)

هن شاهه سائينءَ کان نه ڪو ڳجهي، نه هن ٽير جي چوٽ کائڻ لاءِ تنهنجو هيانءُ نه تري ڳگهه ٿي پيو آهي، ٻر هيءَ وري ڇاجي، ڀڄا ڀيو ڪريان نه تنهنجي حبيب جو ٻه ڪي هٿ ٿو پيو؟ سندس هٿ يا هيانءُ ٿو پيو يا نه سو نه ڀڳوان ۽ ڀڳت جي دل ٿي ڄاڻي، باقي اهو ٽير هٽي، هن ٿوڪي سخت پريکيا ۾ وڌو آهي. ڏس نه ڪوي ڪُل گرو، شاعرن جو سرتاج رويندرناٿ ٽئگور ڇا ٿو چوي؟ چوي ٿو، هيءَ تنهنجو پريتم ڏاڍو سنگ دل آهي، هيءَ دک جي رات جو راجا آهي.

"اوري ڏُبارِ کُلي ڏي ري، راجا شنکھ باجا،
گمڀير راتي اڀسي ڇي آج، آنڌار گهر ٻر راجا.
وَڄرُ ڊاڪي شُوني تَلي، وِڏيُتير جهلڪ جهلي،
ڇِن شَيَنَ ٽيني اَپني، آڳِنا تور ساجا،
جهَڙِ ٻرُ سائي هَنَاسِ اَپلو، دُک راتير راجا.

ارٿ:- هيءَ دک جي رات جو راجا آهي، اونداهي محل جو بادشاهه آهي. کيس سک ۽ سينگار پسند نه آهي. پنهنجي پريتما جي ايرهه ۾ هن کي مزو اچي ٿو. هو ڪو سٽرو پگهرجڻ وارو ٿورو ٿي آهي. جڏهن دک جو طوفان آئي ٿو، تڏهن ٻجليءَ جي ڪڙڪي سان گڏ هو پنهنجيءَ پريتما، ڀڳتڻ جي چنل ٻراڻي گودڙيءَ لاءِ اچو براجمان ٿئي! ٻالا ٻولا آهن آهي، جي هن دک جي وقت ايندڙ مهمان کي نٿا سڃاڻن. اُڙي اُٿ، جلد دروازو کول. آئي پنهنجو اگڻ سينگار. هوءَ منگل شنکھ جي ڏُني ٻڌ. سڀ ڏسيون طوفان جي انڌوڪار ۾ سمانجي ويون آهن. آسمان ۾ ڪڙڪا پيا پون، ٻجلي چمڪا پيئي ڏئي. وڇاءِ، هيءَ پنهنجي چنل ڦاٽل ٻراڻي گودڙي.

اَچانڪ دک جي رات جي راڄ، طوفان سان گڏ منهنجي اڱڻ ۾ پير پاتو آهي.

انهيءَ رات جي راڄ کي ڏاڍن حيلن وسيلن سان، هٽ ڪرڻو آهي. ڏينهن رات جڏهن ٻيهي واري "پي ڪهان، پي ڪهان؟" واري رَٽ لڳائبي، پڪاري پڪاري جيءُ ۾ ڇالا پئجي ويندا، اکيون روئي روئي لال ٿي وينديون، دل دماغ ۾ خماري ڇانئجي ويندي، تڏهن شايد مس ڪا اَک مٽي ڪجيس!

"اَکِڙيان جهانئِيين پَڙي، پَنٿ نِهار نِهار،
جِيڀَڙيان ڇالا پَڙيان، رامُ پُڪار پُڪار."

ارٿ:- نه معلوم ته مان وراڳڻ، ڪڏهن کان پريتم جي وات نهاري رهي آهيان. وات نهاريندي نهاريندي اکين جي جوت جهيڻي پئجي وئي آهي، رام پڪاريندي پڪاريندي جيڀ ۾ ڇالا پئجي ويا آهن.

"نَئِنا نِيجهَرَ لائيا، رَهَٽَ بَسَئہ نِس جام،
پَپِيها جِيُن پِوَ پِوَ ڪرُون، ڪَبَ رُمِلهُگي رام."

ارٿ:- اَکين آنسن جا جهرڻا ڪري وهايا آهن، جڻ ته کوهه جي ماله مان پل پل ۽ ڏينهن رات نير پيئي وهي. پپيهي جيان "پي پي" ڪري لڳائي اٿم ته، هي رام! ڪڏهن اچي مون سان ملندين."

ڏس، ته هن پريم جي ميدان ۾ ڪبير، ڪيئن نه پاڻ کي ڏيئو ڪري ٻيو ٻاري.

"اِس تَن کا دِيوا ڪرُون، باتي ميليُون جِيو،
لوهي سِينچوُن تيلَ جيُون، ڪب مک ديکهون پِيو."

ارٿ :- هي پريتم، تولاءِ هن تن کي ڏيئو ٻاري ۽ پراڻن روئي وٽ وجهي ۽ رت روپي تيل اوتي، نہ معلوم تہ ڪڏهن کان (جنم جنمانترن کان) تنهنجي واٽ نهاري رهي آهيان. اهائي هڪ آشا لڳل اٿم تہ پنهنجي پريتم جو مکڙو ڪڏهن ڏسنديس.“

سپني ۾ بہ ڪڏهن خيال نہ ڪجي، تہ ڪو پريتم ڪلندي ڪلندي اچي جهوليءَ ۾ پوندو. ڏينهن رات هن جي سوز ۽ فڪر ۾ گهارڻو پوندو.

”هَنس هَنسِ ڪَنتَ نہ پائيو، جِنَ پايا تِنَ روءِ،

جو هَنسِ هَنسِ هي هَرِ مِلئہ، تو نہ دُهاگڻ هوءِ.“

ارٿ :- ڪلندي ڪلندي ۽ دنيا جا عيش عشرت ماڻيندي ڪنهن بہ ڪانت (سواميءَ) کي حاصل نہ ڪيو، جن پاتو تن وڇوڙي ۾ تڙپي ۽ روئي پاتو. جيڪڏهن ڪلندي ڪلندي ڀڳوان ملي وڃي تہ هوند دنيا ۾ ڪا بہ ڏهاڳڻ نہ ٿئي.

ڪبير صاحب جي پريم جو آدرش، ستي ۽ سورمو آهي. مگر تہ بہ چوي ٿو تہ ڀڳت جي هيءَ پريم جي لڙائي، ستيءَ جي پاڻ ارپڻ ڪرڻ ۽ سورمي کان وڌيڪ ڪٺن ۽ آزمائش واري آهي.

”ساڌ ستي اوءِ سورمان، ان پٽنتر ڪوءِ ناهِنِ،

اگم پنٿ ڪون پَگ ڌَرئن، ڊِگہ تو ڪهان سماءِ؟“

ارٿ :- ساڌو، ستي ۽ سورمو، انهن جو ڪو مقابلو ئي ڪونهي. وچارن اگم مارگ تي ڪري پير رکيو آهي، ٿورو ئي ٿڙڪيا تہ وري ڪٿهين منهن ڏيکارڻ جي لائق ئي نہ رهندا.“

ڏس تہ سنتين، هن سورمي ۽ ستيءَ جي لڙائي پاهرين

لڙائي آهي. ستيءَ دنيا جي پتيءَ سان پريم ڪيو آهي، ٻہ ٻہ ڪيس دنيا جي لالچن لوڀ سان وڌيڪ ٻوڙيو هو، تہ متان پنهنجي پتيءَ اڳيان ڪوڙي نہ ٿئي. پر هت ڀڳت لاءِ تہ الک جي ساڌنا آهي. ستي ڪري ڪنهن پاپيءَ ڪان پلاند ڇڏائڻ لاءِ ٿورو وقت ڏک ڏاڍا ڏسندي، مگر هتي تہ آهي ڏينهن رات جنگ جوٽڻي.

”ساڌَ ڪا کيل تو وِڪَٽَ بيدا مَتي،

سَتي، او سوُر ڪي چال آگي،

سوُر گهمسان هَئہ پَلَڪ دوچارِ ڪا،

سَتي گهمسان پل ايڪ لاگئہ،

ساڌَ سنگرام هَئہ، رَئن دِن جوُجهنا،

ديهہ پرجَنت ڪام پائي،

کهئن ڪبير ٽُڪ ٻاڳ ڍِيلي ڪرءِ،

اُلٽِ من گگن سوُن جِمين آئي.“

ارٿ:- وچاري ساڌوءَ جو کيل تہ ڏاڍو خوفناڪ آهي. سورمن جي لڙائي، ٻچار پل تہ ستيءَ جي لڙائي ڪن اڌ لاءِ آهي. مگر ساڌ جي لڙائي تہ آهي ڏينهن رات جهونجهار ڪو جهگڙو. جيسين سر ۾ ساس تيسين لڙائيءَ جي آس. ٿوري واڳ ڍري ڪئي نہ آهي تہ آسمان مان جو ڪرندو تہ سڌو زمين تي پٽي ٽڪر ٽڪر ٿي ويندو.

هتي تہ ٿتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل وهڻ جي،

جي وينا سي ويا، وينن ٿان واري وري.

جنهن مارگ ٿان ڀڳت پند ڪن ٿا، اهو ڪر سولو ڪرنهي،

ترار جي ڌار تان هلڻو آهي.

"آڳِ آنهَ سَهنا سُگم، سُگم ڪڙَڳ ڪي ڌار،

نيه نباهَن ايڪ رس، مها ڪَٺن وِيوهار."

ارٿ:- ڀاهہ جي لهس سهڻ سولي آهي، ترار جي ڌار تان پنڌ ڪرڻ ۾ سولو آهي. مگر هڪ رس نيهن نباهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هڪ رس ڀڳتي ڀڳتي نباهڻ جا شرط ڏاڍا ڏکيا آهن. اُن ۾ ڀاونا جي جوش ۾ اچي اُڇرڪڻو نہ آهي. نڪي ڀرهہ جي ڀاهہ ۾ سهڻ ڪري وهي رهڻو آهي. توريئي جوش ۾ اچي گيان ۽ ڪرم جي مريادا ڀنگہ نہ ڪرڻي آهي، ۽ نڪي ڪي گهڻي ابياس ڪري نانارڪي ٻليءَ وانگر جڙ ٻڻجڻو آهي. سُهڻي شاعر رويندرناٿ دل ۾ ڇيندڙ سُهڻي ٻوليءَ ۾ انهي واهہ جي وياکيا ڪئي آهي:

هي ڀڳتي تومـاري ليپ ڏَنـرِ ناهِ مـاني،

مهؤرلي وِهـوَلَ هيِ نِـرتيہ گيت گـاني،

ڀـاوونادَ متـناپَـ، سپـہ گيـان هـارا،

اَدُ ڀـرانتَ اچـلَ ٿين ڀڳتي مَـدَ ڌارا،

نـاه چاهِ ناٿَ، دائـر ڀڳتي شانت رس،

شُيگڌَ - سُـڌا پُورڻ ڪر، مَنگـلَ ڪلس،

سنسار - ڀَـوَن ڏواري، هي ڀڳتي اَمـرت،

سمسٿ جـيـوَن مـرو هـئـبي وسٿـرت،

نِـگـوَئو گَـپـير، سَـرَب ڪرمي دِ اـي ٻـل،

وبـرٿَ شُـبَ چيشٽـاري او ڪراـي سـڦـل،

آنندي ڪلياڻ، سوب ڀرپيم ڏيئي ٿرپت،
سڀ دکي ڏيئي ڪيم، سڀ دکي ڏيپت،
داهه هين، سمپرڻ ڀاو اشرؤ نيئر،
چِت رهي سرڀرؤرڻ، اُمت ڳهير.

ارٿ:- هي ناٿ، جيڪا ڀڳتي تنهنجي ڪري، بي صبر ٿيو پوي، ڪن پل ۾ ئي ٿرت ۽ راڳ ئي وياڪل ٿيو پوي، پاونا جي مد ۾ مست ٿيو چڙهي، آها گيان ڪي گم ڪرڻ واري (مدهوش بنائڻ واري)، اٿو ڪنڌر ٿيڻ (گجي) سان ڀريل ڀڳتيءَ جي مد-ڌارا (شراب) مونکي نه گهرجي. هي ناٿ! مونکي شانت ڀڳتيءَ روپي، پريم جي امرت سان ڀريل منگل ڪلش (گهڙو) دان ڪر. اهو منگل ڪلش جو سنسار جي محل جي دروازي تي سوڀيڪ لڳي. جا ڀڳتي، منهنجي سموري جيون جي گهرائي ۾ گنڀيرتا سان ڇانئجي وڃي، جا منهنجي سڀني ڪرمن ۾ پل ڏيڻ واري هجي ۽ اسانجي اُنهن سڀني ڪوششن کي آنند ۽ ڪلياڻ سان ڀرپي چڙهي، جي ناڪامياب ٿي چڪيون آهن. هيءَ شانتي رس ڀڳتي، مونکي هر طرح جي پريم ۾ ترپتي ڏيندي. سڀني دکن ۾ ڪلياڻ ڏيندي، ۽ پري چڙهندي سڀني سکن ۾ ڏجهي ڪان رهت پرڪاش. پاونا جي جوش ڀرين آنسن کي روڪي، منهنجو چت پرپورڻ شانت ۽ گنڀير بڻيو رهندو.

ڪبير داس جو پريم، سودا باڻليءَ جي جوش وارو پريم نه آهي. هن پريم ۾ شانتي آهي، گنڀيرتا آهي. هن پريم ۾ موت سان راند ڪرڻي آهي، سر لاهي ترئيءَ تي رکي پوءِ ئي پريتم جي پريم مندر ۾ گهڙڻو آهي. اهو هري رس، اهو رام

رس اهو ئي پي سگھندو جو ان لاءِ سر جو سَودو ڪندو:

”رام رَسائڻ، پريم رس، پيوڻ اَڌڪ رَسال،
ڪبير پيوڻُ دُلڀ هَئه، مانگئه سِيسَ ڪلال.“

ارٿ:- رام رسائڻ يعني پريم رس روپي مدرا (شراب) پيئڻ ۾ ڏاڍي ذائقيدار آهي، رسيلي آهي، پر اُن جو پيئڻ سولو نه آهي. ڇاڪاڻ ته ان لاءِ ڪلال (گرو) قيمت جي صورت ۾ سر جي گھر ڪري ٿو. يعني جيڪي گروءَ جي اُپديش سان پاڻ کي فنا-في الله ڪري سگھن ٿا، اهيئي هن سُرڪيءَ جو سواد ماڻي سگھندا.

هن ڀڪتيءَ جي ميدان ۾، نه رڳو مرڻ کان منهن نه موڙيو آهي، بلڪ جيئري ئي پاڻ ماري مات ڪيو آهي. پنهنجو پاڻ آتم سمرپڻ ڪري، اَيمان ۽ مان ڇٽيءَ جو تياڳ ئي، جيئري مرڻ آهي.

”جيوَن کَنُ مَرِبو ڀلو، جو مَرِ جاڻَنِ ڪوءِ،
مَرِني پهلي جي مَرَئن، تو ڪَلَ اَجراوَر هوءِ.“

ارٿ:- جيڪڏهن ڪنهن کي سچيءَ ريت مرڻ اچي ٿو ته جيئري ئي مرڻ بهتر آهي. حقيقي مرڻ کان اڳ، جيڪي جيئري ئي مري چڪا آهن، اهي هن ڪلجُڳ ۾ اجر ۽ [امـ]ر آهن.

”مرڻا اڳي جي مُئا، سي مري ٿين نه مامُ (شاهه)

هن جيئري ئي مرڻ جي پرواليءَ جو جواب، ڇو نه ٿا [ڪ]بير صاحب کان ٻڌون؟ ڪهڙيءَ ريت جيئري ئي مري [ڏ]کهو؟

"مَنَ ماريا مَمتا مُئي، اَهم گَئي سَبَ ڇُوٽ،
جوگي ٿـا سو رَمِ گيا، آسڻ رهي وڀـوُت."

ارٿ:- من جي مارڻ سان ٿي ممتا مري وڃي، خودي يا اهنڪار ناس ٿيو وڃي. اهنڪار ناس ٿيڻ تي جوڳي جيئري ٿي مري وڃي يعني جيون مڪت ٿيو پوي.

جنهن وقت هيءَ خودي خواري، سامي ميٽي سم ٿيا، تنهن وقت اهي جيون مڪت پرش ڪال کي به وس ڪيو ڇڏين.

"گهرَ جالوُن گهر اُبَري، گهر راکٿون گهر جاءِ،
ايڪ اَچنڀا ديکيا، مرا ڪال ڪوُن کاءِ."

ارٿ:- هن گهر کي (ديهه) جيڪڏهن جلايان ٿو ته گهر بچي ٿو ۽ جي هن جو بچاءُ ڪريان ٿو ته گهر ٿي ناس ٿيو وڃي. هڪ حيرت جهڙي ڳالهه ڏٺم، جو مئل پيو ڪال کي کائي. هونءَ ڪال، جيئري پراڻيءَ کي کائي ماري ڇڏي پر هيءُ مئل (جيئري ٿي مئل يا جيون مڪت) ڪال کي ٿي پنهنجي وس ڪيو ويٺو آهي، ڪال کي ٿي کائي ويو آهي.

هاڻ هن پريتما لاءِ، پنهنجي پريتم سان گڏجڻ جو دروازو کليو آهي. آرتي سيدگاري، سهاڳڻ پنهنجي پريتم کي ڳوليندي نڪتي آهي ۽ پريم رس جي بوندن سان سندس چُنري ڀُسي رهي آهي.

"ڀيجَهه چُنَريا پريم - رس بوُندَنِ،
آرتي ساجه ڪي چَلي هَئه سُهاگَنِ،
پـريه اَپَني ڪو ڍُونـڍَنِ."

پنهنجي پريتم کي ڳوليندي اچي سندس اونچي اٽاريءَ (محل) تي چڙهي آهي، ته ٻه پير پيا ٿڙڪنس. من لوڪ لڄ ۽ ڪُل جي مريادا پيگهه ٿيڻ جي ڊپ کان ڏولائمان ٿي رهيو ائس. مگر ان حالت ۾ ستگرو سندس سهائتا ڪري پنهنجي پريتم سان ملائيس ٿو.

”اونچي گَهَلَ راهَ رَپٽيلي، پائو نَهِين ٺهراءِ،
لوڪ لاج ڪُل ڪي مرجادا، ديکت من سَڪُچاءِ،
دوُرِي ستگر ملي ڀيچ ۾، ديَهوُن پمد بتاءِ،
صاحب ڪبير پيا سوُ پيتيو، سيتَل ڪنت لگاءِ.

ارٿ:- منهنجي پريتم جو گهر تمام مٿي آهي ۽ رستو تمام خوفناڪ، تنهن تي وري لوڪ لڄ ۽ ڪُل جي مريادا، منهنجو من لڄائمان ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ستگروءَ مونکي انهيءَ جو راز ٻڌايو، تڏهن بيڌڙڪ وڃي پريتم جي گلي لڳيس.

جنهن وقت پريتما پنهنجي پريتم سان، يعني سچي سائينءَ سان، گلي لڳي ملي تنهن وقت لامحدود جو ديس، اُن لاءِ کلي پيو.

”حدَ ڇانڊِ بيهد گيا، ڪِيا سُنَ اَسنان،
مُنِ جَنَ مَحَل نه پاوَئِين، تهان ڪِيا وشرام.“

ارٿ:- حد ڇڏي بي حد جي ديس ۾ پهتي، سُنّ (گگن منڊل) ۾ سنان ڪيم. جنهن هنڌ تي وڏا وڏا منسوي
ا پهچي سگهن، اتي وڃي آرامي ٿيس.

سامي صاحب ٻہ ساڳيو آلاپ ٿو آلاپي:

”گروءَ لکايو گيان، تڏهن ٻولڻ ٻڌڻ گيان ٿيو،
جيڪي اچي درشٽ ۾، سو سامي سڀ ڏيان،
سيوا سهج سروپ جي، ڪاڻڻ ٻيهڻ اشنان،
پائي پد نرباڻ، ماهل ٿيو مهراڻ ۾.

اڏياءُ ڏهون

صوفي واد

ظُلمَتَ ناسوُتَ، مَلڪوُتَ ۾ فرستي، نوُرَ جلالَ جَبَروُتَ ۾ جي،
لاهوُت ۾ نوُر جمال پَهَچاڻِيءَ، حق مڪان ها هوُت ۾ جي،
بقا ياهوُت، ساهوُت مُرشد پار هڻن، جو رب راهوُتَ ۾ جي،
ڪَهَتَ ڪبير اَوِگت آهوُت ۾، خود خاوند آهوت ۾ جي.

ارٿ:- ناسوت ۾ شريعت، ملڪوت ۾ طريقت رستي، فرشتن جا گڻ حاصل ڪري، جبروت ۾ معرفت رستي حقيقت جي ويجهو ٿو پهچي. لاهوت ۾ حقيقت حاصل ڪري، نوري جمال ٿو ماڻجي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ ”اڻ چاٽل“ کي آهوت ۾ ٿو سڃاڻجي، جتي خود پاڻ ٿو وسي.

ڪبير صاحب سنت مت ۾ صوفي واد کي ٻہ جاءِ ڏني آهي. ڪبير صاحب اهو ڪم ڏاڍي سياڻپ جو ڪيو جو نہ هن ڏٺو تہ هندن ۽ مسلمانن ۾ ويڇا تمام وڏي

ويا آهن ۽ اُنهڪري ويجهو تڏهن آئي سگهيو جڏهن مسلمانن جي ڪنهن مت کي به سنت مت ۾ شامل ڪيو. ڪبير صاحب کي صوفي واد پنهنجي مت جي پنيرائيءَ لاءِ بلڪل موزون لڳو. صوفي واد کي پنهنجي مت ۾ آڻڻ ڪري هو ڪيترن ئي مسلمانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهيو. اڄ هندو ۽ مسلمان ٻئي ڪبير جا پيروڪار آهن.

هاڻي اچو ته ڪجهه صوفي مارگ جي اُپٽار ڪريون. هن ننڍي ڪتاب ۾ ايڏي جاءِ نه آهي، جو صوفي مت جي پيدائش وغيره جي ڳالهه ڪجي. هتي فقط ڪن موٽن اُصولن جو ئي بيان ڪرڻ ۾ ايندو. ظاهر آهي ته صوفي مت جي آخرين منزل به اها آهي جا ٻين متن جي، يعني "اُپانڻهار پرماتما سان هڪ ٿي وڃڻ."

"جزو وڃايو جو ڳڻين، ڪُلَ سين آهين ڪرُ."

الحق سان هيڪڙائي حاصل ڪرڻ ئي، صوفي مت جو آخرين اُديش آهي. صوفي جڏهن ڏسي ٿو ۽ محسوس ڪري ٿو ته سڀني ڪريائن ۽ هستين جو ڪارڻ، فقط پرماتما جي شڪتي آهي ۽ ظاهري ڏسجندڙ جڳت، اُنجو ئي ظهور آهي، تڏهن هو اُن راز کي جاڻڻ چاهي ٿو. هو محسوس ڪري ٿو ته اهو راز دليل، ترڪ يا بڌيءَ جي جاڻ کان مٿي آهي ۽ اُن کي جاڻڻ لاءِ ساڌنائن لاءِ پاڻکي تيار ڪرڻو پوندو ۽ اُن جي جوت پاڻ ۾ جزب ڪري ئي اُن جي پرڪاش کي حاصل ڪري سگهبو.

صوفين جي اُنهيءَ حالت جو ورڻن ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، جنهن ۾ هو پرماتما سان هڪ ٿي وڃن ٿا. انهيءَ حالت ۾، ڪڏهن اهڙو به وقت ايندو آهي، جو ساڌڪ يا ساڌنا ڪندڙ دنيا جي وشين کان دوُر ٿي اُن آتمڪ جڳت ۾ پهچن ٿا، جتي ڪال يا استان (Time and space) جو نالو

ته ٿو رهي. انهيءَ مارگ جي ڳولائن ۾ ڪي اهڙا ته صوفي سمت ٿي ويا آهن، جن جي زبان مان اچانڪ ڪي اهڙيون ڳالهيون نڪتيون، جن مان اُن حالت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. منصور بن حلاج انهيءَ حالت کي پهچي ”انل حق“ جو نعرو بلند ڪيو، يعني ”مان خود خدا آهيان“. (اها ڳالهه اسلامي عقيدن جي خلاف آهي.) ان حالت ۾ پهچي ساڌڪ بي خود بڻجو پوي ۽ ”مان“ ۽ ”تون“ کان مٿي اُٿي ٿو. اُن وقت حلاج يا ساڌنا ڪندڙ، ڪين ٿو ٻولي بلڪ ٻاڻ پرماتما ”اهم“ جي چيتنا کان دور، حلاج جي واتان ٻولي رهيو هو.

صوفي طريقي ۾ هلندڙن جو اعتقاد آهي ته ڀاو-آويش (وجد) ئي، هڪ اهڙو ذريعو آهي جنهنجي معرفت آتما ۽ پرماتما جو ميلاپ ٿي سگهي ٿو. انهيءَ وجد يا مستيءَ جي سلسلي ۾ صوفين، فنا (لئه ٿي وڃڻ)، سماع، ذوق (سواد) شراب (پيئڻ) غيبت (اهم کان بي خبر ٿيڻ)، جذبات ۽ حال وغيره لفظن جو استعمال ڪيو آهي. فقط هڪ سچ يا پرماتما جي ڌيان وغيره سان، من ۾ اهڙو ولوڙو پيدا ٿئي ٿو جو پنهنجي ”اهم“ يا خوديءَ کي وڃائي ڇڏي ٿو.

صوفي طريقي ۾ وجد کي اڳرائي ضرور ڏني وئي آهي، پر اُنکي اڳتي وڌڻ لاءِ هڪ ساڌن مڃيو ويو آهي. وجد ڪانپوءِ جيڪا منزل اچي ٿي، تنهنکي وُجود ڪري ٿا سڏين. اُن حالت ۾ جزي جي هستي کوهي ڪُل ۾ ملائڻي آهي. اُن ڪانپوءِ اچي ٿي ”موجود“ جي حالت. انجي معنيٰ ته ”پرماتما جي سَتا ۾ استر ٿيڻ.“

ڪيترا ئي صوفي ”فنا“ کي ئي آخرين درجو مڃين ٿا. مگر جيئن جيئن صوفين جون ساڌنائون اڳتي ۽ اڳتي وڌڻ

لڳيون، ليڪن ليڪن اُنهنجو اهو خيال پڪو ٿيندو ويو ته فنا کانپوءِ جيڪا حالت اچيٿي سا آهي "بقا" جي. جنهن وقت سالڪ "اهم" يعني مان ۽ تون جا ويڇا مٽائي ٿو تنهن وقت اُنکي "فنا" جي حاصليت ٿيئيٿي، ۽ ان بعد ئي "بقا" جي حالت اچيٿي جنهن ۾ هو پرماتما سان هڪ ٿي رهڻ لڳي ٿو.

پرماتما کي حاصل ڪرڻ جا جيڪي به مارگ ٻڌايا ويا آهن، تن ۾ پريم کي وڏو مهت ڏنو ويو آهي. پريم جي معرفت ئي انسان ۾ شرڌا ۽ وشواس پيدا ٿين ٿا. صوفي انهيءَ جي ئي زور تي پرماتما کي پائڻ جي آشا رکن ٿا. پريم هڪ اهڙي پربرتا ڏيندڙ طاقت آهي جا سالڪ کي آتمڪ دڳ تي لڳايو ڇڏي. هيءَ هڪ اهڙي واسنا آهي جا ٻين سڀني واسنائن کي اندر مان هڪاليو ڪڍي. الشبليءَ جو چوڻ آهي ته "پريم هردي اندر باهه مثل آهي، جو سواءِ پرماتما جي اِڇا جي، ٻين سڀني اِڇائن ۽ واسنائن کي جلائي ڀسم ڪري ڇڏي."

پنهنجن سمورين واسنائن سان گڏ، پنهنجو پاڻکي ارپڻ ڪرڻ ۾ ئي پريمي سک سمجهي ٿو. ڪنهن به شيءِ کي پنهنجي پرينءَ مٿان گهوري قربان ڪرڻ ۾ هنکي ڪابه هٻڪ نٿي ٿئي. عبدالله القريشيءَ جو قول آهي ته "تون جنهن پرم پريتم سان محبت ڪرين ٿو، اُنهيءَ کي سڀ ڪجهه، جو تو وٽ آهي سو ڏيئي ڇڏ، جنهنڪري ڪابه اهڙي ڳالهه نه رهجي وڃي جنهنکي تون پنهنجو چوين." مطلب ته پرم پريتم لاءِ سروتس ارپڻ ڪرڻ سان ئي "اهنڪار" ناس ٿيندو ۽ تڏهن ئي سچي پريم جو اڌڪاري بڻجي سگهبو.

پريتم کي ڪڏهن ۽ ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو تنهن لاءِ جلالدين روميءَ پنهنجي مسنويءَ ۾ هيٺيون مثال

ڏنو آهي:

ڪڏهن اچي ٻاهران پريتم جو دروازو کڙڪايو. اندران آواز آيو "ڪير آهي؟" جواب ۾ چيو ويو "مان آهيان."
اندران آواز آيو ته "هن گهر ۾ توهنجي ۽ منهنجي، ٻنهي لاءِ جڳهه ڪانهي." پريمي ويچارو موٽي ويو. اڪيلائيءَ ۾ ويهي پرارٿنائون ڪندو رهيو ۽ اپواس (فاقا) ڪندو رهيو. هڪ ورهيه بعد هو وري موٽيو ۽ اچي دروازو کڙڪايائين. آواز آيو "ڪير آهي؟" هن ڀيري پريميءَ جواب ڏنو "تون آهين" ۽ تڏهن دروازو کلي پيو.

جيستائين تون ۽ مان جو ويڇو آهي، "اهم" ٻنيو ٿو رهي، تيستائين پريتم کي پاڻ ڏانهو ڏکيو آهي ۽ جڏهن هو حاصل ٿئي ٿو تڏهن "اهم" ناس ٿيو وڃي.

"جَبَ مَيَن ٿا تَبَ هَرِ نَهِين،
جَبَ هَرِ هَيَن، مَيَن ناهِن."

ارٿ:- "جڏهن مان هوس تڏهن هري ڪونه هو، هاڻ جڏهن هري آهي تڏهن مان نه آهيان.

پر صوفي اهو به مڃين ٿا جيسين ان لاءِ ڀڳوان جي ڪرپا نه ٿي ٿئي، تيسين سادڪ جي اندر پريم پيدا ٿي نٿو سگهي. هيءَ اَملهه وستو ڪيڏيءَ به ڪوشش سان سادنا ڪندڙ کي حاصل ٿي نٿي سگهي، جيسين پرڀوءَ جي ديا نه ٿيندي. هن پريم کي پرگهٽ ڪرڻ جي لفظن کي طاقت نه آهي. نڪي سُڪن دليلن سان سمجهي سگهجي ٿو. صوفين جو وشواس آهي ته پرماتما پريم سروپ آهي ۽ هو خود اهڙن اِنسانن تي، انجو راز ظاهر نٿو ڪري جي اُن جا اڌڪاري نه آهن. جو ڀڳوان سان پريم ڪري ٿو، ڀڳوان به اُنهن سان پريم ڪري ٿو. ٻنهنجن پريمين جي دلين ۾ هن پريم کي ڊراوت

طور رکي ڇڏيو آهي. صوفي چون ٿا ته ڀڳوان ئي پريم آهي ۽ پنهنجي ئي آنند لاءِ اُنکي پريمين جي دلين ۾ ظاهر ڪري ٿو. بايزيد بسطاميءَ جو چوڻ آهي، "مون سمجهيو ٿي ته مان پرماتما سان پريم ڪريان ٿو، مگر اُنيءَ ڪرڻ کانپوءِ مون ڏٺو ته منهنجي پريم ڪرڻ کان اڳ ئي هو مون سان پريم ڪرڻ لڳو هو." انهيءَ پريم کي حاصل ڪري پريمي ۽ پريتم ٻئي ٿريو پون.

صوفي پرماتما کي پريتم ٿا سڏين. هو اُهو ئي معشوق آهي، جنهنجي محبت ۽ انتظار ۾ هو ڏينهن رات تڙڦن ٿا. ڪبير صاحب فرمائي ٿو:-

"يا پريمي ڪو ميچ دي يا دي اپنا ديدار،
راتَ دِوَس کا داجهڻا هم سي سَهيا نه جاءِ."

ارٿ:- هي پريتم، يا ته پريميءَ کي موت ڏي يا ڏي پنهنجو ديدار، هيءُ رات ڏينهن جو ڏجهو اسان کان سهو نه ٿو ٿئي.

انسان رواجي سونهن تي ڪيڏو نه مستانو ٿيو پوي، مگر جڏهن سادڪ کي اننت (لامحدود) سونهن (جمال) جو پتو ٿو پوي، تڏهن هو اُن سان پريم ڪرڻ کانسواءِ رهي نه ٿو سگهي. هو پرم ستيه، اننت سوندريه (لامحدود جمال) ۽ پرم منگل (خير - اي - محض) آهي. هنجي ئي ڇانوَ ۾ هي سمورو جڳت ۽ پراڻي ظهور ۾ اچن ٿا. جيڏانهن نهار تيڏانهن آهي ديدار دلبر جو. **جامي** هڪ ڪرتا ۾ فرمائي ٿو:-

"ڏس آهي هو سنسار جو مالڪ، جنهن هرهڪ اڻُو پرماڻوءَ کي آئينو ڪري ڇڏيو آهي، جنهن مان سندس سونهن پيئي جهلڪون ڏئي. گلاب ۾ ظاهر ٿيندڙ سندس (پرماتما) ٿي

سونهن، بلبل کي پريم ۾ پاڳل بڻائي ڇڏيو آهي. انهيءَ چٽڪ مان شمع روشن ٿئي ٿي، جنهن تي موهت ٿي پروانو پنهنجو پاڻکي مٽائي ڇڏي. سورج ۾ سندس پرگهٽ ٿيندڙ سوڀيا کي ڏسي لهرن مان ڪنول پنهنجو سر مٿي ڪڍي ٿو. ليلا جي ڪاڪل کي ڏسي مجنونءَ جي دل ڇڪجي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ ته اُن (ليلا) جي سهڻي چهري ۾ اُن (پرماتما) جي جمال جي ڪا ڪِرڻا ڦُٽي نڪتي هئي. هن (پرماتما جي سونهن) ئي شيرينءَ جي چپن ۾ اهو مٺاج پيو هو، جنهن پرويز جي دل ۽ فرهاد جي زندگي چورائي ورتي. سندس ئي جمال چنڊ ئي طرف پکڙيل آهي ۽ پرٿويءَ جي سهڻين شين مان انهن چمڪي رهيو آهي جڻ هو پردي مان ڇڻي ٻاهر اچي رهيو هجي. يوسف جي ڪوٽ ۾ سندس ئي چهرو چمڪيو، جنهن زليخا جي شانتي ناس ڪري ڇڏي. جتي به اوهانکي حجاب ڏسڻ ۾ اچي، اُتي سمجهو ته هو لڪل آهي. جو هردو محبت سان متاثر ٿيو پوي اُن ۾ هو ڪشش ٿيو پوي. اُن سان پريم ڪري ٿي هردي ۾ نئين زندگي يا جيوت پيدا ٿي وڃي. سندس چاهنا ۾ ئي آتما جي فتح آهي. هن سنسار جي سهڻين شين سان محبت ڪرڻ وارو، حقيقت ۾ سائين ئي پريم ڪري ٿو.

صوفي مارگ جون ڪيتريون ئي منزلون، حالتون ۽ مقامات آهن. انهن نسبت جدا جدا رايا آهن. ”عارف ال معرف“ ۾ چيل آهي ته صوفيءَ لاءِ چار منزلون طئه ڪرڻ جي ضرورت آهي. سڀ کان پهرين مريد، پرماتما کي حاصل ڪرڻ جي سخت خواهش رکي هردي مٿان پيل پردي کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ۽ پرماتما لاءِ جنهن پريم جي منجهس محسوسيت پيدا ٿئي ٿي، انهيءَ کي ڪنهن ٻي به ظاهر ڪرڻ نٿو ڏئي، سواءِ وجد جي حالت جي.

ٻي منزل آهي تفريد، جنهن ۾ هو پريم ۾ پاڳل ٿيو وڃي ۽ سواءِ پرماتما جي هن وٽ ڪنهن ٻئي ڳالهه جي هستي نٿي رهي. ٽين منزل اُن وقت ٿي شروع ٿئي، جڏهن هو پنهنجي دل جي آئيني کي پرماتما جي سَتّا ڏانهن مخاطب ڪري ٿو ۽ سندس ئي نشي ۾ ٻڏي مست مولا ٿيو پوي. چوٿين منزل آهي ذڪر (يگوان جو سمرڻ) جي ۽ جنهن ۾ ساڌنا ڪندڙ اَنت ۾ پاڻ ئي ساڳيءَ سان وڃي اورون اوريندو.

جسي ۾ جبار جو، خفي خيمو ڪوڙ،
جلي تون زبان سين، چار ئي پهر چور،
فڪر سين فرقان ۾، اسم اعظم ڏور،
پيا در وڃي مروڙ، اي اَمل اپائين سوجهي."

اهو ذڪر ٻن قسمن جو ٿئيتو، هڪڙو ظاهري ۽ ٻيو اندريون. ذڪر واري حالت مان لنگهي ساڌنا ڪندڙ فڪر جي منزل تي رسي ٿو. اِن حالت ۾ جڏهن زبان ۽ من گڏجي ذڪر ۽ فڪر ۾ لڳيو وڃن تڏهن آتما مشاهدو ماڻي ٿي. هن حالت ۾ سالڪ ٺروڪار ٿي پنهنجي هستيءَ ۽ گيان کان رهت ٿيو وڃي؛ يعني ڪيس پنهنجي آزاد سَتّا يا هستيءَ جو گيان نٿو رهي.

ڪي صوفي هيٺين ستن منزلن جو بيان ٿا ڪن.

(١) عبوديت، هن ۾ من کي پوتر ڪرڻ سان گڏوگڏ شريعت موجب پرماتما جي سيوا ۾ لڳڻو آهي.

(٢) عشق جي حالت ۾ ساڌنا ڪندڙ پرماتما سان پريم پيدا ڪري فَقُرَ يعني غريبيءَ کي اختيار ڪري ٿو.

(٣) زهد، جنهن ۾ هن سنسار جي اڇائن ۽ واسنائن جو ٽالمو ٿيو وڃي.

(٤) معرفت- هن حالت ۾ سالڪ پرماتما جي گڻ، سڀاو ۽ ڪرم جو ڌيان ڪري ٿو.

(٥) وجد- سادنا ڪندڙ، پرماتما سان هڪڙائي انڀو ڪندي ڪندي، مستي يا مدهوشيءَ جي حالت ۾ هليو وڃي ٿو.

(٦) حقيقت- هن ۾ سادنا ڪندڙ کي پرماتما جي حقيقي سوروپ جو گيان حاصل ٿئي ٿو ۽ هو مڪمل طور پرماتما تي ئي آڌار (توڪل) رکيتو.

(٧) وُصُلُ- هن ۾ سالڪ پرماتما جو درشن ڪندو رهي ٿو.

ڪيترا صوفي ودوان "توبهه" کي پهرين منزل ٿا سڏين، تنهن بعد جڏهن فقر (غريبي) زهد (ويراڳ) ۽ توڪل جي منزل لتاڙين ٿا تڏهن رضا (سنتوش) واري مقام تي پهچن ٿا. هن حالت ۾ ڀڳت هر حالت ۾ صبر ۽ شڪر ڪري ٿو. نه سک ۾ سکي، نه دک ۾ دکي. هو سڀ ڪنهن ڳالهه کي ڀڳوان جو پرساد ڄاڻي ٿو. ڪيس پنهنجي حالت لئي نه شڪايت رهي ٿي، ۽ نه وري ڪا خوشي ٿئي ۽ ڀڳوان ڀڳت جي هن قسم جي من واري حالت تي بي حد راضي رهي ٿو.

هيڏانهن ڀارت جي صوفين مطابق چار منزلون آهن:-

(١) ناسوت:- هن ۾ شريعت جي قاعدي قانون مطابق پابند رهڻو پوي ٿو. (ستِ پُرلڪ سنسار)

(٢) ملڪوت:- هن ۾ طريقت يعني ڀڳتي مارگ جو آڌار وٺڻو پوي ٿو. ملڪوت ۾ منش جو چت ٻاهرين دنيا جي واسنائن کان مٿي اُٿي ٿو، ۽ کيس ديودوتن (فرشتن) جا گڻ حاصل ٿين ٿا. (چت سنسار)

(٣) جبروت:- هن ۾ سالڪ آتمڪ شڪتي حاصل ڪري ٿو ۽ سندس رستي جون سڀ رڪاوٽون دُور ٿيو وڃن. اِها معرفت واري منزل آهي. (آنند سنسار)

(٤) لاهوت:- هيءَ حالت ”حقيقت“ واري آهي جنهن ۾ پرم سچ جو درشن ٿئي ٿو. حق سان هيڪڙائي حاصل ٿئي ٿي.

”راهه شريعت هليا، تفڪر طريقون،
حال حقيقت رسيا، معرفت ماڳون،
ناسُوتُ، مَلڪُوتُ، جبرُوتُ، اچي انعام لڌونِ،
پس لاهوت لنگهيون، هاهُوت متي هليا.“

انهيءَ سچي سفر کي صوفي ٽن حصن ۾ وراهين ٿا.

(١) سير ”الله“، يعني پرماتما ڏانهن سفر. هن ۾ ”واحديت ۽ وحدت“ جي منزل پار ڪجي ٿي.

(٢) سير في الله، يعني پرماتما ۾ سفر. هن ۾ سالڪ پرماتما جي ذات ۾ لئه ٿئي ٿو ۽ هيءَ ”احديت“ جي منزل آهي.

(٣) سيراني الله:- هن ۾ ساڌنا ڪندڙ پرماتما جي گڻن سان سينگار جي ٿو، هيءَ منزل فنا (لئه) کانپوءِ ”بقا“ (استٿي) واري آهي.

صوفي ساڌنا موجب پرماتما معشوق آهي ۽ ساڌنا ڪندڙ عاشق آهي. مگر ڪبير صاحب پارتي سيتا جي نقطه نگاهه کان پاڻکي جتي ڪٿي ”رام کي بهُريا“ يعني رام جي ڪنوار سڏائي ساڻس لنؤ لڳائي آهي.

”ڪيَهُ سينگار مِلن کي لائي،
هَرِ نہ ملي جگ جيِون گوسائين،

هَـرِ ميرو پِـرُ هَمُ هَـرِ ڪي اَـهُرِ نا،
رام اَـڙي مَـنُن کَـنِڪ کَـهُـرِنا."

ارٿ:- اَج ملڻ لاءِ سينگار ڪيا آئم، شل مونکي جڳ جو جيئارڻهار ملي. هري ئي منهنجو پرين آهي، مان اُن جي ڪنوار آهيان. رام وڏو آهي، مان ننڍڙي آهيان.

ڪبير ساکي اَمرت

ايشور

١. مېرا صاحب ايڪَ هَئي، دُوجا ڪَها نہ جاءِ،
صاحب دُوجا جو ڪهُون، صاحب ڪرا رساءِ.

ارٿ:- منهنجو صاحب هڪڙو ئي آهي، ٻئي جو نالو بہ نہ گِنهہ، ٻئي صاحب (ديو ديوتا) جو جي نالو ڳِنهان، تہ سچو صاحب رُسي ويندو.

(اَکيون سيئي ڏار، جن سان پسين پرينءَ کي
ٻئي ڏانهن ڪيم نهار، گهڻو پيارا سپرين.) (شاهہ)

٢. جاکي مُکہ ماٿا نهِين، ناهين روُپ ڪُروپ،
پُهُپ باس تي پاتِرو، اَئِسا کَتّ اَنوُپ.

ارٿ:- جنهن کي نڪي منهن يا مٿو آهي پيلِ هو نراڪار آهي، جو نڪي روپ ۽ آڪار اٿس. جيڪو گلن جي سڳند کان بہ باريڪ آهي. اهڙو ئي مثل آهي منهنجو سائين.

٣. نِرگُڻ کي سيوا ڪرو، سَرِگُڻ ڪو ڪرو ڌِيان،
نرگُڻ سَرگُڻ سي پري، تَهان همارو ڌيان.

ارٿ:- نرگڻ جي تہ سيوا ڪريو ۽ سگڻ جو ڌيو ڌيان.

نرڳڻ ۽ سڳڻ کان ٻه جيڪو ٻـري آهي، اُتي ٿي مهنجو ڌيان آهي.

"سرڳڻ ۾ نرڳڻ ورلو ڪو ڳرمک لکي،
سامي جهمکي ستگروءَ - ڀاڱو ڳيان انجن."

ستگر جي مهما

ڪَبير صاحب جو گروءَ سان مطلب آهي، ست (سچو) گرو. چاڪاڻ ته پاڻ گهٽيءَ پيرا اهڙن گرن کان دُور رهڻ جو اُپديش ڪري چڪو آهي، جي پاکنڊ لڳايو ويٺا آهن. سَتگر کي ڪبير صاحب وڏو مَهتُ ڏنو آهي. فرمايو اٿس ته:-

۴. گُرو گوبِندُ دونون کَڙي، ڪاکي لاگُون پانءِ،
بَلِهاري گُـرَ آپڻي گوونِد دِيا لَکاءِ.

ارٿ:- گُرو ۽ گوونِد، ٻئي مُنهنجي سامهون بيٺا آهن، اوّل مان ڪنهنجي پيرن تي ڪِران. ٻر مان پنهنجي گُروءَ تان ٻلهارُ وڃان جنهن گوونِدَ جو دَرِشَنُ ڪَرايو.

۵. ستگر سنوان ڪو سَگا، سوڌي سَنئين نه داتِ،
هرجي سَنوان ڪوهِنوُ، هَرِجَنَ سَنئين نه جاتِ.

ارٿ:- سَتِگُروءَ سَمان ٻيو ڪيرُ سَڳو سَمبنڌي آهي؟ پرڀوءَ جي ڀولا ڪَرڻ واري، اُن سَتِگروءَ سُمان ڪو ٻِ داتا نه آهي.

چاڪاڻ تہ هو پنھنجو سمورو گذ ڪيل گيان، ۽ اَنيڪ روپي پندار، پنھنجي سک کي اَرپڻ ڪري ٿو. هوڏانهن ڀريو سمان ڪرڻ ڪلياڻڪاري دُنيا ۾ نہ آهي ۽ هرجڻ (پکش) جهڙي ساڌنا ڪندڙ ٻي ڪا ذات نہ آهي.

"اهڙي ڪبير ڪري سامي بنا ستگروءَ،
پگمت جوڳ وبراڳ جا ڏئي پندار پري،
انيڪ جوت اَندر ۾، ستهہ سِڌ ڀري،
پلڪ نہ ٿئي پري، رمتارام اَکين کون."

٦. ستگو سانچا سورِوان، سَبَدَ جُ باهيا ايڪَ،

لاڳت هي ڀُئين مِل گيا، پڙيا ڪليجي ڇيڪ.

ارٿ:- مُنهنجو ستگُرو سچو سورمو آهي؛ هن جو شبدَ روپي باڻُ مونکي واهي ڪڍيو، اُنجي لڳڻ تي ئي مان زمين تي ليٽڻ لڳس يعني سندس چرڻن ۾ ڪري پيس، ۽ مُنهنجي دِل اندرِ ايشور جي دَرشن لاءِ ڇيدُ ٿنجي پيو يعني دَري ٿنجي پيئي.

نوٽ:- شَبدُ معني اُپديش. ڪبير پنٿ ۾ ٽي شَبدَ آهن، (رنڪار، اومڪار، سوهم.) ستنام

٧. ديپڪ دِيا تيل پُرِ، باٽي دَئي اَگهٽِ،

پُورا ڪيا بِساهُٽان، ٻَهُرِ نہ آوُن هَٽِ.

ارٿ:- گروءَ مونکي پريم ۽ ڀڪتيءَ روپي تيل سان ڀري ڏيئو ڏنو، ۽ ڪڏهن بہ نہ کُٽندڙ گيان روپي وَٽ، اُنمِ وجهي ڏنائين. هن سنسار روپي دوڪان ۾ خريد فروخت پوري ڪي ۽ وري مونٽي هن هَٽ تي ڪين ايندس. يعني آواڳون (جنم مرڻ) جي چڪر کان ڇُٽي پيس.

٨. ڪبير گرُ گرُوا مليا، رَلِ گيا آٽي لوُڻ،
جات پات ڪُل سب مِٽي، ڌرِوُ گي نانوَ ڪوُڻ.

ارٿ:- مونکي وَڏيءَ مهِما وارو گرُو مِليو، جنهنجي اَثر هيٺ مان پرڀوءَ ۾ اِئين سَمائجي ويُس، جِئن لوُڻ اَٽي ۾. هاڻِ سائينءَ سان هِڪ ٿي وڃڻ ڪري، مُنهنجي ذات پات ۽ ٺَرِ ياداٺون سَڀ مٽجي ويون. هاڻِ ڀلا مُنهنجو نالو ڪيرُ رکندو؟ نالو اُن جو، جو جُدا هُجي. مان تہ پَنهنجي هستي مِٽائي اُن سان هِڪُ ٿي وِيو آهيان.

٩. ستگرهَمَ سوُن رِيجهَہ ڪر، ايڪ ڪَهيا پرِسَنگہ،
بَرِسيا بادل پريم ڪا، ڀِيجَ گيا سب اَنگہ.

ارٿ:- سَتگرُ مون تي راضي ٿي، اهڙي ڪا رازَ ڀري ڳالهہ ٻڌائي جو پريم روپي بادلُ اچي ٻرِسيو ۽ مُنهنجو هرهڪ اَنگ آنند سان ڀڄي تَرِ ٿيو.

١٠. پُوري سُون پرچا پَيا، سب دُکہ ميليا دُور،
نِرمَل ڪينهي آتما، تاتَئن سدا حضور.

ارٿ:- هر طرح سان ڪامِل مُرشِد (سَتگروءَ) سان جَڏهن مُنهنجي واقِفيَت ٿي، تَڏهن هُنِ مُنهنجا سَڀيئي دُکہ (ٽيئي تاپ) دُورِ ڪَري، مُنهنجي آتما کي نِرمل بڻائي ڇڏيو. جَنهنڪري هاڻِ سَدائين حضور (پرڀوُ) جي سيوا ۾ لڳي رَهي ٿي.

—o—

هٺ يوگ

شريرَ ۽ مَن کي قابو ڪري، سخت ڪوشش سان برهم جو اَنڀوُ ڪرڻ ئي، هٺ يوگ آهي. (هٺ يوگ وارو باب پڙهو.)

۱۱. اُلٽَت پَوَنَ چڪر کَٽِ ڀيدي، سُرت سُنّ اَنُراگي،
آوءِ نہ جاءِ مَرءِ نہ جيوءِ، تاسُ کوجِ بَيراگي.

ارٿ:- هي بيراڳي، پوَن کي اُلٽو ڪري (پراڻايام ڪري) شرير جي اندر ڇهن چڪرن کي (ڪنڊليءَ جي معرفت) ڀيدي، پنهنجي سرت (آتما) ۾ شونيہ (برهم رنڌر) لاءِ پريم پيدا ڪر. برهم نڪي اچي ٿو، نڪي وڃي ٿو، نہ مري ٿو ۽ نڪي ڄمي ٿو. اُنِي اُنهي کوج ڪر.

۱۲. چَوپڙ ماندِي چوُهَٽَہ، اَرڌ اُرڌ بازار،
کهہ ڪبيرا رام جَن، کيلہ سَنت وچار.

ارٿ:- چوراهي يعني ترڪٽيءَ وٽ (جتي برهم رنڌر آهي) چوپڙ وڇايل آهي. مٿي برهم رنڌر ۾ ۽ هيٺ شرير ۾ ڇهن چڪرن روپي بزار لڳي پيئي آهي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو، تہ اي رام جا پيارا، ڏاڍي وچار سان انهيءَ چوپڙ جو کيل کيليو، يعني ترڪٽيءَ ۾ ڌيان لڳائي برهم رنڌر جي معرفت برهمانڊ ۾ گهڙي آنام نالي ستپرش جي ساڌنا ڪريو.

۱۳. گهٽَ مانهن اوگهٽَ لَهِيا، اوگهٽ مانهن گهاٽَ،
کَہ ڪبير پَرچا ڀيا، گُرو دِکائي واٽَ.

رٿ:- مون پنهنجي گهٽ (هردي) ۾ ئي، گروءَ جي

راهه ٻڌائڻ ٿي، جنهنکي ماڻهو اونڌو مارگ (ڪٻيري) چون ٿا اُنهيءَ اَٽانگي رستي ٿان پرڀوءَ سان ملڻ جو مارگ سجهاڻو.

١٤. سُوَر سَماڻان چَنڊ ۾، ڍُهُون ڪِيا گهر ايڪ،

من ڪا چِينتا ٽب پِيا، ڪڇُو پورٻلا ليکه.

ارٿ:- سج جڏهن چنڊ ۾ سمائجي وڃو، ڍهن ئي قسمن جي هوائن، (پوَنن) گڏجي، هڪ هنڌ واسو ڪيو، تڏهن پورب جنم جي اُئر هيٺ، منهجي من جي اچا پورڻ ٿي يعني پرڀوءَ جو درشن ٿيو.

ٽيڪا:- مولاڌار چڪر ۾ سج مان هميشه زهر پيو نڪري، اهو زهر پنگلا ناڙيءَ رستي، نڪ جي ساڄي پاسي وچيتو ۽ مڌش کي پدو ٿو بڻائي. هوڏانهن سهسرار چڪر ۾ جيڪو چنڊ آهي، تنهنمان امرت وهي ٿو، جڏهن سج وڃي چنڊ ۾ سمائجي ٿو، (جنهنکي سج چنڊ جي تاري لڳڻ ٿا ڪوٺين) ۽ ڏهه ئي پراڻ (پراڻ، اَپان، وپان، سمان، اُدان، ناگ، ڪورم، ڪرڪل، ديودت ۽ ڌننجيه) هڪ هنڌ گڏجن ٿا تڏهن ساڌنا ڪندڙ مشاهدو ٿو ماڻي.

سُمِرڻ جو اَنگ

١٥. ڪَٽ ٽِلڪ ٽِهُون لوڪ ۾، رام نام نِج سارَ،

جَنَ ڪبير مَسْتَڪ ڏِيا، سوڀيا آڏِڪ اَپارَ.

ارٿ:- ٽنهي لوڪن ۾، رامُ نامُ روپي ٽِلڪَ ئي ٽڪڻ سارُ آهي. داس ڪبير اهو رامُ نامُ روپي ٽِلڪَ ڳري پنهجي

مستڪ ۾ لڳل آهي، جنهنڪري سندس اُپارُ سونهن وڌي ويئي آهي.

١٦. ميرا من سمرء رام ڪون، ميرا من رام هِ آهِ،

اَب من رامهِ هوءِ رهيا، سيس نواوون ڪاهِ.

ارٿ:- رام جو سمرڻ ڪندي منهنجو من رام ۾ ايترو ته ليِن ٿي ويو آهي جو هاڻ هو خود رام جو روپ بڻجي ويو آهي. هاڻ ڪير ڪنهنکي سر نوائي؟

خاص:- سمرڻ ڪندي ڀڳت خود ايشور جو روپ بڻجو پوي. هتي "شوهم" "اَهم برهما سمي" يا انالحق جو اصول پروار ڪيل آهي.

١٧. ڪبير نرڀئه رام جپ، جب لگ ديوء باتِ،

تيل گهٽيا باتي بُجهي، سوويگا دن رات.

ارٿ:- هي مبکه جيستائين ڏني ۾ وٿ آهي، يعني زندگي روپي ڏيئو وسامو نه آهي، تيستائين ڀيا ڪنهن ڊپ ڊاو جي رام نام جو سمرڻ ڪر. تيل جي گهٽجڻ تي يعني مري وڃڻ بعد ڏينهن رات سمهڻو ئي سمهڻو آهي.

١٨. ڪبير سوتا ڪيا ڪرء، ڪاهي نه ديکئه جاگِ،

جاکا سنگ ٽٽن بڇڙيا، تاهي کي سنگ لاگِ.

ارٿ:- اَگيان جي ننڊ ۾ وڙهجي سمهڻ مان ڇا ورندو، ڇو نه تو ساوڌان ٿي گيان روپي اکين سان، ڀڳوان کي ڏسين، يعني اکيون کولين. جنهن ڀڳوان جو ڪنهن وقت کان ورو هئين، تون اڄ انکان وڇڙي ويو آهين تنهنڪري سڄاڻ ٿي، اُنهي اُنجي پنيان لڳ.

۱۹. ڪبير سُوتا ڪِيا ڪَرَءِ، اُٺ نہ رووَءِ دُکہ،

جاڪا باسا گورِ ۾، سو ڪيُون سووَءِ سُکہ.

اَرٿ:- هي مَنش، اَگيان جي ننڊ ۾ غافل ٿي ڇو سمهي پيو آهين، ڇو ڪين تو اُٿي ڀڳوان جي اڳيان پنهنجو ڏکڙو روئين. جنهنجو مرڻ ڪانهيءِ واسو قبر يا مساڻ ۾ آهي، عجب آهي تہ اهو ڪيئن سُکہ ٿي سمهيو آهي؟

۲۰. ڪوٽِ ڪرم پيلَہ پلڪَ ۾، جي رَنچڪ آوَءِ نانءُ،

اَنيڪ جُگہ جي پُنّ ڪَرَءِ، نهين رام بِنَ ٺانءُ.

اَرٿ:- جيڪڏهن ڪو ٿورو بہ پرڀوءِ جو نالو سمرڻ ڪري ٿو، تہ اُنجي اَنر سان ڪروڙين ڪرم (پاپ) ناس ٿي وڃن ٿا. پر اَنيڪ جُگہ، جي ڪري پڇايون ڪري تہ بہ رام ڪان سواءِ ڪو ڇارو ٿي ڪونهي.

۲۱. جِهِ هَر جَيسا جاڻيان، تِنَ ڪون تَيسا لاڀَ،

اوسُون پياس نہ ڀاجئي، جب لگہ ڌسئہ نہ آپَ.

اَرٿ:- جنهن مَنش، ڀڳوان کي جنهن روپ ۾ سڃاتو آهي، اُنکي اهڙو ئي لاڀَ مليو يعني ڀڳوان اُن ئي روپ ۾ ڪيس درشن ڏئي ٿو. جيستائين پاڻيءِ ۾ نہ گهربو، تيستائين ماڪ جي ڦُڙن ڇنڊڻ سان ڪا اُڃ ڪانہ لهندي، يعني تہ پرڀوءِ جي شرڻ ۾ وڃڻ ڪانسواءِ ٻيا سڀ ساڌن آهن ماڪ ڇنڊڻ مثل، اُنهن مان نڪي ورندو نڪي سرندو. آخر پرڀوءِ جي شرڻ ئي ڪم ايندي.

۲۲. کبیر رام رِجهاءِ لَئُہ، مُکہ اَمرَت گُڻ گاءِ،
ڦُوٽا- نَگہ جوُن جوڙِ مَن، سَنڌي سَنڌِ مِلاءِ.

ارٿ:- هي ساڌڪ، مُک سان اَنَ اَجر اَمر پرڀوءَ جا گُڻ ڳائي کيس پاڻڌي مائل ڪر، رجهاءِ. جهڙيءَ ريت ڀَڳل جواهَر کي سنڌ سنڌ سان مِلائي ڳَنڍِبو آهي، اَهڙيءَ ريت پنهنجي مَن کي رامَ سان مِلاءِ.

بِرهہ

۲۳. راتِيوُن روُني بِرهني، جون بَچون ڪونءِ ڪُونجَ،
ڪبيرَ اَنتَر پِرَجليا، پِــرَگٽيا بِـرَها پُنجَ.

ارٿ:- بِرهڻ (آتما) سڄي رات اِئين روئندي رهي، جيئن ڪُونجَ پنهنجن ٻارَن لاءِ ڦٿڪندي آهي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ جڏهن بِرهڻ جي اندر ۾ بِرهہ جي باھ پڙڪي، تڏهن اُنجو اندر جلڻ لڳو.

(ڪُونجڙيءَ ڪالهہ لنگهين، سڄڻ وڏم ڇنب،
آءٌ جنهين ريءَ هنب، گهگهر گهاريان ڏينهڙا.)

۲۴. اَمبَر ڪُنجا ڪُرَليان، گَرجِ ڀَري سَب ڏال،
جِنَ پَئہ گوبِندُ بِڇُڙيا، تِنڪي ڪَوڻِ حوال.

ارٿ:- آسمان ۾ ڀٽڪندڙ بادل، ڪونج ۽ ڪُرڙي (هڪ پکي) کي روئيندو ۽ ٿڪندو ڏسي، انهن جي ڏک ۾ ڏکي ٿي، ڳجگوڙن سان روئيندي سڀ تلاو ڀري ڇڏيا؛ مگر جيڪي گووندَ کان وِڇڙ جي ويا تن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ يعني انهن سان ڪير همدردي ڪندو؟

٢٥. چڪَوي بِڇڙي رئڻ ڪي، آءِ ملي پرڀاتِ،

جي جنَ وِڇڙي رام سون، تي دن ملي نه راتِ.

ارٿ:- رات جي وڇڙيل چڪئي، صبوح جو اچي پنهنجي چڪئي سان ملي. (قدرتي قاعدو آهي ته چڪئو ۽ چڪئي سڄو ڏينهن گڏ رهندا آهن، مگر رات ٿيندي ئي هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويندا آهن) يعني سندس وڇوڙي جو خاتمو ٿيو. مگر رام سان وڇڙيلن لاءِ نه ڏينهن جو سک ۽ نه رات جو سک، جو ڪري رام سان ملن.

٢٦. "بِرَهنِ اوُٺَتم پيي پڙءِ، دَرِسَن ڪارڻِ رام،

موُان پيڇي ديکهي، سو دَرِسَن ڪِهِ ڪام."

ارٿ:- "هي رامَ، تنهنجي وِڇوڙي ۾ بِرهڻِ (آتما) اڳيو اڳيو وري ڏک جي ڪري ڪريو پوي ۽ تنهنجي دَرشن لاءِ پيٺي ٿَڪي. مرڻ کان پوءِ جي دَرشن ڏِنءِ، تَ اهو ڪهڙي ڪم جو؟

٢٧. يَهَ تَنَ جالوُن مَسِ ڪروُن، جوُن ڌوُان جاءِ سرگّ،

مَتِ وَهِ رام ديا ڪَرءِ، بَرَسِ بُجهاوءَ آگّ.

ارٿ:- خواهش ٿئيم ٿي ته هيءُ تن جلائي ڀسم ڪريان،
جو اُن مان اُٿيل دونهون آڪاس ۾ چاڙهجي وڃي. شڊ ني
آهي تـــه رام مونٽي ڪريا روپي بادل برسائي، بِرهه
روپي باهه وِسائي ڇڏي؛ يعني پنهنجو دَرشن ڏئي.

٢٨. بِرَهَه ڀُوَنگَم تَنَ بَسا، مَنْتَرَ نه لاگئه ڪوءِ،
رام وِيوگي نا جِوءِ، جِوءِ تـــو بؤرا هوءِ.

ارٿ:- برهه روپي نانگ، مُنهنجي شرير ۾ اَچي واسو ڪيو
آهي. آهڙو ڪو مَنتر ني ته آهي جو اُنکي ڪڍي ٻاهر
ڪري. جنهن کي رامَ جو وِڇوڙو پيو آهي، اهو ٻيرين
ته جيئرو نِي نه رَهندو، (يعني جيئري ني مُکت ٿي ويندو)
۽ جي جيئرو رَهيو ته چريو ٿي پوندو. هنجو دل ۽ دِماغُ
سنسار کان ڪٽو ٿي پوندو جنهن ڪري هرڪو پيو کيس
مَستانو سمجهندو.

٢٩. سَبَ رَگه تانتَ رَبابَ تن، بِرَهَه بَجاوءِ نتّ،
اؤرَ نه ڪوئي سُن سَڪئه، ڪئه سائين ڪئه چتّ.

ارٿ:- هي سڀ رڳون تندون منهنجي شرير روپي رباب
جي، برهه جي معرفت ٻڌون وڃن. اُن رباب مان نڪتل
سُرون کي يا ته سائين ٻڌي سگهي ٿو يا وِيوگيءَ جو مَن ٿِي
اُنکي ٻڌي سگهي ٿو.

"رڳون ٿيون رباب، وڃن وِيل سِيڪهين،
لچڙو ڪُڇڙو نه ٿيو، جانِ ري جواب،

سوئي سند ۾ ٻڌ سهڻ، ڪيس جدهن ڪباب،
سوئي عين عذاب، سوئي راحت روح جي".

۳۰. اکڙين پريم ڪسائيان، لوڪ جاڻي ڏکڙيان،
سائين آپڻي ڪارڻي، روءِ روءِ رتڙيان.

ارٿ:- جهڙيءَ ريت سون باھ ۾ تپائي ڪندن ڪيو ويندو آهي، (ڪسوٽيءَ تي ڪسيو ويندو آهي) اهڙيءَ طرح پريم جي باھ ۾ منهنجون اکيون ڪسيون وييون آهن. سائين، تنهنجي پرهه ۾ روئي روئي اهي لال ٿي وييون آهن، ماڻهن ليکي ته ڏکڻ لڳيون.

۳۱. ڪبير هسٽان دور ڪر، ڪر رووڻ سون چت،
بن رووڻ ڪيون پائي، پريم پيارا مت.

ارٿ:- هي پريمي، کلڻ ڇڏي ڏي، بعدِ سنساري سکن جو تياڳ ڪر ۽ پنهنجي من کي پريو ءَ جو وڇوڙو محسوس ڪرائيندي، روئڻ ۾ لڳو رهه. بنا روئڻ جي تون پنهنجو پيارو پريتم ڪيئن پائي سگهندين؟

۳۲. هانسي کيلئون هر ملئي، تئه ڪوڻ سهئه ڪرسان،
ڪام ڪرود ترشٽان تجئه، تاهه ملئه ڀڳوان.

ارٿ:- جيڪڏهن کلندي کلندي، موج مزا اڏائيندي ڀڳوان ملي ته، ڪير سراڻ تي چڙهي لڪي تيڙ جا ڏک نه کڻي ها. (تراڙ، ڪاتي وغيره سراڻ تي چڙهڻ بعد تي تکي ٿيندي آهي) ڪام، ڪروڌ ۽ سنسار جي ترشنائن کي تياڳ ڪندڙ کي ئي ڀڳوان تو ملي.

٣٣. كبير ديکت دِنَ گيا، نِسِ پِي ديکت جاءِ،

برهڻ پو پاوءِ نهين، جِيرا تَلپِئه ماءِ.

ارٿ:- برهڻ ڀينهنجي گروءِ کي پڪاري چوي ٿي تہ، ڏسندي ڏسندي ڏينهن بہ گذري ويو ۽ رات بہ گذري ويئي مگر مونکي پريتم کين مليو، هردو پيو اَنَ لاءِ تڙقي.

٣٤. هؤُن بِرهہ کي لَکَڙي، سَمَجِهہ سَمَجِهہ ڌُونذائُون،

چوٽ پَڙؤُن يا بِرهہ تي، جي ساري هِي جَلِ جائُون.

ارٿ:- مون برهڻ جو حالُ اُنهيءَ ڪاٺيءَ مثل آهي جا آهستي آهستي پيئي ٻري. يا تہ پڙکو ڪاٺي هڪدم جلي ٻران، يا تہ پريتم جو دَرشن ملي، جنهنڪري هيءَ برهہ جي باهہ تہ ختم ٿي وَڃي.

٣٥. پَربَت پَربَت مَئن ڦِريا، نَئن گنوايو روءِ،

سو بُوٽي پائُون نهين، جا تَئن جِيوَن هوءِ.

ارٿ:- مان هَرهڪ پربت، يعني هرڪو ڏَرَ ڏُري ٿڪِس، روئندي روئندي اَکيون وڃائي ڇڏيم، مگر اهڙي ٻوٽي ڪانہ مليم، جنهن سان پريءَ جو دَرشن ڪري نئون جيون ماڻي سگهان.

٣٦. ڦاڙ پُٽولا ڌَج ڪَرئُون، ڪامَلَڙي پِهرائُن،

جِهِہ جِهِہ ڀيشان هَرِ مِلَئہ، سوءِ سوءِ ڀيش ڪرائُن.

ارٿ:- ڪپڙا ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيان، اَنَ جي رهہ بہ لوئي اوڍيان. مطلب تہ جنهن جنهن ويس بہ مونکي

ڀڳوان ملي، مان اهو وهس ڀهرڻ لاءِ تيار آهيان.

(اڄُ ملند يس ماءِ، ڏاڍا ڪند يس ڪوڙا،
جيڇان جوڳياڻي ٿيان، مونکي جهل م ڀاءِ،
هوت ڀروچي لاءِ، ڪنين ڪُپر پاٽيان.)

٣٧. سُکِيا سَبَ سنسار هَئه، کايي اَرُ سوؤءِ،
دُکِيا داس ڪبير هَئه، جاگئه اَرُ روؤءِ.

ارٿ:- سڄو سنسار سُکي آهي جو کائو پيئو سمهيو پوي، (پوءِ اها ننڊ اگيان جي ڇو نه هجي) مگر هڪڙو داس ڪبير ئي ڏکي آهي، جو وڇوڙي ۾ پيو جاڳي ۽ روئي.

پرچو (سچاٽپ)

پرچي مان اهو مطلب سمجهڻ گهرجي ته آتما برهم جي ميلاپ ۾ اچي، انهي سروپ جي واقفيت حاصل ڪري ٿي ۽ خاص قسم جو انڀو کيس ملي ٿو. جنهنجو هو پوريءَ ريت بيان نٿي ڪري سگهي. لڌهن هوندي به ڪجهه نه ڪجهه ڪوشش ڪري ٿي. اهي رهسيه (راز) پريا انڀو شخصي ليکي ٿا، جنهنڪري روحن جي معرفت انهنکي ظاهر ڪيو ويندو آهي.

٣٨. ڪؤنڪ ديِنا ديهه بنَ، رَوِسَسِ بنا اُجاس،
صاحب سيوا مانهن هَئه، بيپرواهي اس.

ارٿ :- ٻنا ديھ يا آڪار جي مون ھڪ عجب ڏٺو. (چاڪاڻ تہ برھم نراڪار آھي تنھنڪري ھيءُ عجب بہ نراڪار ئي ڏٺم). ٻنا سورج ۽ چنڊ جي، پرڪاش جو درشن ڪيم. اِھو سڀ ستگر صاحب جي سيوا جو نتيجو آھي، جو مان بہ اونو ئي گذاريان ٿو.

٣٩. ڪبير تيجَ اَننتَ ڪا، مانو اُگي سورج سيڻ،

پَتِ سَنگہِ جاگي سُندَري، ڪؤتڪ ديِٺا نيڻ.

ارٿ :- پريوءَ جو تيج اھڙو تہ جلويدار آھي، ڄڻ بي شمار سج جي ڪا قطار اُڀري ھجي. سندريءَ (آتما) پنھنجي پتيءَ (پريوءَ) سان گڏ جاڳي، (يعني چيتن ٿيڻي) ھن عجائب عجب جو ديدار ڪيو.

٤٠. حدي ڇانڊِ بيعد گيا، ھُوا نِرنتَر واس،

ڪَنوَل جُ ڦُوليا ڦول بنَ، ڪو نِرکئہ نِج داس.

ارٿ :- حد ڇڏي، جڏھن مان لاحد ۾ داخل ٿيس يعني نراڪار ۾ سدائين لاءِ واسو ڪيم، تڏھن اُتي ڏٺم تہ ٻنا گل جي ڪمل کڙيو بيٺو آھي. اُنھيءَ ديش جو واسي اھو ئي ٿي سگھيٿو جو ھڪڙيڻي اَلک جي آراڌنا ڪريٿو. (اِشارو دسوين دُوارِ ڏانھن).

٤١. سايَرَ ناھِن سيپَ بِن، سُنوات بوُندَ پِي ناھن،

ڪبير موتِي نِيپَجَئن، سُنّ سِکَرَ گَڍ ماھن.

ارٿ :- جتي سمنڊ، سپ ۽ سنواتيءَ جي بوند (مينھن جي سنڊ ۾ جڏھن سنواتي نڪشتر اڀرندو آھي، تڏھن اُنھي

ڏارا سڌي ايندي آهي جنهنڪري سِپ ۾ موتي ۽ ڪيلي ۾ ڪافور پيدا ٿيندو آهي ۽ چاتڪ پکيءَ جي پياس ٻجهندي آهي) ته نه آهي. يعني جتي موتي پيدا ٿيڻ جا ٿيئي ڪارڻ نه هوندي به، سُن (شونيه) جي سروور ۾ موتي ٿو پيدا ٿئي. يعني پرڀوءَ سان مڪاميلو ٿو ٿئي.

۴۲. چؤهٽئه چنتامڻِ چَڙهي، هاڏي مارَت هاٿِ،

مِيران مُجهسون مِهر ڪر، اِب ملئون نه ڪاهو ساٿِ.

ارٿ :- ترڪُٽي روپي چوراهي تي، چوپڙ راند ۾ ڏارو اڇليندي چنتامڻي (ايشور) هٿ چڙهي ويئي. هي مير، (مالڪ) مون تي ڪرپا ڪر جو هن ڪانهوءَ سواءِ تنهنجي ٻئي ڪنهن سان نه ملان.

۴۳. پنکهِ اُڏاڻِي گگن ڪون، پنڊ رهيا پرديس،

پاڻِي پيا چنچ بنَ، ڀُول گيا يهه ديس.

ارٿ :- پکيءَ روپي آتما، برهمانڊ ڏانهن اُڏاڻي، سندس سرير هن لوڪ ۾ ئي پيو رهيو. اُتي پهچي هن بنا چهنب جي پاڻي پيتو، يعني نراڪار روپ ۾ پرڀوءَ سان ملڻ جي اُڃ لاٿائين. اُڃ لٿي ڪانهوءَ ايڏي ته شانتي اچي ويس جو هيءُ ديس ئي وسري ويس.

۴۴ سُرتِ سمائي نرتِ مَهن، نرتِ رهي نرڌار،

سرت نرت پرِچا ڀيا، تب کُلي سِينڀ دُوار.

ارٿ :- جڏهن سرت وڃي نرت (پرڀو پريم) ۾ سمائي، تڏهن پرڀوءَ جي روپ جو پرچو ملي ويو. جڏهن سرت ۽ نرت جي هڪ ٻئي سان ڄاڻ سڃاڻ ٿي ويئي، تڏهن ڀڳوان سان ملڻ جو رستو خود به خود کلي پيو.

٤٥. سُرت سَمائي نرت ۾، اَجپا مانهِن جاپ،
ليکہ سمائا اَليکہ ۾، يُون آپا مانهئہ آپ.

ارٿ:- جڏهن سرت نرت ۾ لين ٿي وڃي، ظاهري جپ بدلجي اجپا جپ بڻجي پيو يعني اَن ٿي ٻهر اَندر ۾ اَلک جي آواز نا شروع ٿي وڃي. اهڙيءَ ريت ساڪار، نراڪار ۾ سمائجي ويو ۽ سمائجي وڃي آتما پنهنجو پاڻ ۾ (پرڀوءَ ۾).

٤٦. ڌرتي گگن پَوَن نهين هوتا، نَهِين توئيا نَهِين تارا،
تب هَرِ، هرڪي جَنَ هوتي، ڪَهئہ ڪبير وچارا.

ارٿ:- ڪبير ويچار ڪري چوي ٿو تہ جڏهن پنج تتو يعني ڌرتي، آڪاش، وايو، جل ۽ تيج هوائي ڪين يعني هيءَ سرشٽي ظهور ۾ ئي نہ آئي هئي، تڏهن هوا فقط ڀڳوان ۽ سندس داس (ڀڳت). انهيءَ مان اهو تاتپرج ڪڍڻ گهرجي تہ جيوُ مايا ۾ منجهي اهو نٿو سمجهي تہ هو ڪان ٻئي اهو سائين آهي، جو هن ساري سرشٽيءَ جو ڪرتا آهي.

تڪا "ڪُن فيڪون" هُئي، تڪا هونگ نہ هون،
سڄڻ تنهن ساعت ۾ ڀيٽي ڏنوسون،
مون تن تڏهانڪون، ملي ملاقات ڪي.

٤٧ جَبَ مئن ٿا، تَبَ هَرِ نهين، اَب هرهَئن مئن ناهن،
سب اَنڌيارا مِٽَ گَيا، جب دِيپَڪَ ديکيا مانهن.

ارٿ:- جيستائين مان هوس يعني مونکي اهنڪار هو ۽ پاڻکي الڳ هستي سمجهو ويٺو هوس، تيستائين مون وٽ پرڀو ڪين هو يعني اُنکي ڪين ڄاتم، پر جڏهن کان پرڀوءَ کي ڄاتم، تڏهن کان پنهنجي الڳ هستي ڪوهي ويٺس،

آڀو وڃائي ڇڏيو. جڏهن گيان روپي ڏيئو ڪٽيءَ اندر جهائي پاتم ته سمورو اگيان - اندڪار ناس ٿي ويو.

٤٨. جا ڪارڻ ممَّن ڍونڍتا، سنمکَ مليا آءِ،
ڌن مَئلي پِوَ اوُجَلا، لاڳِ نه سَڪئون پاءِ.

ارٿ:- جنهن جي ڳولا ٿي ڪيم، سو اوچتو ئي اچي مونهجي اڳيان بيٺو، پر پاپن ڪري ميري آتما روپي استري نرمل پريتم جي چرڻن کي ڪهڙيءَ ريت ٿي ڇوهي سگهي؟

٤٩. مانسرووَر سُڀَر جل، هنَسا ڪيل ڪراهنِ،
مُڪتا هَلَ مُڪتا چُگئن، اَبَ اُڙ اَنتَ نه جاهنِ.

ارٿ:- هردي روپي مانسرووَر، ڀڳتي روپي جل سان ڪناتار ڀريو پيو آهي، جتي آتما روپي هنس پيا رانديون ڪن ۽ مڪتيءَ روپي موتي پيا چڳن. ڀلا اهڙو آنند ڇڏي هاڻ هو ٻئي هنڌ ڇو وڃن.

٥٠. گگن گرَجِه اَمرت چوَءِ، ڪَدَلي ڪَنول پرڪاس،
تَهان ڪبيرا بَندگي، ڪَئه ڪوئي نِج داس.

ارٿ:- گگن (سهسرار چڪر) ۾ گجگوڙ (انهد ناد) پيئي پوي ۽ منجهانس اَمرت پيو جهري، جنهنجي نتيجي طور ڪيلي ۾ ڪمل ڪڙيو پوي. شبد جي ڏوريءَ ئي سهسر ڪمل ٽڙي ٿو. اُتي يا ته ڪبير وڃي سر جهڪايو آهي يا سائينءَ جي ڪنهن خاص ٻانهي جي ئي پهچ آهي.

٥١. ديوَل مانهئه ديهُري، تِـلَ جيهَئه بِستار،
مانهَئنِ پاتِي مانهن جل، مانهئن پوُجڻهار.

ارٿ:- برھمانڊ روپي جيڪو مندر آھي، اُنجي چاننڻ (برھم رندر) جو ويستار ھڪ تر جي برابر آھي. پوڄاريءَ جي اندر داخل ٿيڻ ٿي ٿي، ڪيس اندر ٿي پوڄڻھار، (ڀڳوان) پوڄا جا سادن گل، پاڻي ۽ ٻن سڀ حاصل ٿين ٿا.

٥٢. ڪبير ڪنول پرڪاسيا، اوُگيا نرمل سوُر،

نسِ انڌياري مِٽ گئي، واڳي انھد توُر.

ارٿ:- اوجل گيان روپي سورج جي اُڀرندي ٿي، سھسر دل ڪمل ٽڙي پيو. اگيان ۽ نراشا جي اونداھي، رات غائب ٿي ويئي، ۽ انھد ناد روپي توُري وڄڻ لڳي.

٥٣. آڪاسي مُکِ اوُنڌا ڪوُوان، پاتالي پنھار،

تاڪا پاڻي ڪو ھنسا پيوءِ، برلا آدِ بچار.

ارٿ:- آڪاش يعني برھمانڊ ۾، جنھنجو منھن ھيٺ آھي، اھڙو کوھ (برھم رندر) آھي ۽ پاڻي ڀرينديڙ آتما ھيٺ زمين تي ويٺي آھي. ان کوھ جو پاڻي تہ ڪو شڌ ٻڌيءَ وارو ھنس ئي پي سگھندو، جنھن پنھنجي آدمول جو ويچار ڪري ڇڏيو آھي. (يوگ ڏانھن اشارو)

٥٤. سوَسَڪتي دِس ڪوُڻ جُہ جووءِ، پَڇِم دسا اُٿئہ ڌوُر،

جل مئن سنگھہ جُہ گھر ڪرءِ، مڇلي چڙءِ کجوُر.

سڪتي - شڪتي - پڇم دسا - پٺيان - جل - ڀڳتيءَ روپي ندياڻي - سنگھہ - ڪنور سڀاو وارو من - مڇلي - آتما - کجور- انھد شبد جي ڏور.

ارٿ:- اھڙو ڪير آھي جو شو جي شڪتيءَ ڏانھن نھاري سگھي؟ جيڪو ڏسڻ جي ھمت ڪندو اُنجي پٺيان ڌوڙ

اڏامندي، يعني اُنجا هن سنسار سان سڀ ناتا ٽُٽي ويندا. ڀڳتيءَ روپي پاڻيءَ ۾ جي من لين ٿي ويو، ته مڇلي يعني آتما ڪڇُور لي چڙهندي؛ يعني انهد جهنڪار جي سهاري برهم ۾ لين ٿيندي.

رس جو انگ

٥٥. سَبَهِ رَسائڻُ مَئن ڪِيا، هَر سا اؤر نه ڪوءِ،

تِلَ اِڪ گهَٽَ ۾ سَنچرءِ، تَئه سب تَنَ ڪنچنَ هوءِ.

ارٿ:- مون سڀيئي رَسائڻ يا نَشا آزمائي ڏٺا يعني سڀني ديوتائن جي پوڄا ڪَري ڏٺي، پَر پريوءَ جي پريم جهڙو ٻيو ڪوبه رَسائڻ ڪين ڏٺم. هي پريوءَ روپي پريم جو مُد (نشو) گهٽ اندر ٿي سمائجي وَڃي ته هوند سارو شَرير ڪَنچن يا سونَ جهڙو ٿيجي پوي.

٥٦. ڪَبير پياني ڪَلال ڪِي، بَهُتَڪ بَئٺي آءِ،

سِر سؤنپي سوئي پيوءِ، نَهين تو پِيا نه جاءِ.

ارٿ:- ڪَلال (گُرو) جي ڀٽيءَ تي پريم روپي شراب پيئڻ لاءِ گهڻيئي اچي گڏ ٿيا آهن، پر هيءُ شراب ته اهو پي سگهندو جو سِر سونهي ڏيندو، ٻيءَ حالت ۾ ڪوبه پي نه سگهندو.

٥٧. جِهہ سَر گهڙا نہ ڏُوبَتا، اَب مَنگَل مِل نهاءِ،
ديوَل بُوڏا کلس سوُن، پنکھِہ ٽسائي جاءِ.

ارٿ:- شروعات ۾ ايشور-پريم جي ندي‌ءَ جو وَهڪرو اهڙو تہ ننڍو هو، جو (هِردي روپي) گهڙو بہ مُنجهس نٿي ٻڏو. پر اهو ڏيري ڏيري اهڙو تہ تيز ٿيو جو پريم تي وِيو آهي جو هاٿي (مست ساڌنا ڪندڙ) اُنہ خوبَ ٽٻيون پيو ڏئي. هِن جو وَهڪرو ايترو تہ وَڏو ويو آهي جو مَندِر مٿين ڪلش سوڌو ٻڏي ويو آهي، تہ بہ پکي پياسي جو پياسو. هِن آتما روپي پکي‌ءَ جي اَڃ ايتري تہ وڏي وئي آهي جو ڪيترو بہ پاڻي پئي تہ بہ اُڃايل جو اُڃايل.
(جي سمبڌ مُنهن ڪريان تہ سُرکيائي نہ ٿئي)

—o—

پتورتا جو انگ

٥٨. ميرا مُجهہ ۾ ڪُڇہ نهِين، جو ڪُڇہ هَئہ سو تيرا،
تيرا تُجهکو سؤنپتا، کيا لاگئہ هَئہ ميرا.

ارٿ:- مونوَت، مُنهنجي چوائڻ لائق ڪابہ شيءِ ڪانهي، جيڪي بہ آهي سو سڀ تنهنجو آهي. انهي‌ءَ ڪري تنهنجو ڏنل وري توکي موٽائي ڏيڻ ۾ مُنهنجو ڇا ٿو وڃي.

٥٩. ڪبير پريتڙي تَئہ تُجهہ سوُن، بهہ گُٽيالي ڪنت،
جي هنس بولوُن اؤر سون، تؤ نيل رنگاؤن دَنت.

ارٿ:- پتورتا استري چوي ٿي تہ هي گُڻوان سوامي، منهنجو پريم تہ فقط توسان ئي آهي، انهي‌ءَ ڪري جي لوکي

ڇڏي، مان ڪنهن ڀِٽي سان ڪِلي ڳالهايان ته ڏند نير سان رڱايان. (ڪلنڪ لڳيم)

۶۰. ڪبير سيپ سمنڊ کي، رٽئه پياس پياس،
سمُنڊ ه تِنڪا برِ ڳڻئه، سنواتِ بوُند کي آس.

ارٿ:- سمنڊ جي سپ، سنواتي بوند جي اميد ۾ پياس پياس جي رٽ ڪري لڳائي آهي، ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ کي ڪکَ مثل ليکي ٿي سمجهي.

۶۱. دوزخ تو هم آنگيا، يه ڊر ناهين مُجهه،
بِهشت نه ميري چاهيئي، باجهه پياري تُجهه.

ارٿ:- دوزخ ته مون انگيڪار ڪيو، انجو مونکي ڊرو ۽ ڊپ ڪونهي. بهشت (سرڳ) ته هي پيارا، سواءِ تنهنجي، مونکي گهُرجيئي ڪين.

۶۲. آسا ايڪ جُ رام کي، دوُجي آس نراس،
پاڻي مانهئه گهر ڪرءِ، تو ڀِي مرئن پياس.

ارٿ:- آشا ته فقط هڪڙي رام جي ڪرڻ ٿي واجب آهي؛ ٻيون آشائون ته نراشا جي برابر آهن. پاڻيءَ ۾ گهر ڪندي به ڇوري ته مان اڃايل آهيان.

(پاڻيءَ مٿي جهوپڙا مورک اڃ مرن،
ساهان اوڏو سُپرين لوچي لٽان نه لهن،
دم نه سڃاڻن دانهون ڪن مُنَن جان).

۶۳. ڪبير سُکه ڪو جاءِ ٿا، آگئه آيا دُکه،
جاهِ سکه گهر آپڻئن، هم جاڻئن اَرُ دُکه.

ارٿ:- مان سنسار جي سکن پٺيان پئي ڊوڙيس، ته مونکي پريوءَ جي وڇوڙي جو ڏک مليو ويو. تڏهن مون سک کي سڏي چيو ته، اي سک، هاڻ تون پنهنجي گهر وڃ؛ مان ڄاڻان يا هي ڏک ڄاڻي.

(ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري).

٦٤. نئنا انتر آو تون، جون هؤن نئن جهنپيئن،
نا هؤن ديکئون اؤر کو، نا تجهه ديکن ديئن.

ارٿ:- هي منهنجا پريتم، تون منهنجن اکين ۾ ٿي ويهه ته مان اکيون بند ڪري ڇڏيان. جنهنڪري توکانسواءِ نه مان ٻئي کي ڏسندس ۽ نڪي توکي ٿي ڪنهنجي نگاهه وجهڻ ڏيندس.

(اکين ۾ ٿي ويهه، آءٌ واري ڍڪيانءِ،
توکي نه ڏسي ڏيهه، آءٌ نه ڏسان ٻين کي).

٦٥. ڪبير ريکه سندور کي، ڪاجل ديا نه جاءِ،
نئنون رمئيا رم رهيا، دوجا ڪهان سماءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته جڏهن مون سهاڳ جو سندور (تلڪ) لڳايو آهي، تڏهن هيءُ ڪارو ڪاجل لڳائي، پاڻکي ڪلنڪ ڪين لڳائيندس. منهنجن اکين ۾ ته منهنجو پريتم رمي رهيو آهي، ٻيلا ٻيو ڪٿان سمائبو.

٦٦. جي من لاگئه ايڪ سون، تؤ نرباليا جاءِ،
تورا ڊئ مکه باجٽان، نياءُ تماچي کاءِ.

ارٿ:- جيڪڏهن هڪ مالڪ سان من لڳائجي ته من هوند

نرمل ٿي پوي، پر جي مَن ڀڳوان ۽ مايا ٻنهي سان لڳائيو ته ٻن طرفن کان وِچڙ ٿو پوي ۽ وانگُر مار کائي (جا ڌڻن سان ٿوڪي ويندي آهي.)

٦٧. من پرِتيت نه پريم رس، نا اِس تن مِ ڍنگ،
کيا جاڻئن اُس پيوَ سُون، ڪئسي رَهسي رنگ.

ارٿ:- نکي مَن ۾ وِشواس آهي ۽ نکي پريماننِد جو خُمار ٿي آهي، نکي ڪي هن شرير ۾ ڍنگ يا ڍؤل ۽ طاقت ٿي آهي. ڊِجان پيئي ته اُن پريتم سان ڪهڙي ريت راز سندي راند رَهي سگهندي يس.

من جو آنگ

٦٨. من کي مَتي نه چالِئي، ڇاڙ جيوَ کي باڻِ،
تاکوُ کيري سوُت جُون، اُلٽ اَپوُنا آڻِ.

ارٿ:- مَن جي خواهشن موجب هلت نه ڪريو، جيؤ جي عادت ڇڏي ڏيو (جيوَ جي عادت آهي مايا ۽ وِشين پُنيان ڊوڪڻ) ڪي لي ڪتيل ڪچي سُت وانگر موٽائي مَن کي برهم روپي ڏيري (ڪکڙيءَ) ۾ ويڙهيو.

٦٩. آسا کا اِنڌڻ کرُون، مَنسا کرُون وِڀوتِ،
جوگي ڦيري ڦل کرُون، يُون بنَنا وَ سوُتِ.

ارٿ :- آشائُن ۽ خواهِشُنِ کي ٻـَرندڙ ڪائِيَن وانگُر ڄلائي ڇڏِيان ۽ مَن کي ميٽي پَوُرڇ ڪري ڇڏِيان. جوڳِيءَ وانگُرُ چؤڏاري رُلَڻ ٻَنِدَ (مَن جي ڀَرم) ۾ خَتم ڪَري ڇڏِيان، تڏهن وَڃي هيءُ سَت ڪَٿي ۽ اُٿي سَگهِبو، يعنيٰ بِرهم کي حاصل ڪري سگهبو.

٧٠. اِس مَنَ ڪؤن بِسمِل ڪَرُئُون، دِيئا ڪَرُئون اَديِٺَ،
جي سِرَ راکَئُون آپِٽان، تؤ پَرَ سِرِج اَنَگيِٺَ.

ارٿ :- هِنَ مَن کي ماري بِسمِل ڪريان، ڏِنو اَڻ ڏِٺو ڪريان، يعنيٰ سَدسار ڪان مَن کي هَٽائي، نِراڪار جو دَرشن ڪريان. جيڪڏهن مان پَنهِنجو سِرُ بَچائيندَس يعنيٰ هِن مارگ تي هَلڻ لاءِ سِر جي ٻَلِ نَه چاڙهيندس تَه هِنَ سِرَ مَٿان اَڱر وَسايا ويندا. (يَعنيٰ دوزخ جي باهِه ۾ جلايو ويندس).

٧١. هِردا ڀيِتَر آرسي، مُکَ ديکِئا نَه جاءِ،
مُکَ تؤ تَئِپَر ديکِئي، جي مَن کي دُبِڌا جاءِ.

ارٿ :- هِردي اَندر آرسيءَ هوندي ٻِ، پَنهِنجو مُنهُن نَٿو ڏِسي سَگهجي؛ (آتمَ تتو کي نَٿو سُڃاڻي سَگهجي). مُنهن تَه تڏهن ڏِسي سَگهبو، جڏهن مَن جي دُبِڌا (ڇتي ڪَٿي پِنڪَا) ويندي. لُڏندڙ آرسيءَ ۾ مُنهن ڏِسي ڪِين سَگهبو. (آندرِ آئينو ڪري پَرِيَن سو پَسيج).

٧٢. پاڻِي هي تَئِن پاتَلا، ڏونوان هي لَي جهيِڻَ،
پَوَنا بيِگَم اُتاوَلا، سو دوست ڪبيرَءِ ڪينهَ.

ارٿ:- مَن، جو پاڻيءَ کان بہ پتلو آهي، دونهين کان بہ باريڪ آهي، هوا کان بہ تيز رفتار وارو آهي، اهڙي مَن کي اڄ مون دوست ڪيو آهي.

۰۷۳ مَن نہ ماريا مَن ڪَر، سَڪي نہ پنجَ پرهارِ،
سيل ساچ سَرڌا نهين، اِندري اَجهو اُگهارِ.

ارٿ:- هي مڙس، تو مَن لڳائي مَن کي نہ ماريو. انهيءَ ڪري تون پنجن (ڪامُ، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار) کي وَس ڪَري ڪين سگهئين. تنهنجون اِندريون اڃا تائين اُگهڙيل (مَن) جي وَس آهن ۽ تو ۾ سيل، سچ ۽ شرڌا جي گهڻتائي آهي.

۰۷۴ ڪوٽِ ڪَرَمَ پل ۾ ڪَرَءِ، يہ مَن وِشيا سوادِ،
ست گُرَ سَبَدَ نہ مانهين، جنم گنوايا بادِ.

ارٿ:- وشيہ واسنائن جي سَواد جي وَس ٿِي هيءُ مَن هِڪ پل جي اندر ڪروڙين ڪَرمَ ڪري ٿو. فقط هڪ ڪم نٿو ڪري جو سَتگروءَ جو اپديش نٿو مڃي ۽ جنهن ڪري پنهنجو مَنک جَنم اجايو وڃائي ڇڏيو اٿس.

۰۷۵ مَمَنتا مَن مار ري، نانهان ڪر ڪر پيسِ،
تب سُکہ پاوءِ سُندري، برهم جهلڪئہ سيسِ.

ارٿ:- مَن روپي مَستُ هاٿيءَ کي پيهي سنهو ڪري، ماري مُڇ ڪر، تڏهن ٿي آتما روپي سُندري آنند ماڻي سگهندي ۽ برهم جو درشن ڪري سگهندي.

٧٧. ڀڳتِ دوارا سنڪڙا، رائي دسوين ڀاءِ،
من تو مَئنگل هُوءِ رهيو، ڪيوُن ڪر سَڪَئہ سماءِ.

ارٿ:- ڀڳتيءَ جو دروازو رائيءَ (اهر) جي ڏهين حصي جيترو سوڙهو آهي، هوڏانهن مَن تہ مَستُ هاٿيءَ جهڙو ٿي پيو آهي، سو ڀلا ڪِهڙيءَ ريت اَنَ دَروازي مان لَنگهي سگهندو؟

٧٨. ڪَرِتا ٿا تو ڪِيوُن رهيا، اَب ڪَرِ ڪيوُن پڇتاءِ،
بوءِ پيڙَ ٻٻُول ڪا، آنب ڪهان تي کاءِ.

ارٿ:- ڀاڳڪي تون ڪرتا (ڪندڙ) ڇو سمجهي ويٺين؟ هرهڪ ڪم جو ڪرتا تہ پرماتما آهي. پر هاڻي ڪرم ڪري لڳو آهين پڇتائڻ. ڀلا ٻبر پوکي ڪو انب بہ کائي سگهندو؟

٧٩. ڪايا ديوَلِ من ڌَجا، وِشَئہ لهر ڦهِراءِ،
من چاليا ديوَل چَلَئہ، تاڪا سَروَس جاءِ.

ارٿ:- شرير روپي مندر جي مٿان، من روپي جهنڊو پيو جهلي، جو وشين روپي هوا لڳڻ ڪري چوطرف پيو ڦڙ ڦڙ ڪري. من سان گڏ جنهنجو شرير بہ وچلت ٿئي ٿو، انهيءَ جو سروَنس ناس ٿيو وڃي.

سُوکم مارگ جو اَنگ

۸۱. ڪبير مارگ ڪٺن هئه، ڪوئي نہ سڪئه جاءِ،
گئي ني بهُڙي نهين، ڪُشل ڪهئه ڪو آءِ.

اَرٿ:- ڪبير صاحب، فرمائي ٿو تہ ڀڳوان سان ملڻ جو رستو ڏاڍو اَڻانگو آهي، جو اُني ڪنهنجو بہ پهچڻ محالُ آهي. جيڪي اُتي وڃي پهتا سي وري موٽيا ڪين. پوءِ ڀلا چڱڀلائيءَ جي ڳالهہ ڪير اچي ٻڌائي؟

۸۲ سب ڪون بوجهت مئن ڦرئون، رهڻ ڪهئہ نهين ڪوءِ،
پريت نہ جوڙي رام سون، رهڻ ڪهان ٿي هوءِ.

اَرٿ:- مان سڀني کان پڇائون ڪندو پيو وتان، پر نت يا بقا جي جيون جي ڳالهہ ڪو بہ ڪونہ ٿو ڪري. جنهن رام سان پريمُ نہ ڪيو، اهو ڀلا ڪٿان رهي سگهندو؟ يعني اَمر جيون حاصل ڪري ڪين سگهندو.

۸۳. ڪبير مارگ اَگم هئه، سب مُن جن بئٺي ٿاڪ،
تهان ڪبيرا چل گيا، گهِ سٽگر کي ساکہ.

اَرٿ:- ڀڳوان وٽ وڃڻ جو رستو ڏاڍو ڏکيو آهي، جنهن رستي تي هلڻ کان رشي منی بہ لاچارُ ٿي ٿڪجي پيا؛ پر ڪبير داس اُني پنهنجي سٽگرُ جي ساک جي اوٽ وٺي وڃي پهتو.

مايا جو اَنگ

٨٥. جَگ هَٿواڙا سُوادَ نَگ، مايا ٻيسان لاءِ.

رام چَرنُ نِيڪا گهي، جنِ جاءِ جَنَم ٺَگاءِ.

ارٿ:- هن سنسار روپي هَٽ ۾، سوادُ (وِشيہ واسنائُن روپي) نَگ آهي ۽ مايا روپي وَڻِڄا آهي. اهو نَگ ۽ وَڻِڄا گڏجي هِن دوڪان ۾ ايندڙن کي روز ٺڳيندا رهن ٿا. جيڪڏهن اُوهين رامَ جي چرڻن جي شرڻ وٺندا، تہ جيونَ-ڏنُ ٺڳجي نہ سگهبو، يعني مانِڪا ڏيهي اَجائي نہ ويندي.

٨٦. ڪبير مايا پاپڻي، هَرِ سوُن ڪَرءِ حرامَ،

مُکِ ڪَڙِيالي ڪُمَتِ کي، ڪهڻَ نہ ديئي رامَ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ، هيءَ مايا ايڏي تہ پاپڻ آهي جو ٻريوءَ سان بہ نمڪ حرامي ڪري ٿي. هن اسان جي زبانن لي ڪُمت روپي لوهہ جو ڪڙو ڪري چاڙهيو آهي، جو رامَ جو نالو جپڻ ئي نٿي ڏِئي. يعني مايا اسان ۾ اهڙي تہ ڪوڙي مت ئي پيدا ڪري، جو اسين رامَ جي نالي جپڻ کان محروم رهجو وڃون.

٨٧. ڪبير مايا موهني، مانگي مِلِہ نہ هاٿِ،

مَنَ هِہ اُتاري جوُٺَ ڪَرِ، تب لاگي ڊولہ ساٿِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ، هيءَ مايا ڏاڍي موهيندڙ آهي. سندس پٺيان ڀڄڻ سان هٿ ايندي ٿي

ڪيِنَ، پر جيڪڏهن نا سوان ڄاڻي، اسين هنڪي پنهنجيءَ
دل تان لاهي ڇڏ يندا سون ته پوءِ پاڻيهي پنيان ڦوندي
وَلندي.

٨٨. ڪَبير سو، ڌَن سنَچِئي، جو آڳيءَ ڪوُن هوءِ،
سِيسَ چَڙايِ پوٽلي، لِي جاتَ نه ديکيا ڪوءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب چوي ٿو، ته اهڙو ڌن گڏ ڪرو جو
آئينده جي جيوت ۾ ڪم اچيو. پلي اوهين، ڌن جون
ٿيلهيون ساڻ ٻڌي پيا گهمو، پر ڪين پاڻ سان ڪٺي ويندو
ڪنهن ڪونه ڏٺو.

٨٩. ڪبير جَڳ ڪِي ڪو ڪَهَه، پوُن جَلِ بودءِ داس،
پار برهم پِت ڇاڙ ڪَرِ، ڪَرَتِ مانِ ڪِي آسَ.

ارٿ:- دنياجي سنسار جي ماڻهن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي،
جن ڀوساگر جي جل ۾ ته وڏا وڏا سڌ ۽ سنت ٻُڏ پو وڃن ۽
هو ٻڏن تڏهن ٿا، جڏهن پرٻرهم روپي سواميءَ جو ڀياڳ
ڪري مان جي آشا رکن ٿا. پاڪي پيا ڪرنا سمجهن ۽
اهنڪار ۾ پوجي مانَ شانَ جي اڇا رکن. انگريزيءَ ۾ به
چوڻي آهي ته Vanity the last infirmity of noble minds

٩٠. رَجَ بيرَجَ ڪِي ڪَلِي، تاپَرِ ساجِيا روپَ،
رام نام بِنَ بوُڊِ هَٿن، ڪَنَڪَ ڪامِڻي ڪوُپَ.

ارٿ:- رَجَ ۽ ويرِيه جو ٺهيل هي پُتلو، جنهنکي ڀڳوان
سينگاري سُندر روپ ڏنو آهي، پر رام جي نالي جهڄ ڏاران،
سون ۽ استريءَ روپي کوهه ۾ ٻُڏي مرندو.

٩١. ڪبير اِس سنسار ڪا جوُتا مايا موهه،
جهه گهر جتا بنداوَٽان، تهه گهر تتا آندوهه.

ارٿ:- هِنَ سنسارَ جو مايا موهه ڪوُڙو آهي. جنهن گهر ۾ جيترا آنند ۽ موجون ٿيون ماڻجن، اُن گهر ۾ وري ڏکَ بہ اوترائي ٿيندا.

٩٢. مايا ڪي جهلَ جگ جليا، ڪَنڪَ ڪامِڻي لاگِ،
ڪَهُه دوُن ڪس وِڌِ را کيئي، رُئي پليٽي آگِ.

آرٿ:- ڪَنڪَ (سون) ۽ ڪامِڻيءَ (اِستري) روپي مايا ۾ سارو سنسار جلي خاڪ ٿي وِيو. پلا اُنهيءَ باهه کان ڪيئن بچاءُ ڪَري سگهبو، جا ڪپهه ۾ ويڙهيل آهي. هتي خواهشن ۽ اُنهن مان پيدا ٿيل حالتن کي ڳاهَ ۽ ڪپهه جي مِثل بيانُ ڪيو وِيو آهي.

نوڳين جا آنگ

٩٣. ڪَلِ ڪا سُوامي لوڀيا، مَنسا ڌري بُـڌاءِ؛
دَنهن پئسا وياج ڪوُن، ليکان ڪَرتا جاءِ.

ارٿ:- ڪَلجُگَ جا ساڌو سنياسي ڏاڍا لوڀي آهن، اُنهن پنهنجن اِچائن کي ڪيترو نہ ڪري وڌايو آهي. وِياج لي پئسا ڏيو پيا اُنهن جا ليکا رکن. پوءِ سنساريءَ ۽ ساڌوءَ ۾ تفاوت ڪهڙو؟

٩٤. ڪبير ڪَلِ کوٽي ڀئي، مُنيَر مِلئہ نہ ڪوءِ،
لالـچ لوڀي مَسڪرا، تنڪوُن آدر هوءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته، ڪلجڳ ۾ اهڙي ته ڪوتائي اچي ويئي آهي جو ڪو سچو جوڳي ۽ مني ڳوليو به نه ٿو لڀي. باقي لالچين، لوڀين، ٺوڳين ۽ مسخرن جو سو ڏاڍو مانُ وڌي ويو آهي.

٩٥. پاڙوسي سُون رُوسڻان، تِلَ تِلَ سُک کي هاڻِ،

پنڊت ڀئي سَراوَڳي، پاڻي پيئن ڇاڻِ.

ارٿ:- اَڄُ ڪالهه جا پنڊت جينين وانگر اهنسا ڌرم جو پالڻ ڪري پاڻي به ڇاڻيو ٿا پين. هو هيءَ ٻاهريون ٻوڏنگ ته گهٽوني جاڻن، مگر انسان جي انسان لاءِ ڪهڙي فرض ادائي آهي، تنهنکي نه ٿا ڄاڻن، ايتريقدر جو پاڙيسريءَ سان به انهنجو وهنوار نيڪ نه آهي، ڪينَ اِها ڀروڙ نٿي پَوي ته پاڙيسريءَ سان رُسڻ، آهستي آهستي سُکن کي ناسُ ڪيو ڇڏي.

٩٦. پنڊت سيتي ڪهه رهيا، ڀيتر ڀيد يا نانهن،

اؤرُون ڪؤن پَرَموڌ تان، گيا مُهرڪا مانهن.

ارٿ:- جي فقط زباني گيان ڪٿي جاڻن، اهڙن پنڊتن کي ٿو چوان، ته توهانجي ساري پنڊتائي ٻاهرين آهي، انجو اوهانجي هردن تي ڪو به اَثر ڪونهي. ٻين کي ته اپديش ڪندا رهندءِ پر پاڻ انتي عمل ڪين ڪيو، نه رڳو ايترو پر پاڻ ڪوس گهر ۾ وڃي يعني ڪاسائي بڻجي ولن ٻين جا گلا ڪپيندا.

٩٧. ڪاسي ڪانٺه گهر ڪرين، پيئن نرمل نير،

مُڪت نهين هرِ نانوَ بن، يُون ڪهه داس ڪبير.

ارٿ :- ڪاشيءَ جي ڪِناري تي گهر ڪري، پل گنگا جو نِرمل جَل پيئي، تهن هوندي بہ رام جي نام جپڻ بنان مُڪتي ڪانہ مِلي سگهندي.

٩٨. ڪبير من ڦُوليا ڦِرء، ڪرتا هُون مَئن ڌَرم،
ڪوٽ ڪرم سِر لِي چَليا، چيتَ نہ ديکئہ ڀرَم.

أرٿ :- ڪَبير صاحب فرمائي ٿو تہ، هي ڏيکاءَ لاءِ ڌرم ڪندڙ، من ۾ ڏاڍو خوش ٿيو پيا گهمن تہ اسين بہ وڏا ڌرمانما آهيون. پَرَ ڪونَ ٿو پوين تہ ڪروڙين ڪَرمَن جا بار پنهنجي سر تي ديو پيا وَجن، گيان حاصل ڪري مايا مان پيدا ٿيل ڀرم کي دورِ ٿي نَٿا ڪن.

٩٩. مورِ تورَ ڪي جيوَڙي، بَــلِ بنڌِيا سنسار،
ڪانسَ ڪڙُونبا سُتَ ڪَلَت، دا جهڻ بارنبار.

ارٿ :- مُنهنجي تُنهنجيءَ جي زنجير ۾ بڌجي، هيءُ سنسار بل جو ٻڪرو ٿي پيو آهي. پُٽن مائٽن جي ڪٽنب ۾ ڦاسي ڏينهن رات پيو ڏجهي.

ڪرڻيءَ بنان ڪٿڻي

١٠٠. جَئسي مُکہ تي نِيڪَسئہ، تَئسي چالئہ چال،
پارب‍رهم نيڙا رَهئہ، پل ۾ ڪَرئہ نهال.

ارٿ:- جهڙي، زبان سان ڳالهه ڪرين ٿو، اُن موجب جي هلت هلين ته ٻيو تنهنجي نزديڪ ايندو ۽ ٻـل ۾ ٿي نهال ڪري ڇڏيندءِ.

١٠١. جئسي مُکَ ٿي نِڪَسئه، تَئسي چالئه ناهِن،

مانُکه نهِين تو سُوانَ گَتِ، باندِيا جم پورِ جاءِ.

ارٿ:- جنجي هلت، تنهنجي چوڻيءَ موجب نه آهي، سي انسان نه، ٻاڪ ڪتا آهن. هو پنهنجن ڪرمن ۾ ٻڌجي جمپورِ ويندا.

ڪٿڻيءَ بنان ڪرڻي

١٠٢. مَئن جانِيوُن ٻَڍِوو ڀلو، ٻڍوا تئن ڀلوُ جوگه،

رام نام سُون پريِت ڪر، ڀل ڀل نَيِندوُ لوگه.

ارٿ:- مان ڄاڻان ٿو ته پَڙهڻ چڱو آهي، پر پڙهڻ کان بهتر آهي جوڳ جي سادنا ۽ رام نام سان پريت ڪرڻ. (ڀوءِ اڻ پڙهيل هجڻ ڪري) ماڻهو ڀلي پيا نندين.

١٠٣. ڪبير پَڍِوا دوُر ڪَرِ، پُستڪ ديئه بهاءِ،

باوَن اکر سوڌ ڪر، رَرَءِ مَمَئه چت لاءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته پڙهڻ جو موهه ڇڏي، پستڪ پاڻيءَ ۾ واهي ڦِٽا ڪر. ور مالا جي ٥٢ اکرن مان ڳولي، فقط راري ۽ ممي (رام) سان ٿي چت لڳاءِ.

ارٿ:- سُندريءَ (پَر استري) کان ته سوري چڱي، جو ته اُنهيءَ ڳُهڻ کان وَرلو ڪو بچي نڪتو. جهڙيءَ طرح باهه ۾ وجهڻ سان لوهه به جلي ڪوئلو ٿي ويندو آهي، اهڙيءَ ريت ڪهڙو به ڪري رُشت پُشت هجي، پَر استري پريمَ ۾ جلي خاڪ ٿي ويندو.

١٠٧. پَرناري کو راچڻونءُ، جسي لَسڻ ڪي ڪانِ،
ڪوُٽهن ٻئسِ رَکائئي، پرگٽ! هوءِ دِوانِ.

ارٿ:- پَرناريءَ جو سنگ، مثلِ ٿُومَ ڪائڻ جي آهي؛ جو لڪائڻ سان به نٿو لڪي. ڀلي ڪُنهن ڪُنڊ ۾ چوري پَراستريءَ سان سَنگ ڪجي يا ٿُومَ کائجي، ته ٻئي جهٽ عامَ اُگيان پَڌرا ٿي پوندا.

١٠٨. ناري سيئتي نيهَه، بُڌ بِبيڪَ سَڀهين هَرئن،
ڪانءِ گُماوءِ ديهه، ڪارج ڪوئي نا سَرءِ.

ارٿ:- ناريءَ سان ڪَمَل پريمُ، بُڌي، وويڪ سڀ ناس ڪيو ڇڏي؛ انهيءَ ڪري هي جيوُ، لون پنهنجي مانُڪا ديهه جو ٿو وڃائين. استريءَ مان ته ڪو ڪارج سَرندو ئي ڪين.

١٠٩. آنڌا نر چيتَئه نهين، ڪَٽَئه نه سَنسيه سوُل،
اوُر گنهه هَرِ بَڪسسي، ڪامي ڊال نه موُل".

ارٿ:- اَگيان ۾ انڌو شخصُ، چيتنتا حاصل ڪري نٿو سگهي ۽ جهنڪري انجا سُنسا ۽ اُن مان پيدا ٿيل ڏک دور نٿا ٿين. ڀڳوان ٻيا سڀيئي گُناهه بخشيندو، پر ڪاميءَ کي ڪال مولِ يعني ٿاڙ ين ۽ پاڙ سوڌو ناس ڪري ڇڏيندو.

١١٠. وشيه ولنبي آتما، تاکا مجڪڻ ڪايا سونُ،
گيان انڪُور نه اُوگئي، پاوَن نج پرموڌ.

ارٿ:- وشين ۾ ويڙهيل آتما جي اصل تت کي، وشيون اهڙين ڪاٺين ڪوئلو بڻايو ڇڏين، جهڙين گهڻو اناج جي جي داڻي کي اندران ئي اندران کائو ڇڏي. جهڙيءَ ريت اهو گهڻيل داڻو اُسري نٿو سگهي، تهڙيءَ طرح ڪاميءَ ۾ گيان جا انگور (سلا) ڦٽي نٿا سگهن. ڀلي چاهي ڀڳوان خود اچي ڇو ڪين انکي اُپديش ڏئي.

١١١. نــــار پرائي آپڻي، ڀُگتا نَــــرَ ڪهن جاءِ،
آگ آگ سبرؤ ڪهئه، تامئن هاٿ نه باهه.

ارٿ:- پرائي استري (جا مثل باهه جي آهي) تنهن کي جيڪو پنهنجي بڻائي ٿو، سو سڌو نرڪ ۾ ويندو. اي پيارا، جنهنکي سڄي دنيا باهه باهه ٿي ڪوٺي، انهيءَ پر تنهن نرڪ روپي باهه ۾ هٿ نه وجهه.

سهج جو انگ

١١٢. سَهَج سَهَج سب ڪو ڪَهَئه، سهج نه چينهي ڪوءِ،
جن سَهَجئن وشيا تجي، سهج ڪهيجئه سوءِ.

ارٿ:- سهج سهج ته سڀڪو چوي، پر سهج جي پوري پروڙ ڪنهنکي به ڪانهي. جن سولائيءَ سان وشين

جو لياڳ ڪيو آهي، يا سَهج پُرش (پرڀوءِ) جي ناليءَ جن وِشين جو لياڳ ڪيو آهي، بَس اُهو ئي سَهجِ جو سچو سَروپ آهي.

۱۱۳. سَهَج سهج سب ڪو ڪهَہ، سهج نہ چينهي ڪوءِ،
پانچوُن راکَہ پَرستي، سهج کهيجَہ سوءِ.

ارٿ:- سهج سهج تہ سڀڪو پيو چوي پر سهج جي سچي ڄاڻ ڪنهنکي بہ ڪانهي. پنجن ئي گيانِ اندرين کي، پرڀوءَ جي سيوا ۾ لڳائڻ کي ئي سَهج ڀاوُ ٿو سڏجي.

سچ جو انگ

۱۱۴. ڪبير پوُنجي ساهَہ کي، توُ جنِ کووءِ خوار،
کَري بَگوُچنِ هوئگي، ليکا ديني بار.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ، هي منش! تون پرڀوءَ روپي سيٺ کان اڌاري ورتل پونجيءَ کي اجائي نہ وڃاءِ، يعني تون پرڀوءَ سان سچو وهنوار ڪر. جنهن وقت مالڪ اڳيان ڪرمن جو حساب ڏيندين، تنهن وقت توکي ڀاري آپدا جو سامنو ڪرڻو پوندو.

۱۱۵. ڪائٿَ ڪاگدَ ڪاڍيا، تب ليکَہ وارَ نہ پارَ،
جب لگ سانس سريرَ مَہن، تب لگہ رام سنڀار.

ارٿ:- مرڻ بعد، جڏهن چترگپت ليکو ڪڍندو، اُن وقت ڏسندين تہ لکي جي ڪا حد ئي ڪانهي. انهيءَ

ڪري جيستائين سريرَ ۾ ساهُ آهي تيستائين رامَ جو سمرڻ ڪر.

١١٦. يَهَ سب جهُوٺي بندگي، ٻرِيا پنج نِواز،
ساچُه مارءِ جهوٽ پڙهِ، قاضي ڪرئه اڪاج.

ارٿ:- پنج پنج ڀيرا نمازون پڙهڻ، اها سڀ ڪوڙي بندگي آهي. هي قاضي! تون سچ کي ڇڏي، ڪُوڙ ٿو پڙهين يعني ڏيکاءُ ڪري نماز پڙهي سچ کي ڍَڪيو ڇڏين.

١١٧. ڪَبير قاضي سوادَ بَسِ، برهم هَنَئه تَبَ دوءِ،
چَڙهِ مَسيتِ ايڪئه ڪَهَئه، دَرِ ڪيوُن ساچا هوءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته، قاضيءَ جو من ته سوادن ۾ لڳو پيو آهي، مرڻ بعد به هو برهم (خدا) کان الڳ ٿي رهندو. مسجد ۾ واعظ ڪرڻ وقت، چوي ٿو ته الله هڪ آهي پر جڏهن ڪنهن جيو کي ذبح ڪري ٿو تڏهن ٻه الله ٿيو پون. هاڻ ٻڌايو ته هو پنهنجي وويڪ سان يا صاحب جي دربار ۾ سچو ڪيئن ليکبو.

١١٨. جوري ڪرِ جبهئه ڪرَئن، ڪهتي هَئن جُه حلال،
جبَ دفتر ديکيگا دَئي، تب هوءِ گا ڪَوُڻ حوال.

ارٿ:- زبردستي ڪري، ايشور جو نالو وٺي (بسمله) ويچارن جيون کي ذبح ڪن؛ پوءِ به چون ته اهو حلال (ڌرم موجب) آهي. جڏهن پرڀو اوهانجو دفتر (ڪرمن جو چٺو) کوليندو تڏهن ڪهڙو منهن ڏيکاري سگهندا؟

١١٩. سائين سيتي چوريان، چوران سيتي گجهہ،
جاڻيئنگا ري جيوڙا، مار پڙيگي تجهہ.

ارٿ:- ڀڳوان کان نہ چوري ٿو ڪرين (ڀائين ٿو تہ جي لڪائي ڪجهہ ڪندس تہ پتو اصل نہ پوندو) ۽ چورن سان ساز باز ٿو ڪرين، انهن سان ڳجهہ ڀيو سلين. هي جيو! توکي پتو تڏهن پوندو جڏهن انهن ڪيلن ڪرمن ڪري توکي مار پوندي.

١٢٠. شيخ سبوري باهرا، کيا حج قعبي جاءِ،
جنڪي دل سيابت نهين، تنڪون کهان خداءِ.

ارٿ:- اي شيخ! تون سنتوک ۽ صبر کان پري آهين، پوءِ تنهنجو حج يا قعبي وڃڻ سڀ اجايو آهي. جنجي دل ۾ سچائي يا پورنتا ڪانهي انهن لاءِ خدا ڪٿان ايندو؟ يعني ڪٿي بہ انجو درشن نہ ڪري سگهندا.

١٢١. خوب کانڊ هئہ کيچڙي، ماهن پڙءِ ٽڪ لوڻ،
پيڙا روٽي کاءِ ڪر، گلا ڪٽاوءِ ڪوڻ.

ارٿ:- سچ پچو تہ سٺي ۾ سٺو طعام آهي کچڙي، منجهس ڪري ٿورو لوڻ وڌو تہ واهہ واهہ. پيڙن (سيرن مالپون، سان روٽي کائي ڪير پنهنجو گلو ڪٽائي، يعني تہ سيرا مالپرا کائڻ تہ ان لاءِ کوٽا ڪرم ڪرڻا پوندا جنهنجو نتيجو پوئٽو پوندو.

١٢٢. ڪبير جن جن جاڻيان، ڪرتا ڪيول سار،
سو پراڻي کاهي چلئہ، جهوٺي جگہ ڪي لار.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته، جن ڄاتو آهي ته فقط هڪ ڪرتار ئي دنيا ۾ سار يا سچ آهي، ٻيو سڀ ڪوڙ آهي، سو هن ڪوڙي سنسار جي لالچن جي وس ڇو ٿيندو؟

—o—

پَرَمَ نِوارڻُ جو اَنگُ

١٢٣. پاهڻ ڪيرا پوتِلا، ڪَر پوڄن ڪرتار،

اِهي ڀَروسئه جي رهي، تي ٻوڙي ڪالي ڌار.

ارٿ:- ڏس ته ماڻهو پٿر جي مورتيءَ کي، ڪرتار ڄاڻي پيا انجي پوڄا ڪن. جيڪي انهيءَ پٿر جي مورت جي ڀروسي رهندا، اهي موت روپي ڪاريءَ ڌارا ۾ ٻڏي مرندا.

١٢٤. ڪاجَلَ ڪيري ڪوٺڙي، مَسِ ڪي ڪرم ڪپاٽ،

پانهن بوئي پِرٿمي، پنڊت پاڙي باٽ.

ارٿ:- پٿرن (پٿر جي مورتين) سان ڪري سڄي دنيا پيري ائي، ٻوه پنڊت چون ٿا ته اسان رستو (ڌرم جو مارگ) ڳولي ڪڍيو آهي. اهو ته انين ڄاڻڻ گهرجي ته جڻ ڪنهن ڪاجل جي ڪوٺيءَ کي ڪارن ڪرمن جا دروازا لڳايا هجن.

١٢٥. سيوئن سالگرام ڪون، مايا سيتي هيت،

وڏئن ڪالا ڪاپڙا، نانو ڌراوئن سيت.

ارٿ:- پوڄا ته ڪن ٿا سالگرام جي ۽ مايا سان ڪري موھ رکيو اٿن. اوڏھن ته ڪارا ڪپڙا (تامسڪ حلت ڪري) تا پر ڪونا ٿين پاڻکي اڇو اجرو ٿا. يعني پاڻکي سچ لي ھلندڙ چوائين ٿا.

١٢٦. جپ تپ ديکئن ٿوٿرا، تيرٿ ورت بسواس،

سڙوئن سئنول سيويا، يون جڳ چليا نراس.

ارٿ:- جپ تپ ۽ تيرٿن ۾ ويساھ اجايو آھي. انھن ۾ لڳل ماڻھو ڄڻ دُنيا ۾ اھڙيءَ رھت نراس ھليو ويندو، جھڙيءَ طرح طوطو انب جي بدران اڪ ٽٿوءَ ري کي انب سمجھي اتي وھي ۽ نراس ٿي اڏامي وڃي.

١٢٧. مَن مٿرا دِل دُوارڪا، ڪايا ڪاسي جاڻ،

دَسوان دُوارا ديھُرا، تا مَئن جوت پڇاڻ.

ارٿ:- مَن ۾ ئي مٿرا، دِل ۾ ئي دُوارڪا ۽ ڪايا (شرير) ۾ ئي ڪاشي سمجھي ٻاھر لمرڻ وغيره پيٽڻ جي ضرورت ڪانھي. ڏسوون دوار يعني برھم رندر ئي پرماتما جي مندر جو دروازو آھي، انھيءَ ۾ چمڪندڙ نرنجن جوتيءَ کي سڃاڻ، يا ديدار ڪر.

١٢٨. ڪبير دُنيا ديھُري، سيس نِواوڻ جاءِ،

ھِردا ڀيتر ھَر بَسئہ، تون تاھين سؤن لَؤن لاءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته، ڏِس ته سنساري جيو مندرن ۾ سر جھڪائڻ لاءِ وڃن ٿا، پر خبر ڪانه اٿن ته ھِردي اندر ئي پرماتما جو واسو آھي، انھيءَ ڪري تون انھيءَ ھنڌ لنو لڳاءِ.

ڀيک جو انگ

١٢٩. ڪبير مالا ڪاٺ ڪي، ڪهه سمجهاوي توهه،

من نه ڦراوي آپڻا، ڪها ڦراوي موهه.

ارٿ:- ڪاٺ جي مالا توکي سمجهائي چوي ٿي ته، جيستائين تو پنهنجو من ڦيرڻ ڏانهن نه ڦيرايو آهي تيستائين منهنجي ڦيرائڻ مان ڪهڙو فائدو؟

١٣٠. ڪبير مالا من ڪي، اؤر سنساري ڀيکه،

مالا ڦيريان هر ملئه، تو آرهٽ ڪي گل ديکه..

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته سچي مالا ته من جي آهي باقي ٻيو سڀ سنساري ڀيک يعني ڏيکاءُ آهي. مالا ڦيرڻ سان جي ايشور ملي ته کوهه به مالها پائي آهي ۽ چرخي به مالها پائي آهي، يعني ڏيکاءُ ڪري مالا پائڻ آهي کوهه ۽ چرخي جي مالها سمان.

١٣١. مالا ڦيريان ڪڇ نهين، ڀڳت نه آئي هاٿ،

ماٿون موڇ منڊاءِ ڪر، چليا جڳت ڪي ساٿ.

ارٿ:- انهيءَ مالها پائڻ مان ڇا ورتو جي سچي ڀڳتي هٿ نه آئي، ڏاڙهي مڇون ڪوڙائي ويس ته ٺاهيو جو ڪيو اٿئي، پر هلين ته ساڳيو دنيا سان ٻيو يعني دنيا جو موهه ڪين ڇڏيو اٿئي.

١٣٢. سائين سيتي سانچه چل، اؤران سون شد ڀاءِ،

ڀاوين لمبي ڪيس ڪر، ڀاوي گهرڙ مڙاءِ.

ارٿ:- هي جيو، اُن پرماتما سان سچائي سان هل ۽
ٻين سنساري جيون سان شڌ ڀاوِنا يا ڪپٽ رهت خلت
ڪر. پوءِ ڇاهي وڏا ڪيس (وار) رکائين يا مٿو ڪوڙائي
تومو ٿين.

١٣٣. نَوَ سَتَ ساجَهِ ڪامِني، تن من رهي سنجوءِ،

پيوَ ڪَهِ من ڀاوَءِ نهين، پَتَرَ ڪِيَهِ ڪيا هوءِ.

ارٿ:- نَوسَت (سورهن سينگار) جيڪڏهن ڪا
استري سورهن ئي سينگارَ ڪري، تن من ۾ قربان ڪرڻ
لاءِ تيارُ آهي، پر جيڪڏهن پنهنجي پرينءَ کي پسند نه آهي
ته اهي سڀ سينگارَ ۽ ٽِڪ ٽيهر اِي سُودِ آهن.

ڪسنگ جو انگ

١٣٤. مُورِکَ سنگَ نه ڪيجئي، لوها جَلِ نه تِراءِ،

ڪَدَلي سيپ ڀُوَنگ مُکي، ايڪ بُوند، تِهِ ڀاءِ.

ارٿ:- مُورکَ جو سنگَ ڀُلي ڀلائي ۾ نه ڪريو، لوهه
ڪڏهن ۾ پاڻيءَ تي ترِي ڪين سگهندو. اَگياني يا مورک
سادُوءَ ڀاوِنا ڌارڻ ڪري ڪين سگهندو. پاڻَ جي ٻوجي
ڪري هو لوهه وانگُرُ ٻُڏو ئي پوندو، انهيءَ ڪري هو
مايا روپي ساگر مان اُڪري پار نه وڃي سگهندو. ڏسو ته
سوالِيءَ جي ته هڪ بوند آهي، مگر جُدا جُدا هنڌن تي
پوڻ ڪري انجو جُدا جُدا روپُ ٿيو وڃي. ڪيلي ۾ ڪِرڻ
سان ڪافورُ ٿئي ٿي، سپ ۾ پوڻ سان موتي ٺهي ٿي ۽
نانگ جي مُکه ۾ پوڻ شرطِ زهرُ ٺهجو پوي.

١٣٥. هَرِجَنَ سينَي روُسَٽان، سنساري سوُن هيتَ،
تي نر کَدَءِ نہ نيپَجَۂ، جوُن ڪالَرَ ڪا کيتَ.

ارٿ:- جيڪو ماڻهو پرڀوءَ جي ڀڳتن سان روسامو رکيتو ۽ سنساري جيون سان پريم رکيتو، اهو ماڻهو ڪڏهن به وڌندو ويجهندو ڪينَ. جهڙيءَ طرح ڪلر ۾ ٻج وجهڻ سان اُنجو سِلو اُسرندو ئي ڪينَ.

سنگت جو انگ

١٣٦. ديکا ديکي ڀڳتِ هئہ، ڪَدي نہ چَڙهي رنگ،
وِپتِ پَڙيا يوُن ڇاڙسي، جوُن ڪنچِلي ڀوُنگ.

ارٿ:- ديکا ديکي ڀڳتي ڪرڻ سان حقيقتي رَنگ اَصل نہ چڙهندو. اُنهيءَ مارگ لي هلندي ڪا آپدا آئي تہ اهڙو ڀڳت، اها ڀڳتي اِئين ڇڏيندو جئين نانگ پنهنجي کينچلي (کَل) لاهي ڦتي ڪندو آهي.

١٣٧. ڀهه من ديجئہ تاس ڪوُن، سٽ سيوگ ڀل سوءِ،
سِرَ اوُپر آرا سهئہ، تئوُ نہ دوُجا هوءِ.

ارٿ:- هيءُ مَن اُنهيءَ کي سونپ جو سُلو سيوڪ (هري ڀڳت) هجي. کيس ڪو آڙيءَ (ڪاراٽيءَ) سان ڀي ڪري چيري تہ پنهنجي پرڀوءَ جي پند کان پاسي نہ ٿئي.

آساڌ جو انگ

١٣٨. اُجل ديکہ نہ ڌيڄئي، بگہ جوُن مانڊ ڌيان،
ڌورء ٻئٹ چپيٹسي، يوُن لئہ ٻوُڙء گيان.

ارٿ:- ڪهڙيجو ٻاهرين اوجل ويس ڏسي متس وشواس نہ ڪر، ڇو تہ بگهلي وانگر ڌيان لڳائي ويٺو هوندو اهي ٺڳي وانگر ٺڳي ويندو؛ اُنهيء ريت سارو گيان ٻڏي ويندو.

١٣٩. جيتا مِٺا بولٹان، تيتا ساڌ نہ جاٹ،
پهلي ٿاهہ دکاء ڪر، اوُنڊء ديسي آٹ.

ارٿ:- گهڻي ڪيترو ئي مٺو ڳالهائيندڙ هجي، پر اُنکي هرو ڀرو ساڌو نہ سمجهہ ڇاڪاڻ تہ اهڙا ماڻهو ٻهرين پار ڀلي لاء ترائي پاڻي ڏيکاري پوء اونهي پاڻيء ۾ آڻيو ٻوڙيو ڇڏين.

ساڌوء جو انگ

١٤٠. مٿرا جاوء دوارڪا، ڀاوء جاوء جگنناٿ،
ساڌ سنگت هر ڀڳت بن، ڪڇوُ نہ آوء هاٿ.

ارٿ:- ڀلي مٿرا وڃو يا دوارڪا ۾ جڳنناٿ پوريء ليوٽ ڪرڻ وڃو، مگر ساڌوء جي سنگت ۽ هريء جي ڀڳتي بنا ڪجهہ بہ هٿ نہ لڳندو.

١٤١. ڪبير سوئي ڏِنَ ڀَلا، جا ڏِنَ سنت مِلانهہ،

آنڪَ ڀَري ڀِرِ ڀيٽيان، پاپ سريرؤُن جانهِن.

ارٿ:- هي ڪبير! اهو ڏينهن اُهو آهي جنهن ڏينهن سنت ملن، اُنهنکي ٻانهن ۾ ڀري گلي لڳائي ڀيٽڻ سان شرير جا سڀ پاپ ناس ٿيو وڃن.

١٤٢. ڪبير چندنَ ڪا بِڙا، بيڙهيا آڪَ پَلاسَ،

آپَ سريکي ڪَرَ ليئي، جي هوئي اُنَ پاس.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ چندن روپي سنت پرش کي آڪ ۽ ڪيسوڦل جي وڻن جهڙن ڏشٽ ماڻهن گهيرو ڪيو، پر اُن چندن روپي سنت پرش اُنهن سڀني کي جي سندس ويجهو هوا ٻارڻ جهڙو بڻائي ڇڏيو. (چندن ۽ قيصر جي وڻن ۽ ٻوٽن اُگيان جيڪي بہ وڻ يا ٻوٽا ٿيندا آهن اُنهن سڀني ۾ چندن ۽ قيصر جهڙي سڳنڌ سمائجي ويندي آهي)

نرمل نگاهن واري ساڌوءَ جو انگ

١٤٣. نِربيري نهہ-ڪامتا، سائين سيتي نيهہ،

وِشيا سؤُن نِيارا رهئہ، سنتن ڪا انگ ايهہ.

ارٿ:- ڪنهن سان وير نہ رکڻ، نشڪام ٿي رهڻ ۽ پرڀوءَ سان پريم ڪرڻ، وشين کان ويراڳي ٿيڻ اِهي سچن سنتن جا لکڻ آهن.

١٤٤. ڪبير هَرِڪا پانوَتا، دُورئن تئن ڏِسنت،
تَن ڪيٽان مَن اُنمنان، جڳ رُوئــڙا ڦرنت.

ارٿ:- ڪبير داس فرمائي ٿو ته هريءَ جا پيارا پريمي ڪان پڌرا. وچارا بدن جا ڪمزور، من کان اداس ۽ دنيا کان نيارا رهن ٿا.

١٤٥. ڪبير هَرِڪا پانوَتــا، جهيِنٽا پنجر تاسِ،
رَئن نـــ آوءِ نِيندَڙي، اَنگ نہ چڙهءِ ماس.

ارٿ:- جيڪو پريوءَ جو پيارو آهي، سو سدائين هيٺو پيو پاسندو آهي، نڪي رات جو ننڊ ٿي اچيس، نڪي بت لي ماس ٿي چڙهيس.

١٤٦. جهِہ گهٽ جاڻ وِناڻ هئہ،
تِهِہ گهٽ آنوَ تـٽان گهٽان،
بِن کنڊءِ سنگرام هئہ،
نِت اُٺِ من سئُن جهُوجهٽان.

ارٿ:- جنهنجي مَن ۾ گيان ۽ وگيان آهي يعني جيڪو گياني آهي تنهنجي گهٽ اندر گهٽيئي گهوڙا آهن، هو پريوءَ جي پرهہ ۾ ڏينهن رات جلندو رهي ٿو يا پڇتاءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌندو رهي ٿو. هنجي من اندر ٻيان ترار جي بيئي لڙائي لڳي.

١٤٧. پيلڪ دوُڙي سائيان، لــوڳ ڪهئہ پنڊِ روڳ،
ڇانئہ لنگهڻ نِت ڪرءِ، رام پِياري جوڳ.

ارٿ:- رام ڀڳت، پرڀوءَ جي وڇوڙي ۾ وڃي ڏينهون ڏينهن پيلو ٿيندو. ماڻهن ليکي ته هنکي سائيءَ جي بيماري ٿي پيئي آهي مگر هو ته پاڻکي لنگهڻ ڪيو پيو سڪائي، ته من ڪڏهن پياري رام جي چرڻن ۾ وهڻ لائق ٿيان.

١٤٨. جِن گهٽ ۾ سنسو بسئه، تِن گهٽ رام نه جوءِ،
رام سنيهي داس بِچ، تڻان نه سنچرڻ هوءِ.

ارٿ:- جنهن هردي ۾ سنسو (دبدا يا شڪ شبهه) آهي اُن ۾ رام واسو ڪري نٿو سگهي ڇاڪاڻ ته رام جي پياري ۽ رام جي وچ ۾ ڀيد ڪهڙو؟ انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪک جيتري به وٿي ڪانهي.

١٤٩. جِهه هِردءِ هَرِ آئيا، سو ڪيُون ڇانا هوءِ،
جتن جتن ڪر دابئي، ڏيو اُجالا هوءِ.

ارٿ:- جنهن جي هردي ۾ پرماتما پاڻ اچي واسو ڪيو آهي، سو ڀلا ڪيئن لڪي سگهندو. ڪيڏي به ڪوشش ڪري لڪائجي ته به پرڀوءَ جي ڀڳتيءَ جو پرڪاش ڦهلجيو وڃي.

١٥٠. سب گهٽ ميرا سائيان، سُوني سيج نه ڪوءِ،
ڀاڳ تنهان ڪا هي سکي! جِهه گهٽ پرگٽ هوءِ.

ارٿ:- سڀني جي هردن ۾ منهنجو مالڪ رمي رهيو آهي، ڪابه سيج ڪانڌس خالي نه آهي. هي سکي! وڏا ڀاڳ انهن جا جنجي هردي ۾ پاڻ پرگهٽ ٿئي ٿو.

١٥١. ڪبير خالق جاڳيا، اوَر نہ جاڳئہ ڪوءِ؛
ڪَئہ جاڳئہ وِشئي وِشہ ڀريا،
ڪَئہ داس بندگي هوءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ، پرڀو سدائين جاڳندو رهي ٿو، سواءِ سائينءَ جي ٻيو ڪو بہ ڪونہ جاڳي. تنهن هوندي بہ جي ڪري ڪو جاڳندو تہ اهو يا تہ وڪ سان ڀريل ڪامي پرش هوندو يا اهو داس جاڳندو جو پرڀوءَ جي ڀڳتيءَ ۾ مگن آهي.

ساڌوءَ جي مهما جو انگہ

١٥٢. چَندَن ڪي ڪُٽَڪي ڀلي، نا ببُول ڪي اَوَرانءِ،
وَئشنوُن ڪي ڇَپَري ڀَلِي، نا ساڪَتَ ڪا بَڙَ گانءِ.

ارٿ:- چندن جو ٽڪرو بہ چڱو آهي، بنسبت ٻٻر جي جهنگل جي. اهڙيءَ ريت وئشنو جي ڪُٽيا چڱي آهي بنسبت نندڪ جي هڪ وڏي ڳوٺ ڪان.

١٥٣. ڪبير ڌَنِ تہِ سُندَري، جِن جايا ٻَئسنوُن پوُت،
رام سُمَرِ نِرڀئہ ڀيا، سب جگہ گيا اَئوت.

ارٿ:- اها استري ڌن آهي، وڏ ڀاڳڻ آهي جنهن وئشنو پٽ کي جنم ڏنو آهي، جو هريءَ جي نام جو سمرڻ ڪري نِرڀئہ ٿي پيو. انکانسواءِ ٻي دنيا اولاد هوندي بہ اِي اولاد آهي.

١٥٤. ساکَتَ بانيڻ مَتِ مِلَمِ، بَمَسنوُن مِلَمِ چنڊال،
اَنْکَ مال دي پيتيي، مانوُن ملي گوپال.

ارٿ:- نندڪ يا ناستڪ براهمڻ کان وشنو (رام ڀڳت) چنڊال بهتر آهي. اهو سمجهي ته ڄڻ خود گوپال (پرماتما) سان ملي رهيا آهيون. ٻئي ٻانهون پساري اُن سان ملو.

١٥٥. ڪبير ڪُلَ تو سو ڀَلا، جِهِ ڪُل اُپجَمِ داس،
جِهِ ڪُل داس نه اوُپجَمِ، سو ڪُل آڪ پلاس.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته، اهوئي ڪل وڏو آهي جنهن ۾ هريءَ جو داس جنم وٺي ٿو، ۽ جنهن ڪل ۾ هريءَ جا داس جنم نٿا وٺن سو اَڪ ۽ ڪيسو ڦل جي وڻن مثل سمجهه.

مَنَ (وچين مارگ) جو انگ

١٥٦. ڪبير مَنَ انگ جيڪو رهَمِ،
تَوءُ تَرتَ نه لاگَمِ بـــارَ،
ڏُهوُ ڏهوُ انگَ سوُن لاگه ڪر،
ڊوُبَــتَ هَمِ سنسار.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته، جيڪو وچون وهه وٺي ٿو ته لهڪي هن ڀؤساگر مان پار پوندين دير نٿي لڳي.

باقي جيڪو هڪ ٻئي جي خلاف ٻن ٻن پڌن (Two extremes) جو پيروڪار ٿئي ٿو سو هن سنسار ۾ ٻڏي ٿو يعني نہ دين جو نہ دنيا جو. (ايڪ گهر ۾ دومتي ڪسل ڪهان ٿي هوءِ.)

١٥٧. هندوُ مُئي رام ڪَهِہ، مُسلمان خـداءِ،

ڪَهَہِ ڪبير سو جيوَتا، ڏُءِ ۾ ڪدي نہ جاءِ،

ارٿ:- هندو رام رام ڄپيندي ۽ مسلمان خدا خدا ڪندي مري ويا (اهي ٻئي مثل مردي جي آهن) جيڪو تہ اهو رهيو جو انهن ٻنهي ۾ ڪڏهن بہ نہ آٽڪيو.

١٥٨. ڪبير هَـرِدي پيِڙري، چوُنـا اوُجَل پاءِ،

رام سَنبهي يوُن مِلئہ، دوُنيوُن برَن گنواءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ هيڊ پيلي رنگ جي ٿيندي آهي ۽ چُنو سفيد رنگ جو ٿيندو آهي پر جڏهن ٻئي مِلي هڪ ٿيندا آهن تڏهن اُنهن جو رنگ لال ٿي ويندو آهي جنهن مان ڪنهُوَ نهندو آهي. اهڙيءَ ريت رام جو پريمي ٻنهي رنگن جو ميل ڪري يا ٻئي ورڻ (رنگ) ليا ڳي هڪ رنگ لال ٻڌجي پيو. (يعني وچون مارگ وٺڻ گهرجي.) خاص- ياد رهي تہ پريم ۽ ڀڳتيءَ جو رنگ ڳاڙهو آهي. ڪبير صاحب جو چوڻ آهي تہ ڀڳتي اهڙي وستو آهي جو مختلف رنگ بہ مذهبس مليو وڃن.

سار گرهڻ ڪرڻ واري جو انگ

١٥٩. ڪبير روُپ هـرِ نانوَ هئه، نيرَ آنَ ويؤُ هار،

هنس روُپ ڪوءِ ساڌَ هئه، تَتَ ڪا جاڻڻ هار.

ارٿ:- جهڙيءَ ريت کير ۽ پاڻي ملي هڪ ٿيو وڃن ۽ هنس اُن گڏيل کير پاڻيءَ مان کير جدا ڪري پي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح سنساري وهوار سان گڏ پريوءِ روپي کير گڏيل آهي. مگر هنس روپي ڪو ورلو ساڌو سچي تتو کي جاڻي ٿو.

١٦٠. ڪبيرَ اَوَگُڻ نا گَهئه، گُڻَ هي ڪؤن لي بينِ،

گَهتَ گَهتَ مَهُ ڪي مَڌُپ جؤن،

پَرَ- آتـم لي چينهَ.

ارٿ:- اي ڪبير! تون ٻين جي اوگڻن ڏانهن نـ نهاري انهن جا گڻ گرهڻ ڪر. جهڙيءَ ريت ماکيءَ جي مک گلن مان ماکي گڏ ڪندي آهي تهڙيءَ ريت تون بہ هر هڪ جيو ۾ پرماتما کي سڃاڻ.

ويچار جو انگ

١٦١. رام نام سب ڪو ڪهئه، ڪهبي بهتَ وچار،

سوئي رام ستي ڪهئه، سوئي ڪؤتگ هار.

ارٿ:- رام نام تہ هرڪو ٿو چوي پر رام نام چوڻ جا

گھڻيئي وچار آهن يعني گھڻيئي مت فيلسوفيون ۽ ڌرمي وچار آهن. مگر جيڪا ستي پنهنجي پتيورتا روپ ۾ رام جو جپ ڪري ٿي اهائي ستي پتيءَ سان گڏ ڏاگھ چڙھڻ جو اچرج ڏيکاري سگھي ٿي.

١٦٢. هَرِ موتِيان ڪي مالَ هَئي، پوئي ڪا چَئي تاگِه،

جتن ڪَري جھنَتا گھٽان، توٽيگي ڪھوُن لاگِه.

ارٿ:- پريو انهيءَ موتين جي مالها سمان آهي جا ڪچي ڌاڳي ۾ پوتل آهي. جتن ڪندين ته گھڻيئي مونجھارا پيدا ٿيندءِ يعني ته جي تون انيڪ مت متانترن جي وچارن ۾ وجهي ڦاٿين ته پوءِ ڪڏهن نه ڪڏهن اها مالا ٽٽي پوندي ۽ تون هريءَ کان بي مک ٿي پوندين.

اُپديش جو انگ

١٦٣. ڪَلِي ڪال ڪَتِڪال هَئي، بَرا ڪَرَءِ جِن ڪوءِ،

اَن باوَن لوها داهَنِ، بووءِ سُم لُٽَتا هوءِ.

ارٿ:- ڪَلجگ ۾ ڪَٽي جو نتيجو اُن وقت مِلي ٿو، انهيءَ ڪري ڪاڻ پُراڻي نه ڪر جھڙيءَ ريت هاري ڏاڻو ڪٽي اھو ٿي اَن لڻي ٿو جيڪي پوکيو اٿس.

١٦٤. گَرِهِي توءِ چِنتا گھڻي، بَئراگي تَئُم ڀيڪھ،

دُهِه ڪاٽيان وِچ جيو هَئي،

دوئو هَنئن سنتُو سيکه.

ارٿ:- گرهستي وچاري کي گهر جون گهڻيئي چنتائون لڳيون پيئون آهن ساڌوءَ کي ٻه ته گهٽ ۾ گهٽ ٻيڪ مَگڻا جي ته چنتا آهيئي آهي. سو وچارو جيو ٻن ڪاڻين جي وچ ۾ آهي. مگر سنت انهن ٻنهي کي دور ڪيو ڇڏين يعني اُهي اها سِکيا ڏين ٿا ته سنساري رهندي به اُهين وِرڪت رهي سگهو ٿا.

١٦٥. ڪبير هَرِ ڪي نانوَ سُون، پريت رَهَئه اِڪ تار،

تؤُ مُکَه ٿي موتي جهڙَءِ، هيري اَنت نه پار.

ارٿ:- جيڪڏهن پرڀوءَ جي نام سان اَنتر پريم رهي ته اُپديش ڪندڙ جي مُکه مان اَملهه (هيرن موتين وانگر) وچن نڪرن جنهجي حد ئي ڪانهي. يعني ته اُپديش ڪندڙ کي به گهرجي ته هو ڏينهن رات سائينءَ جي ڀڳتي ڪندو رهي.

١٦٦. آئسي باڻي بولئي، مَنَ ڪا آپا کوءِ،

آپَنا تن سيتل ڪرءِ، اؤرن ڪؤُنِ سُکه هوءِ.

ارٿ:- مَن مان، مان ۽ تون وغيره آپو يا اِيمان ڪڍي اهڙي مٺي ٻولي ٻوليو جو اوهانجو تن بدن ته سيتل رهي مگر ٻين کي به سک ملي.

وسواهه جو انگ

١٦٧. جِنَ نَرَ هَرِ جَنَرانهِ، اُدِ ڪنتئه پِنڊَ پرگٽ ڪِيئُو،

سِرِجي شَرَوَڻ ڪَرَ چَرَڻ،

جيو جيڀ مُکَ تاس دِيئُو.

اُرڌِ پاوَ اَرڌَ سِيس، بيڪهِ پَکانَ اِمِ رَکِيئُو،

اَنّ پانِ جهان جَرَءِ تهان، تئن اَنل نه چکِيئُو.

اِهه پانت ڀيانڪ اُدَر مِ،

اُدَر نه ڪَبهُون ڇنڇَرءِ،

ڪرسن ڪرپال ڪبير ڪهه،

اِمِ پرتِ پالن ڪِيوُن ڪَرءِ؟

ارٿ:- جنهن پرڀوءَ پيٽ جي اندر رَج ۽ ويرج مان شريِر ٺاهيو ۽ ڪَن، هٿ پير وغيره عضوا ٺاهيا، اَنَ پراڻ وٺا ۽ مُکه ۾ جڀ ڏني. جنهن مٿي پير ۽ هيٺ مٿو رکي پيٽ ۾ ڏهه مهينا لٽڪائي رکيو ۽ جتي اَن ۽ پاڻي به جليو وڃن اهڙي جنر اگنيءَ (پيٽ جي باهه) جي توکي لهس به اچڻ نه ڏني ۽ وري توکي ڪڍهن به ٻکايل نه رکيو. ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته ڪرشڻ اهڙو ئي ڪرپالو آهي، اَن وانگر پالڻ پوشڻ ٻيو ڪير ڪري سگهندو؟

—○—

پرين سڃاڻڻ جو انگ

١٦٨. سمپٽ مانهن سمائيا، سو صاحب نهين هوءِ،
سڪل ماند مئن رم رهيا، صاحب ڪهئي سوءِ.

ارٿ:- جيڪو ڳجهو آهي، وياپڪ نہ آهي، اهو سوامي ٿي نٿو سگهي. پر سچو صاحب اهو آهي جو ساري برهمانڊ (وشو) ۾ هر هند وياپڪ آهي.

١٦٩. جا ڪئي منهن ماٿا نهين، نهين روپڪ روپ،
پهپ واس ٿئين پاتلا، ائيسا تت انوپ.

ارٿ:- نہ جنهنکي منهن، نہ متو، نہ روپ نہ رنگ، گلن جي سڳنڌ کان بہ جيڪو جهيڻو (سوکم) آهي، لاثاني تت آهي، هو سوامي.

سامرٿي جو انگ

١٧٠. جسهہ نہ ڪوئي تسهہ تون،
جس تون تس سب ڪوءِ،
درگهہ تيري سائيان، نام هرو من هوءِ.

ارٿ:- هي پريو! جنهن جو ڪو وسيلو نہ آهي تو وسيلو تون آهين، ۽ جنهن جو تون آهين انجو هر ڪو

ٻانهن ٻيلي آهي. هي سائين تنهنجي دربار ۾ هلڪو به مٺ (ڳورو) ٿيو پوي.

١٧١. سات سمنڊ کي مس ڪروُن،
ليکڻ سڀ ٻنراءِ،
ڌرتي سڀ ڪاگد ڪروُن،
تئو هر گڻ لکيا نه جاءِ.

ارٿ:- جيڪڏهن ست ئي سمنڊ ڪري مس بڻايان ۽ سڄي دنيا جي وڻن مان قلم ڪري ٺاهيان ۽ سڄيءَ روءِ زمين کي ڪاغذ ڪري، پڳوان جا گڻ لکڻ وهان ته به انجا گڻ مڪمل طرح هوند نه لکي سگهان.

١٧٢. سائين ميرا ٻاڻيان، سهج ڪرءِ وياپار،
بن ڏانڊي بن پالڙءِ، تولئه سڀ سنسار.

ارٿ:- منهنجو سائين واڻيو آهي جو سهج (سڌو سنئون ۽ ايمانداريءَ جو) واپار ڪري رهيو آهي. هو بنان ترازيءَ جي ئي سڄي دنيا کي پيو توري يا پرکي.

شبد جو انگ

١٧٣. ست گر ايسا چاهئي، جئسا سڪليگر هوءِ،
سبد مسڪلا ڦير ڪر، ديهه درپن ڪرءِ سوءِ.

ارٿ:- ست گرو اھڙو ھُنر گھرجي جھڙو قلعي گر، جو شبد روپي قلعي چاڙھي شرير ۽ مَن کي آرسيءَ وانگر اوجل ڪيو ڇڏي، يعني پنھنجي سَتُ اُپديش سان نرمل ڪري ڇڏي.

١٧٤. جُون جُون ھَرِ گُڻَ سانڀِرَئُون،
تيُون تيُون لاگئه تيِرَ،
لاگئه ٿي ڀاگا نَھين، ساھَڻَ ھار ڪبير.

ارٿ:- جيئن جيئن ھريءَ جي گُڻَنَ کي ياد ٿو ڪريان تيئن تيئن پيا تير لڳن (دل تي اثر ڪن) پر چوٽ لڳڻ جي ڪري ڪان ڀڄِي ڪين ٿا ڀڄن. سھڻ جي شڪتي بخشڻ وارو وڏو آھي. يا جيڪو سھي ٿو سو وڏو (ڪبير) ٿو ليکجي.

(نوٽ:- "مرڻان اڳي جي مُئا" جو اُنگ پڪتيءَ واري اڏياءَ ۾ اچي ويو آھي.)

پربت ۽ سنبھ جو انگ

١٧٥. ڪُمودني جَل ھَرِ بَسئه، چندا بَسئه آڪاس،
جو جاھي ڪا ڀاوَتا، سو تاھي ڪئه پاس.

ارٿ:- ڪُمودني (چنڊ کي ڏسي ٽڙندڙ ڪونئيءَ جو گل) تہ پاڻيءَ ۾ وسي ٿي ۽ چندرما آڪاش ۾ رھي ٿو، پر جو جنھن سان پريم ڪري ٿو سو اُن وٽ اچو پھچي. يعني چانڊوڪيءَ جي چوڻ سان ئي ڪونئيءَ جو گل ٽڙيو پوي.

سور وير جو انگ

١٧٦. ڪُوڙَئُون پَڙِيا نه ڇُوٽِيو، سُڻ ري جيِو اَبُوجهَه،

ڪيِڙ مَرِ مَئدان ۾، ڪَرِ اِندِرِيان سُون جهُوجهَه.

ارٿ:- هي اگياني جيو، ڪنڌ ۾ لڪي وهڻ سان ڪو ڇوٽڪارو يا مڪتي ڪانه ملندءِ. ڪالهي ميدان ۾ (اندرين سان) لڙائي ڪندين، توکي دوت (جيئري مرڻ) قبول ڪرڻو آهي.

١٧٧. سُوُرءَ سارَ سنَباهِيا، پَهَرِيا سَهَجَ سَنجوگَه،

اَب ڪَئه گيانَ گَيَندَ چڍِ، کيتَ پڙَنَ ڪا جوگَه.

ارٿ:- ساڌنا ڪندڙ سور بير، هٿيار بونهار پهري، سهج روپي زره ڌاري، لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو آهي. هو خيال پيو ڪري ته هاڻ گيان روپي هاٿيءَ تي چڙهي، لڙائي ڪندي ميدان ۾ مرڻ جو جوڳ اچي پهتو آهي.

١٧٨. سُورا ٽَبَ هي پرکئي، لَڙَءِ ڌَڻي ڪَئه هيتَ،

پُرِزا پُرِزا هوءِ پرءِ، تَئُو نه ڇاڙءِ کيتَ.

ارٿ:- سچي بهادر جي انهيءَ ۾ پرک آهي جو هو پنهنجي مالڪ لاءِ لڙائي ڪندي، لڙائيءَ جو ميدان نه ڇڏي، ڀلي پاوين سندس بدن ٽڪرا ٽڪرا ڇو نه ٿي پوي.

١٧٩. جِس مَرَنَئن ٿَئن جَگه ڏَرءِ، سو ميري آنند،

ڪَبَ مَرِهُون ڪَبَ ديکهِ هُون، پُورن پرمانند.

ارٿ:- جڏهن مرڻ ڪان هيءَ سنسار ڊڄي ٿو، اهو مون لاءِ آنند جو ڪارڻ آهي. مونکي هاڻ ڏاڍي تڪڙ لڳي آهي ته ڪڏهن مرندس ۽ ڪڏهن اُن پورڻ برهم، پرمانند جو ديدار ڪندس.

١٨٠. ڪايَرَ بهُتَ ڀڄاوَهِين، ٻَهَڪِ نہ بولَئہ سوُرَ،
ڪام پَڙِيان هِين جاڻَئِي، ڪِسَ ڪِي مُکہ پر نوُرَ.

ارٿ:- ڪائر ڏاڍيون ٻٽاڪون هڻندا آهن، پر جيڪي سچا سوربير آهن سي ڪنهن ڳالهه جو وڏاءُ ڪين ڪن. ڪم پوڻ تي (لڙائيءَ جي ميدان ۾) ئي ڪل پوندي ته ڪنهنجي پيشانيءَ تي سائينءَ جو نور ٿو جهلڪا ڏئي.

١٨١. ڀَڳتِ ڏهيلي رام ڪي، جئسي اَگَنِ ڪي جهالَ،
ڊاڪ پَڙِي ٿي اوُبَڙي، داڌءِ ڪوُ تَڪہ هارَ.

ارٿ:- باهه جي جهيءَ مثل رام جي ڀڳتي ڏاڍي ڏکي آهي. جي ٽپو ڏيئي پار پيا سي ته بچي ويا، باقي جن بازيگرن وارو ڏيکاءُ ڪيو سي ان ۾ جلي مئا.

١٨٢. جي هارِيا تَئہ هَرِ سَوان، جِي جِيتا تَو داوَ،
پار برهم کوُن سيوَتان، جِي سِرَ جاءِ تہ جاوَ.

ارٿ:- هي سادڪ، پرڀوءَ جي سادنا ڪندي جي هارائيندين، ته به سائينءَ جهڙي سمرٿ هستان ۽ جي کٽيندين ته داءُ هٿ ايندءِ. انهيءَ ڪري پار برهم جي سيوا ڪندي جي سر وڃي ته گهوري ڇڏ.

۱۸۳. سَتي پُڪارءِ سَلِ چَڍي، سُنَ ري مِيتَ مَسان،
لوڳَہ بَنائُو چَلِ گَيي، هم ٻُجهَ رهي نِدانَ.

ارٿ:- سنجهہ روپي چتا (ڪاٺي) جي آگ ۾ ويٺل آتما روپي ستيءَ پڪار ڪري چيو تہ هي مسان (ساڌنا جا ميدان)، هاڻ اچي تون ۽ مان ٻچا آهيون. ٻيا تہ سڀ هيستائين سانڍي هوا.

۱۸۴. ڪبير هَرِ سَبَ ڪوُن ڀَجَئہ،
هَرِ ڪوُن ڀَجَئہ نہ ڪوءِ،
جب لَگَہ آس سَرِيرِ ڪي، تَبَ لَگَہ داس نہ هوءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ، پرڀو تہ سڀني کي ياد ڪري، پر پرڀوءَ کي ڪوبہ ياد نٿو ڪري. جيستائين هن شرير ۾ موهہ لڳو پيو آهي ليستائين ڪوبہ سائينءَ جو داس (ٻانهو) ٿي نہ سگهندو، مايا جي ٿي موهہ ۾ لڳو پيو هوندو.

ڪال جو انگ

۱۸۵. ڪال سِهاڻَئہ يوُن ڪَرَا، جاڳَہ پِياري مِيتَ،
رام سَنبهي باهِرا، توُن ڪيوُن سوءِ نِچِينتَ.

ارٿ:- ڪال سيرانديءَ کان بيهي سڌ ڪري چئي رهيو آهي تہ هي متر، اٿي جاڳ. فقط رام جا پريمي ٿي

منهنجي وس کان ٻاهر آهن. (۽ تون رام جو ڀڳت ته آهين ڪين) ٻوءِ ڇو ٿي اونو ٿيو سمهيو پيو آهين.

١٨٦. آڄُ ڪَهئہ ڪِهه ڪالهہ ڀَڄوُنگا،

ڪالهہ ڪَهئہ ڦِرِ ڪالهہ،

آڄُ هي ڪالهہ ڪَرَنتَڙا، اوُسَرَ جاسي چال.

ارٿ:- هي جيو! اڄ چوين ٿو ته سڀاڻي ڀڳوان جو ڀڄن ڪندس، سڀاڻي ٿي وري ٻئي ڏينهن لاءِ ٽاريں ٿو. اهڙيءَ ريت اڄ ۽ سڀاڻ ڪندي، سڄي عمر گذري ويندي.

١٨٧. ڪبير پَلَ ڪي سُڌِ نهين، ڪَرَءِ ڪالهہ ڪا ساجَ،

ڪالَ اَچنتا جهڙپسي، جوُن تيتَرَ ڪو بازَ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته، جيو کي هڪ پل جي به خبر نه آهي ته ڇا ٿيندو، سو لڳو آهي سڀاڻي جا سامان جوڙڻ. ڪيس ڪل ٿي ڪانه ٿي پوي، ته ڪال اوچتو اچي جهپو هڻندو، جيئن تتر کي باز هڻي.

١٨٨. دَوُن ڪي داڌي لَڪَڙي، ٺاڍي ڪَري پُڪارَ،

مَتِ بَسِ پڙوُن لُهارَ ڪي، جالَئہ دوُجي بارَ.

ارٿ:- جهنگل جي باهہ ۾ سڙيل ڪاٺي، پڪارون ڪري بيٺي چوي ته شل وري ڪنهن لوهار جي وَر نه چڙهان، نه ته مونکي پيو پيرو به جلڻو پوندو. يعني ته هي جيو هڪ ته مايا جي باهہ جو جليل اڳي ئي آهي، مٿان جم جي باهہ بيٺي پڪاريس.

١٨٩. مَندِرَ مانهِن جَهبُوڪَتي ، ديوا ڪَئسي جوتِ ،
هَنسَ بَتائُو چَلِ گَيا ، کاڍوُ گهرَ ڪي ڇوتِ .

ارٿ :- جنهن سندري ۽ ڀيٺڃي محل ۾ ڏيئي جي جوت وانگر پئي جهلڪا ڏنا، اُنهو آتما روپي مسافر يا هنس جڏهن اڏامي ويو، تڏهن هر ڪنهن ٿي آکيو تہ گهر جي ڇوپ هٽايو ۽ جلد ٿي هنکي مساڻن ۾ ڪڻي وڃو.

١٩٠. سُکہ ساگـــر ۾ آئکي مَتِ جـا ري پياسا ،
اَجهوُ سَمُجهہ نَرَ بــاوري ، جَمَ ڪَرَتَ ترِاسا .
نرمل نير ڀري تيري آگي، پي لي سُوانسو سُوانسا،
مِرگہ ترِشنا جل ڇانڊ باوري، ڪرو سُدارس آسا.
ڌُروُ پرهلاد شُڪديـو پيا، اوُر پيا رئے داسا ،
پريم هِہ سنت سدا متوالا، ايڪ پريم ڪي آسا.
ڪهئہ ڪبير سُنو ڀائي ساڌو، مِٽ گئي ڀيہ ڪي باسا.
ترِاسا = دک . سُدارس = امرت.

سماپت

ڀارت سرڪار جي پسنديءَ ۽ مدد سان ڇپايل

سُندر سنڌي ڪتاب

١. شري رامڪرشن امرت ڪٿا
(ليکڪ شري مهيندر گپتا -
ترجمان شري ميلارام واسواڻي) ختم ٿي ويل
ڪي ٻه پريمي ڇپائڻ چاهين ته لکپڙهه ڪن

٢. جڳت گرو وويڪانند - چترن سان
(ليکڪ شري ٻريداس برهمچاري)
ڪتاب جي هرڪو ساراهه پيو ڪري
پاڻي جو جلد ٢-٢٥، ڪپڙي جو جلد ٢-٥٠ روپيه

٣. ڀارت درشن - ڀاڱو پهريون ۽ ٻيو
(ليکڪ شري فتحچند واسواڻي)
پهرئين ڀاڱي لاءِ ڀارت سرڪار ٻارن جي
چٽاڀيٽيءَ جي ڪتابن ۾ انعام ڏنو آهي
قيمت هرهڪ ڀاڱو ١-٥٠ ،،
ڀارت درشن ڀاڱو پهريون ديوناگريءَ
۾ به موجود آهي.

٤. شاهه جو چونڊ ڪلام - سچي رسالي
جو نچوڙ - سمجهاڻيءَ سان
(ليکڪ شري فتحچند واسواڻي) ٣-٥٠ ،،

٥. هندي انگريزي سنڌي ڊڪشنري
(ودوان هن جي ساراهه ڪري رهيا آهن.
هرهڪ وديارٿي، ليکڪ ۽ سڪول ۾
هئڻ لائق) ١٠-٠٠ ،،

٦. ڀڳت ڪبير:- اوهان جي هٿن ۾ آهي. ٣-٥٠ ،،

٧. جواهر درشن - ليکڪ ديوچندر ايم. اي. (پريس ۾)

ملڻ جو هنڌ:-

سندر ساهتيه پبلشنگ هائوس، نواب ڪا پيڙا، اجمير.

Printed by Mellaram M. Vaswani at the Sunder Printing Press,
Kaiser Gunj, Ajmer
and Published by him on behalf of Sunder Sahitya
Publishing House, Ajmer.